آئينو


(سماجڪ ڪھاڻيون)



ايم.ٽي. پاٽيه -

آئينو

(سماجڪ ڪهاڻيون)



-ايم.ٿي. پاٿيم

فهرست

AAINO
Samajik Kahaniyan

First Edition
2012-13

By:
M.T. Bhatia
508/25, Bhang Bawdi,
Asha Ganj, Ajmer

Phone:
0145-2460766

Mobile:
9413950228

Price:
100/-

Cover Design By:
Prahalad Karamvani

Publisher:
Naraindas Sindhi
Parvati Printing Press
180/6, Shanti Nagar
Ajmer (Rajasthan)

Phone: 0145-2460231
Mob: 9828080154

آئينو
(سماجڪ ڪهاڻيون)

ڇاپو پهريون
٢٠١٢-١٣

ليکڪ
ايم.ٽي. ڀاٽيہ
508/25، ڀانگ باوڙي،
آشاگنج، اجمير
فون:
0145-2460766

موبائل:
9413950228
قيمت:
100/-
ڪور ڊزائين:
پرهلاد ڪرمواڻي

ڇپيندڙ:
نارائڻداس سنڌي
پاروتي پرنٽنگ پريس
180/6، شانتي نگر
اجمير (راجستان)
فون: 0145-2460231
موبائل: 9828080154

هن ڪتاب جي ڇپائڻ ۾ راجستان سنڌي
اڪادمي، جئپور پاران مالي امداد مليل آهي.
हिन किताब खे छपाइण में राजस्था सिन्धी अकादमी, जयपुर
पारां माली इमदाद मिलियल आहे।

آهيان سنڌي پار ايسرسنگهہ بيدي، اجمير جو جنهن مونکي ڪتاب ڇپڻ ۾ سهيوگ ڏنو. هيءَ مان ڪتاب ”آئينو“ جي نالي سان ڇپيو آهي. مان هتي پنهنجي ڌرم پتني سرگواسي ليلا ٻاٽيا، جنهن جي مونکي سندس جيئري مليل همٿ جي سهاري قلم هلائي رهيو آهيان. عمر وڌندي ٿي هلي پر قلم ڇڏيندي دل نٿي ٿئي. دل چوي ٿي تہ جيستائين مالڪ توفيق ڏئي، سنتن مهاتمائن جي آسيس رهندي اچي تہ مان پنهنجو قلم هلائيندو رهندس. سنڌي ٻوليءَ جي سيوا ڪندو رهندس.

مان شڪرگذار آهيان راجستان سنڌي اڪاڊمي، جئپور جو جن هن ڪتاب کي ڇاپڻ ۾ مالي مدد ڪئي آهي.

مان شڪرگذار آهيان شري پهرلاد راءِ ڪرموانيءَ جو جنهن هن ڪتاب جي ڊزائين ٺاهي آهي.

-ايم.ٽي. ٻاٽيہ، اجمير

پڙاڏو

هن وقت ڏٺو وڃي تہ سنڌي ٻولي لکڻ، پڙهڻ هٿان مان
نکرندي ٿي وڃي. سنڌي ٻوليءَ کي اسان ائين هلائي رهيا
آهيون، جيئن ڪنهن مريض کي آڪسيجن تي هلايو ويندو
آهي. اهو حال هر ڪنهن پڙهيل لکيل سان ٿيو آهي پر وڏيڪ
ليکڪ جو ٿيو آهي. ليکڪ پنهنجي عادت کان مجبور آهي
چاڪاڻ تہ لڳن ڇڏي ٿو ڏئي تہ سنڌي من نٿو رهي، وري قلم
کڻي لکڻ شروع ٿو ڪري .اڄ جي ٻار جو چاهہ انگريزي لکڻ ۽
پڙهڻ تي گهڻو آهي. هن کي پنهنجي ٻوليءَ جي چاهہ ڪونہ
آهي. حالت اها ٿي آهي جو ليکڪ بہ هو پاڻ آهي تہ پاٺڪ بہ
پاڻ آهي. گهر ۾ سنڌي ڳالهائڻ جو واسو بہ ڏيري، ڏيري وڃيٿو
گهٽندو. گهر ۾ ٻار بہ اما-بابا جي بجاءِ چوندا آهن، ڊئڊ-مام.
هاڻي مون وٽ گهڻا ئي ڪتاب سمالوچنا جي لاءِ ايندا آهن.
اُهي گهڻو ڪري شاعريءَ تي هوندا آهن ١٠ ۾ ٢، ٣ ڪتاب
ڪهاڻين ۽ ناٽڪن تي هوندا آهن پر ٻارن جي ساهتيہ جو
ڪتاب ڪونہ ايندو آهي. هيءَ منهنجو ١٣ ڪتاب آهي، جن
مان هيءَ ٽيون ٻارن جي ساهتيہ تي لکيل آهي. مان شڪرگذار

٧٨ سالن جي عمر ۾ ميهر جي زال جو موت ٿيو. اڄان هڪ مهينو نيلوڪي مئي به ڪونه ٿيو هو. ميهر کي وڏو ڪٽنب هو. ڌيئر، ڏوهٽا، ڏوهٽيون، پوٽيا، پوٽيون ۽ انهن جي پڻ اولاد. ڪيس پٽ ڪونه هو. هن جي گهر ۾ سڀ ڪجهه هو پر اڃ هو ايترو ته بي چئن هو، جو هن کي ڪجهه به مٺو ڪونه ٿي لڳو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ته سڀيئي هليا ويندا. سيني جي وڃڻ کان پوءِ هو اڪيلو ڪيئن رهندو؟ ميهر ڪافي دير تائين سوچيندو رهيو ۽ روئندو رهيو. انهي وقت سندس پٺي تي ڪنهن هٿ رکيو. هن پنهنجو سر مٿي ڪيو ته ڏٺائين سندس ڌيءَ چاندني بيٺي آهي.

"هيءُ ڇا ڊئڊي؟ توهان وري روئڻ لڳا." سندس ڌيءَ چاندنيءَ چيو.

ميهر پنهنجي ڌيءَ جي طرف ڏٺو. چاندني جي اکين ۾ پڻ پاڻي هو. هن کي پنهنجي ماءُ جي وڃڻ جو ڏک هو. چاندني کي پنهنجو ڪٽنب آهي ته نوڪري به آهي. ماءُ جي ياد هن لاءِ هڪ زندگي جو حصو آهي پر هن جي زندگي ناهي. ائين سوچي ميهر وري روئڻ لڳو.

"ڊئڊي!" چاندني پيءُ جا ڳوڙها اگهندي چيو، "مان توهان کي انهي ڪري چوان ٿي ته توهان اڪيلا ڪونه رهي سگهندا. اسان سان گڏ هلو. اڪيلائيءَ ۾ توهان جي سار سنڀال ڪير ڪندو؟ اسان ته سڀاڻي هليا وينداسين. منهنجي ته مجبوري آهي. توهان ته سمجهي سگهو ٿا. منهنجي موڪل پوري ٿي رهي آهي. وري ٻارن جي پڙهائي جو نقصان ٿي رهيو آهي. مون کي هر وقت توهان جي چنتا لڳي رهندي. توهان گڏ رهندا ته چنتا ڪونه رهندي."

ميهر پنهنجا ڳوڙها اگهندي پنهنجي ڌيءَ چاندنيءَ جي طرف ڏٺو. ميهر سمجهي رهيو هو ته چاندني ڪڏهن به ڪوڙ ڪونه ڳالهائيندي آهي. هن کي منهنجي چنتا آهي. پر هو پنهنجو گهر ڇڏي ڪيڏانهن وڃي؟

اهڙين حالتن ۾ ميهر به گذريو هو. جنهن وقت سندس پيءُ جو موت ٿيو هو. انهي وقت ميهر ساڳيا اکر پنهنجي ماءُ کي چيا هئا، جيڪي چاندني پنهنجي پيءُ کي چيا هئا. سندس ماءُ هميشه لاءِ هن وٽ رهڻ لاءِ تيار ڪونه هئي. مرڻ گهڙيءَ تائين هوءَ پنهنجي گهر ۾ رهي، ميهر جي ماءُ هميشه ميهر

ٻڍاپي جو اڪيلو سفر

"هڪڙي ڏينهن منهنجي ٻنان رهندي پتو لڳندءِ تہ زال ٻنان رهڻ ڪيئن ٿيندو آهي؟ توکي اهو بہ پتو لڳندو تہ تنهنجون عادتون ڪيتريون نہ بگڙيل آهن." نيلو سهج سڀاءَ ۾ چيو.

"ڪهڙيون منهنجون عادتون بگڙيل آهن؟" ميهر چيو.

"هندستاني مردن جي اها مشڪل ڳالهہ آهي شاديءَ کان پهريائين ماءُ هن جي عادتن کي ٿي زوروٺائي ۽ شاديءَ کان پوءِ زال. انهي ڪري مردن کي سني ۽ خراب عادتن ۾ فرق جو پتو ڪونہ لڳندو آهي جيڪڏهن هن دنيا مان پهريائين مان هلي ويس تہ پوءِ تہ توکي پتو پوندو تہ مان صحي چوندي هيس." نيلو کلندي چيو.

"تون تہ هميشهہ صحي چوندي آهين." ميهر شرارت سان چيو "پر توکي پهريائين وڃڻ ڪير ڏيندو؟ مون کان پهريائين تون وڃي نٿي سگهين."

نيلو جي ائين چوڻ تي ميهر هميشهہ مسڪرائيندو رهندو هو. پر پوءِ سوچ ۾ پئجي ويندو هو تہ ڇا هو نيلو کي پاڻ کان اڳ ۾ هن دنيا مان وڃڻ کان روڪي سگهندو؟

نيلو جي پوشيہ واٽي صحي نڪتي.

ميهر روئندو، روئندو پنهنجو سر ڪرسيءَ تي رکندي چيو، "اُف نيلو توکان سواءِ ڪيئن جيئندس...... ڪيئن گذرندي باقي رهيل زندگي........

جڏهن تن، من ۽ ڌن ٿيئي مون وٽ هئا تہ تون مونسان گڏ رهئينءَ؟ پر هن عمر ۾ اهي ٿيئي شيون ڇڏي رهيون آهن تہ تون بہ مونکان پاسو ڪري وئينءَ. ڪنهن جي سهاري مونکي ڇڏي ويئي آهين؟ منهنجو صبح کان شام تائين هڪ، هڪ پل توسان جڙيل هو. تنهنجو ناراض ٿيڻ، بڪ، بڪ ڪري غصو ڪرڻ، پيار ڪرڻ اهي سڀئي اڄ سنا ٿا لڳن. تون سڀئي طرح اڇي ڪري چو نہ ٿي مون تي ناراض ٿين؟ چو نہ ٿي غصو ڪرين؟"

چانڊني چپ ٿي ويئي. هوءَ پيءُ جي مرضي جي برخلاف وڃڻ نٿي چاهيو ۽ نه وري هن کي دکي ڪرڻ ٿي چاهيو. ٻئي ڏينهن چانڊني ٻار سوڌو هلي ويئي. وڃڻ کان اڳ هوءَ روئي واري ۽ ٻين ڪم ڪندڙ زالن کي پيءُ لاءِ پارت ڪري ويئي.

چانڊني جي وڃڻ کان پوءِ خالي گهر ميهر کي کائڻ پئي آيو. نيلو جون يادگيريون هن کي بي چئن ڪري رهيون هيون. هن جي من پئي چاهيو ته ڪڏ تان ٽپو ڏيئي ڪري جيون ليلا سماپت ڪريان. جيون ڀر زندگيءَ ۾ رڌل رهڻ کان پوءِ هاڻي ته نيلو کي آرام جا پل مليا آهن. پر نيلو ايترو جلدي زندگي جي هار قبول ڪري ورتي. هوءَ هلي ويئي. ميهر خود کان پڇڻ لڳو ته مان جيئان ته ڪنهن جي لاءِ جيئان ۽ ڇو جيئان؟

ميهر جو من ٿيو ته هڪ ڪوپ چانهه جو ٺاهي وٺان. نيلو جي هوندي ميهر ڪڏهن شونق سان چانهه ٺاهيندو هو. ميهر کي چانهه ٺاهڻ کان سواءِ گرهست جو ڪوبه ڪم ڪين ايندو هو. ميهر اُٿي ڪري رنڌڻي ۾ ويو. هن چانهه ۾ کير وجهڻ لاءِ کير جو برتن کوليو. هن ڏٺو ته کير ڦٽي ويو آهي. چاڪاڻ ته کير گرم ڪري ڪونه رکيو هئائين. هو ڪاري چانهه ڪوپ ۾ وجهي ڪري ٻاهر ورانڊي ۾ پي رهيو هو. هو ڪافي وقت تائين ورانڊي ۾ ويٺو هو. روٽي واري شام جي رٽي ٺاهي رکي ويئي. هن سبزي گرم ڪئي ۽ مشڪل سان هڪ ڦلڪو کاڌو. بچيل کاڌو فرج ۾ رکي ڪري وڃي ڪمري ۾ ليٽيو.

جنهن وقت ميهر سمهڻ لڳو ته کيس ياد آيو ته سڀئي بتيون وسايون اٿم يا نه. دروازا بند ڪرڻ وسري ته ڪونه ويا آهن. اهو سڀئي ڪم نيلوءَ جو هوندو هو. ميهر اهڙا ڪم ڪڏهن به ڪونه ڪيا هئا. چاڪاڻ ته هن سڄي زندگ ي نوڪري کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪم ڪونه ڪيو هو. گهر جو ۽ ٻار جو ڪم سڀ ڪجهه نيلو ڪندي هئي.

پاسا بدلائيندي، بدلائيندي ميهر کي ننڊ اچي ويئي. صبح جو گهنٽي وڄڻ جو آواز آيو. هن جي اک کلي ويئي. نيلو جي وڃڻ کانپوءِ ميهر پهريون دفعو اڪيلو هو ۽ اُٿي ڪري کير ورتو.

جي ڳالھ ٿاري ڇڏيندي هئي ۽ ڪيس چوندي هئي، "پٽ! مان تو وٽ ايندس. هن وقت منهنجو من هتان گهر ڇڏڻ لاءِ بلڪل تيار ڪونہ آهي. هتي پنهنجا مٽ مائٽ آهن. سڄي عمر هن گهر ۾ گذاري آهي. تنهنجي پيءُ جون يادگريون هن گهر سان جڙيل آهن. مان ڪيڏانهن وڃان هن گهر کي ڇڏي؟ ڪجھ مهينن کان پوءِ مون کي وٺڻ اچج. مان توسان گڏ هلندس."

پر منهنجي ماءُ هميشھ مون سان گڏ نہ رهي. هوءَ ٿورن ڏينهن لاءِ ايندي هئي وري واپس وڃڻ لاءِ رٽ لڳائي ڇڏيندي هئي. منهنجي گهر ۾ منهنجي ماءُ جو من گهٽن ڏينهن لاءِ ڪونہ لڳندو آهي. جيتوڻيڪ ڪيس منهنجي گهر ۾ سڀ سک هئا. مون پنهنجي ماءُ جي چڱي طرح پر گهور لڌي. جيستائين هوءَ جيئري هئي، ساڻس گڏ رهي ڪري نہ، پر پري رهي ڪري ڪئي. اڄ ڪجھ اهڙيون يادگريون ۽ حالتون من جي پاونائن سان گڏ ميهر پنهنجي ڌيءَ چانڊني جي سامهون بينو هو ۽ ڌيءَ کي چوڻ لڳو، "پٽ، تون هاڻي ٿورو من شانت ٿيڻ ڏي. ٿورو دل جو زخم پرجي. بدليل حالتن کي دل دماغ سان قبول ڪرڻ ڏي، ڪجھ گهر جي باري ۾ سوچڻو پوندو. اڪيلو گهر ڇڏڻ نيڪ ناهي. ڪجھ گهر جو پربنڌ ڪرڻو پوندو."

چانڊني پيءُ کي چيو، "اهو سڀ ڪجھ مون تي ڇڏي ڏيو. گهر جو بندوبست مان ڪري ڇڏيندس. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ وري موڪل وٺي ڪري اچي ويندس. تيستائين گهر مسواڙ تي ڏيئي ڇڏيون."

گهر مسواڙ تي ڏيڻ جي ڳالھ ٻڌي ڪري ميهر کي ڌڪو اچي ويو. ڪيس ائين پئي معلوم ٿيو تہ نيلو سان گڏو گڏ سندس وجود کي ڪو کسي رهيو آهي. هن گهر جي اهميت جڻ اچانڪ ختم ٿيڻ جي دل ۾ سرڪٽي رهي آهي. ميهر سوچڻ لڳو تہ سندس هيءُ گهر جڙ آهي جتان هو نڪري ڪري مري ويندو. ڪجھ وقت چپ ڪري ميهر چيو، "مان خود ڪونہ ڪو بندوبست ڪري ڇڏيندس. مان گهر مسواڙ تي ڏيڻ نٿو چاهيان. تون تہ منهنجي پٽ برابر آهين. تون منهنجي ڌيءَ نہ پر پٽ آهين. مان تو وٽ ايندس. مان تو وٽ نہ ايندس نہ ٻئي ڪنهن وٽ ويندس. پر مان ٿورو وقت هتي اڪيلو گذارڻ ٿو چاهيان."

پڻ جو خيال ڏيري، ڏيري پيرجڻ لڳو. سندس زندگيءَ جي ڌارا جو رستو ٻه بدلجي ويو.

ميهر وٽ پنهنجي ڌيءَ جون ٽيليفونون ايندي يون هيون. هو هڪ ڏينهن پنهنجي ڌيءَ وٽ ويو. ميهر جي ڌيءَ ۽ سندس ٻار ناني جي شبوا ڪرڻ لڳا. پر هن کي ڌيءَ وٽ رهڻ جو مزو ڪونه پي آيو. هن کي ڌيءَ وٽ اڪيلائي کائڻ لڳي. سندس ڌيءُ ۽ ناٺي نوڪري تي ويندا هئا. ٻار اسڪول ويندا هئا. هو اڪيلو گهر ۾ ڪم ڪندڙ مائي جو ڪم پيو ڏسندو هو ۽ هو به ڪم ڪري هلبون ويندي يون هيون. هن لاءِ وقت گذارڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو. ڪيس صرف ٻه ڏينهن ڇنڇر ۽ آرتوار گهر ۾ رونق ڏسڻ ۾ ايندي هئي. باقي پنج ڏينهن اڪيلو گهر ۾ وينو هوندو هو. گهر وارن جو کائڻ، پيئڻ، اُٿڻ جو ڍنگ پنهنجو هو. اينري قدر جو سندن سمهڻ جو وقت به پنهنجو هو. ميهر پاڻ کي ڌيءُ وٽ بي آرام سمجهڻ لڳو. هن لاءِ گهر کان ٻاهر نڪرڻ به ڏاڍو مشڪل هو ڇاڪاڻ ته هڪ ته وڏو شهر ۽ ٻيو اڪيلو هو. ٻنهي ڳالهين جي ڪري هو ٻاهر گهمڻ ڪونه نڪرندو هو. سڄو ڏينهن گهر ۾ قئدين وانگر گهر ۾ قئد وينو هوندو هو. هفتي کانپوءِ ميهر گهر واپس وڃڻ لاءِ ڌيءُ کي چيو.

ٻارن ڪيس چيو، "ناناجي! اينرو جلدي واپس وڃڻ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ ڇا توهان کي ڪا تڪليف آهي؟"

ميهر چيو، "مون کي ڪا به تڪليف نه آهي. مان هتي ڏاڍو مزي ۾ آهيان. مان جنهن وقت پاڻ کي اڪيلو سمجهندس ته وري توهان وٽ ايندس." هن ٻارن جي هڪ ڳالهه به ڪونه ٻڌي. چانڊني پيءُ جي ڳالهه سمجهي ويئي.

ميهر پنهنجي اڪيلائي کان پري رهڻ جو جيڪو رستو ڳولهيو هو سو صحي هو.

گهڻئي ماڻهو ٻي شادي ڪندا آهن، پر اها ڳالهه به ڪنهن جي وس جي ڪونه آهي. ڇاڪاڻ ته هن عمر ۾ ڪنهن اجنبي سان گڏ شاريرڪ يا مانسڪ حالتن ۾ گڏجڻ يا ملڻ سولو ڪونه آهي. وري هر ڪنهن کي زندگيءَ ۾ هر ڪنهن کي پنهنجا، پنهنجا مسئلا ٿيندا آهن.

بيڊ تي پيئڻ واري ميھر تالو کوليو. ھن کي کيروٽڻ ڏاڍو ڏکيو پي لڳو. کير گئس تي گرم ڪرڻ لاءِ رکيو. پاڻ سنان ڪرڻ ويو. ھو واپس آيو تہ ڏٺائين کير اڀامي رھيو ھو ۽ وھي رھيو ھو. ھن چانھہ جو ھڪ ڪوپ ناھيو ۽ ورانڊي ۾ چانھہ پيئڻ لڳو ۽ اخبار بہ پڙھڻ لڳو. اخبار پڙھندي، پڙھندي سندس دل ۽ دماغ ٻئي پٽڪڻ لڳا. نيلو جي زنده ھوندي ھن ڪڏھن بہ پنھنجي طبيعت جو خيال ڪونہ ڪيو ھو. ڪھڙي شيءِ کائڻ لاءِ ڏيٽي آھي؟ يا ڪھڙي شيءِ کائڻ لاءِ نہ ڏيٽي آھي؟ انھن سڀني ڳالھين جو ڌيان نيلو رکندي ھئي. ھاڻي سڀني ڳالھين جو ڌيان ميھر کي خود رکڻو آھي. ميھر جا ڏينھن جھڙا تھڙا گذرڻ لڳا. رکيل کاڌو کائڻ يا گھر جي بندوبستگي سان گڏو گڏ، ڏيري ڏيري ھو گھر جي حالتن سان سمجھوتو ڪرڻ لڳو. ھو پاڻ گھر جا گھٽا ڪم ڪرڻ بہ سکي ويو. پر ھن جو من ڏاڍو دکي ھو، ڇاڪاڻ تہ ھو پريم سان ڇھڻ، پريم سان ڳالھيون ڪرڻ يا ٻڌڻ لاءِ پيو تڙقندو ھو.

ڪجھہ وقت کان پوءِ ميھر پنھنجي سرونٽ ڪوارٽر ۾ ھڪ پريوار کي رکيو. پريوار ۾ زال، مڙس، ٻہ ٻارڙيءَ پٽ ھئا. ھو پاڻ ۾ ڪل چارياتي ھئا. مڙس نوڪري ڪندو ھو. زال گھرن جو ڪم ڪندي ھئي. ھن پريوار اچڻ سان، گھر جون ڪجھہ سمسيائون گھٽ ٿيون. مائي سڄو ڪم گھر جو ڪندي ھئي. مائيءَ سڄو گھر سنڀالي رکيو ھو. سندس ٻار پڙھندا ھئا. ميھر سوچيو تہ سڄو وقت سوچڻ ۾ وڃائڻ يا نيلو کي ياد ڪرڻ کان بھتر آھي تہ ٻنھي کي پاڙھي ڪري ھوئنھار بڻايان.

ھن ٻارن کان پڇيو، "توھان موٽ وٽ پڙھندا."

ٻارن چيو، "ھا اسان پڙھنداسين."

ميھر ٻارن کي پاڙھڻ شروع ڪيو. سندس وقت ٢-٣ ڪلاڪ ٻارن کي پاڙھڻ ۽ ساڻن گڏ راند ڪرڻ ۾ گذرندو ھو. سندس من بہ لڳو رھندو ھو ۽ سندس وقت بہ سٺي طرح پيو گذرندو ھو. ميھر پھريون دفعو محسوس ڪيو تہ نيلو جي گذاري وڃڻ کان پوءِ ھن کي اڪيلو پڻ گھٽ محسوس ٿيڻ لڳو. ھن جي پڙھائڻ سان ٻار ڪافي ھوشيار ٿيندا پي ويا. انھيءَ ڪرڻ سان ميھر جو اڪيلي

منگل سوٽر

آنو جو آواز ٻڌي ڪري ساوتريءَ گهر مان نڪري ڪري ڏٺو تہ آنو مان سندس پاڙيسري راڌا، سندس گهوٽ ارجن ۽ ارجن جو دوست موهن لهي رهيا آهن.

ارجن آنو واري کي پئسا ڏيئي رهيو هو تہ اُنهيءَ وقت موهن خبر نہ آهي تہ راڌا کي ڇا چيو؟ انهيءَ وقت راڌا بناوٽي غصي ۾ موهن کي مارڻ لاءِ ڊڪ پاتي. موهن بچڻ لاءِ آنو جي چارون طرف ڊوڙڻ لڳو. خبر نہ آهي موهن ڪهڙي ڳالهہ راڌا کي چئي؟ اهو ڏسي ڪري ساوتري ڏند پيسڻ لڳي. ٽيئي ڄڻا ڪٿان گهمي آيا هئا. وڏا ٺهڪ ڏيندي هو گهر ۾ گهڙيا. ساوتري سوچڻ لڳي ٽيئي ڄڻا ايترو وقت ڪٿان گهمي آيا هوندا. من ئي من ۾ هن بڪ-بڪ ڪندي دري بند ڪري ڇڏي. ارجن ۽ راڌا کي ڪالوني ۾ آئي اڃان ٻہ مهينا مس ٿيا هوندا. انهيءَ وقت کان ڪالوني جي مهيلا منڊل لاءِ چرچا جو وشيہ ٿي پيو. پراڻا وشيہ هنن کي بور ڪري رهيا هئا. هاڻي مهيلا منڊل کي هيءَ هڪ نئون وشيہ ملي ويو. انهيءَ وشيہ جو ڊئريڪٽر هو ۵۵ سالن جي عمر واري ساوتري. راڌا کي ڪالونيءَ ۾ آئي اڃان ٿورو وقت ٿيو هو. پر وشيہ کي مزيدار ٺاهڻ جي ساوتريءَ کي سڄي ڄاڻ حاصل ڪئي. راڌا ۽ ارجن جي پريم جي شادي ڪرڻ جو ويچار هو پر هنن جي وڏن کي اها ڳالهہ ڪونہ وڻي تہ هنن گهر ڇڏي ڏنو. حالانڪ ٻنهي ڄڻن شادي ڪونہ ڪئي هئي. ٻئي ڄڻا هندو هئا پر ڄاتيون الڳ-الڳ هيون. ساوتريءَ کي اها ڄاڻ پيئي تہ ٻئي شادي شده نہ آهن. راڌا جي ڳلي ۾ منگل سوٽر ڪونہ هو. ارجن ڪنهن ڪمپنيءَ جو سيلس مئن هو تہ راڌا وري ڪنهن پرائيويٽ اسڪول ۾ ماسترياڻي هئي.

هڪڙي ڏينهن ساوتريءَ راڌا کي صلاح ڏيندي چيو، "جيستائين تون ڳلي ۾ منگل سوٽر نہ پائيندين تہ سڀڪو توکي ارجن جي رکيل چوندو ۽ توکي ڪوبہ سهاڳڻ ڪونہ سمجهندو. منگل سوٽر زال لاءِ هڪ شاديءَ جو لائسينس آهي. تنهنجي ڪري تون منگل سوٽر پائي ڇڏ."

راڌا جواب ڏيندي چيو، "چاچي! اسان اهو مڃيندا آهيون تہ منگل سوٽر ڪان وڌيڪ من جو ميل آهي."

چاندني ٻئي ڏينهن پيءُ کي گهر وڃڻ جي موڪل ڏني.

ميهر پنهنجي گهر واپس آيو. هو رڪشا مان لهي ڪري دروازي وٽ اچي ڪري دروازو کوليو ۽ گهر جي اندر گهريو. گهر ۾ گهرڻ سان ڪيس عجيب قسم جي شانتي ملي. دروازي کلڻ جو آواز ٻڌي ٻار ڊوڙيندا آيا. ٻارن جي آواز مان ڪيس ائين لڳو ته ڪنهن گلن جي خوشبو تي اچي. هون ٻارن کي ٽافيون، چاڪليٽ ۽ مٺائي ڏني. پريم سان ٻارن جي مٿي تي هٿ گهمائڻ لڳو. جنهن وقت ميهر دروازو کوليو ۽ اندر گهريو ته ڪيس ائين محسوس ٿيو ته نيلو هميشه جي طرح دروازي وٽ مشڪندي بيٺي آهي ۽ سندس سواگت ڪري رهي آهي. هو منٽ مگذ ٿي ڪري نيلو جي خيالي تصوير ڏسي رهيو هو. هو نيلو جي طرف وڌي رهيو هو ۽ سمجهائين ته نيلو ساڻس گلي ملي رهي آهي.

ساوتري چوڻ لڳي، ”چاهي هوُ توهانجو ڪيترو به سٺو دوست هجي، پر پرائي مرد سان گڏ اهڙي طرح اُٿڻ ويهڻ ٺيڪ ڪونه آهي. منهنجي نونهن ڏس، هن کي شادي ڪئي ٦ سال ٿيا آهن. هن ڪڏهن به پرائي مرد ڏانهن اک کڻي ڪونه ڏٺو آهي.“

راڌا کي ساوتري جي نونهن شيلا جي ياد اچي ويئي. راڌا کان ٥ سال وڏي، گوري، سندر ۽ گريجوئيٽ هئي. نوڪري ڪرڻ نه چاهيندي آهي. ڳالهائڻ ۾ مٺي آهي.

ساوتري ۽ جي چوڻ جو مطلب هو ته هن جي نونهن ڏاڍي شرميلي آهي. مردن جي وچ ۾ اُٿڻ ويهڻ نه چاهيندي آهي. انهي ۽ ڪري نوڪري ڪونه ڪيائين. پٽ ڪنهن ڪمپني ۾ مئنيجر آهي. پاڙيسرين جي زالن جو چوڻ آهي ته ساوتري ديوي هڪ شڪي سڀاءُ جي زال آهي، انهي ۽ ڪري نونهن کي نوڪري نٿي ڪرائي. ساوتري وڌيڪ چوڻ لڳي ته راڌا ڏس ۽ ٻڌ برو نه سمجهه. اڙي موهن کان ٿورو پري رهڻ سٺو آهي.

راڌا جي تن ۾ باهه لڳي ويئي. هن پهرياڻين سوچيو ته ڪيس جواب ڏيان ته اسانجي ڳالهين ۾ دخل ڇو ٿي ڏين؟ سندس عمر ۽ بزرگي ۽ ڪري راڌا چپ ٿي ويئي. ساوتري اُٿي هلي ويئي.

هڪ ڏينهن راڌا وراندي ۾ ٻاهر ساڙهيون سڪائي رهي هئي ته ساوتري ۽ ڪيس چيو، ”ڇو اڄ اسڪول ڪونه ويئي آهين؟“

راڌا چيو، ”اڄ مون موڪل ورتي آهي.“ ايتري ۾ سندن پرسان رهندڙ پاڙيسري جمنا اچي ويئي. جمنا کي ڏسي راڌا کي تعجب لڳو. جمنا اچڻ سان چيو ته ”تو ساوتري ۽ کي ڀي چيو ته اڄ طبيعت ٺيڪ ڪونه پيئي لڳي، انهي ۽ ڪري آرام ڪرڻ لاءِ مون اڄ موڪل ورتي آهي.“

جمنا سوال ڪيو، ”طبيعت خراب.... آرام ڪرڻ، ڪجهه آهي ڇا؟“

راڌا مسڪرائڻ لڳي.

”ڪهڙو مهينو تو هلي؟“ جمنا چيو.

”ٽيون مهينو.“ ائين چئي راڌا شرمائجي ويئي.

جمنا راڌا کي واڌايون ڏيندي چيو، ”ڀيڻ تون جيڪڏهن منگل سوتر نه پائيندين ته ماڻهو توکي ڪنواري سمجهندا. تو ٿي آفرڪندي ديرنه

ساوتريءَ تعجب ۾ چيو، "تون ڇا ڇئي رهين آهين؟ منگل سوُتر ته زال لاءِ تمام ضروري آهي. توکي نه ته سهاڳڻ ڪير چوندو؟"

"ڪائي به ڳالهه ڪونه آهي. ٻن سالن کان اسان ائين ئي زندگي جي رهيا آهيون." ائين چئي ڪري راڌا ڳالهه کي ختم ڪرڻ تي چاهيو.

ساوتري ڏند پيسيندي، باندر جهڙو منهن ڪري رهي هئي ۽ پنهنجي گهر ڏانهن واپس ويئي.

هڪڙي ڏينهن جنهن وقت ارجن گهر ۾ ڪونه هو، انهيءَ وقت ساوتري آئي ۽ راڌا کان پڇڻ لڳي، "هڪ جيڪو تنهنجي گهر ۾ ٻيو آدمي ايندو آهي، اهو ڪير آهي؟" ساوتري موهن جي باري ۾ پڇي رهي هئي. راڌا ساوتريءَ جي ڳالهه سمجهي ويئي. موهن راڌا جي اسڪول ۾ ماستر هو. هن جو بزرگ ماءُ پيءُ ۽ شادي لائق ڀيڻ ڳوٺ ۾ رهندا هئا. موهن اهو سوچي رکيو هو ته جيستائين ننڍي ڀيڻ جي شادي ڪونه ٿيندي ته هو به شادي ڪونه ڪندو. موهن جي ڀلمانسي ۽ پنهنجائپ جي ڪري راڌا ۽ ارجن کي پسند اچي ويو. هنن جي پاڻ ۾ سٺي دوستي ٿي ويئي هئي. شام ٿيندي ئي موهن اسڪول مان سڌو راڌا جي گهر ايندو هو. هن سان گڏ گپ شپ هڻندو هو. پنهنجو وقت گذاريندو هو. رات جو گهر هلي ويندو هو. موڪل ڏينهن ٽيئي ڄڻا گهمڻ ويندا هئا يا گهر ۾ ويهي تاس کيڏندا هئا. ساوتري جي سوال تي راڌا سوچ ۾ پئجي ويئي. راڌا پاڻ کي سنڀاليندي چيو، "هوُ اسانجو شڀچنتڪ آهي."

ايتري ڳالهه تي ساوتريءَ کي سنتوش ڪونه ٿيو. سوال ڪندي ڪندي هن موهن جي باري ۾ سڄي خبروني ڇڏي.

ساوتريءَ صلاح ڏيندي چيو، "توهان ٻئي زال مڙس ڏاڍو ڀولا ڀالا آهيو. چاهي هوُ ڪيترو به سٺو هجي، پر هن کان دوري رکڻ گهرجي."

راڌا کي غصو اچي ويو. وڏن جو چوڻ آهي ته عمر وڌڻ سان گڏوگڏ انسان جي سوچ ۾ به فرق ايندو آهي. هو سٺي يا خراب جو خيال ڪونه ڪندو آهي. پر ساوتريءَ جهڙا انسان ٻين جي ڳالهين ۾ دخل ڏيڻ بنان ڇو نه ٿا رهن؟ ٻين جي باري ۾ برو ڇو ٿا سوچين؟ برو ڇو ٿا ڳالهائين؟ انسان هر طرح اڳتي وڌي رهيو آهي. ٻئي طرف اسان هڪ مرد ۽ هڪ زال جي وچ ۾ سنبنڌ کي غلط ڇو ٿا سمجهون؟

راڌا جي نجي زندگيءَ ۾ دخل پيون ڏينديون هيون. هڪڙي ڏينهن راڌا ٻنهين ڄڻين کي چيو تہ "مون سان اهڙيون ڳالهيون نہ ڪنديون ڪريو." راڌا جو جواب ٻڌي ٻئي ڄڻيون اندر ۾ جلڻ لڳيون ۽ ويرونڻ جو سوچڻ لڳيون.

هڪڙي دفعي ارجن کي هفتو کن ٻاهر وڃڻو پيو. راڌا موهن کي پاڻ وٽ گهرائي رهايو، جيڪا ڳالهہ جمنا ۽ ساوتريءَ کي ڪونہ وڻي. مڙس جي غير حاضريءَ ۾ پرائي مرد سان گڏ گهر ۾ ٽي رهي. اهو ڪافي ثبوت راڌا جي باري ۾ آهي. ساوتريءَ زالن ۾ ميٽنگ سڏائي، جنهن ۾ هن چيو تہ "راڌا بنان شادي جي هڪ مرد سان ٽي رهي. هاڻ هن ارجن جي غير حاضريءَ ۾ هوءَ ٻئي مرد سان ٽي رهي. اها ڳالهہ هن ڪالونيءَ لاءِ هڪ داغ آهي. انهيءَ ڪري راڌا کي بي عزتو ڪري ڪالوني مان ڪڍڻ گهرجي."

نوڪرياڻيءَ سڄي ڳالهہ اچي راڌا کي ٻڌائي. راڌا ڳالهہ ٻڌي دکي ٿيڻ لڳي. جڏهن ڪ هن ڪوبہ غلط ڪم ڪونہ ڪيو آهي. سنسار ڪيتي وانگر آهي. ٻڌي ڪري پڇبو تہ ڪتو پنيان پوندو. ڀوڪيندو ايندو. جيڪڏهن هن جو مقابلو ڪبو تہ پڇ دٻائي پٺي ويندو. ارجن جلدي واپس اچي ويو، جو هن جو ڪم پورو ٿي ويو. راڌا کي آٿت مليو.

اجان پوري طرح صبوح جي روشني ڪونہ ٿي هئي تہ ٻاهر وڏا، وڏا آواز ٻڌڻ ۾ پي آيا. راڌا ليٿو پائي ڪري ڏٺو تہ ڪالوني جون سڀيئي زالون ساوتريءَ جي گهر جي ٻاهر بيٺيون هيون. راڌا سمجهو تہ سڀيئي زالون ملي ڪري سندس گهر جي مٿان حملو ڪرڻ لاءِ بيٺيون آهن. سندس دل ڌڙڪن لڳي. انهيءَ وقت نوڪرياڻيءَ کيس چيو تہ "توهان کي ڪنهن ڳالهہ جو پتو آهي؟"

راڌا چيو، "ڪهڙي ڳالهہ آهي؟"

نوڪرياڻيءَ راڌا کي ڪن ۾ چيو تہ "ساوتريءَ جي نونهن جمنا جي مڙس سان ڀڄي ويئي آهي."

راڌا کي پنهنجي ڪنن تي وشواس ڪونہ پي آيو. نوڪرياڻي وڌيڪ چوڻ لڳي تہ "ساوتري گهٽ، وڌ پيئي ڳالهائي. جمنا منهن مٿو ويني پٽي ۽ زور، زور سان روئي رهي آهي."

ڪندا. تنهن ڪري منگل سُوتر پاءِ.“ جمنا جي ڳالهه ٻڌي ڪري اُنهيءَ رات راڌا ارجن کي چيو تہ ”ماڻهن جي چوپچو کان بهتر آهي تہ مان منگل سُوتر پايان.“

راڌا جي ڳالهہ ٻڌي ارجن چيو، ”راڌا ٻڌ، ٻن ڄڻن کي ٻڌڻ لاءِ منگل سُوتر جي ضرورت ڪونہ ڏيندي آهي. پر ٻن دلين جي لاءِ من جو ملڻ ڪافي آهي. منگل سُوتر هڪ لائسينس آهي، پر ڇا هُو انهن کي هنن کي هميشه ٻڌي رکندو؟ انهيءَ ڳالهہ لاءِ ڪا گئرنٽي ڪونہ آهي! اها ڳالهہ جيڪڏهن سچي آهي تہ پوءِ ايترا طلاق ڇو ٿا ٿين؟ منهنجي خيال ۾ منگل سُوتر کان وڌيڪ من جو ملن وڌيڪ مهتوَ تو رکي. منهنجي خيال ۾ پريم جي شادي جي جيون ۾ سک آهي. اسان جيستائين هڪ ٻئي تي وشواس رکي هلنداسين، تيستائين اسان جو ويدڪ شاسترن سان ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي.“

راڌا ارجن جي ڳالهہ ٻڌي ڀاونائن جي درياهہ ۾ لڙهي ويئي. راڌا اڳتي وڌيڪ ڪجهہ بہ ڪونہ چيو. هو انهن سان گڏ رهڻ لڳي. هن ڪڏهن بہ ارجن جي سامهون شادي جو پرستاءُ ڪونہ رکيو.

هڪڙي ڏينهن جمنا راڌا کي چيو، ”تو ڇا سوچيو آهي؟ گهٽ ۾ گهٽ شادي جي رجسٽري تي ڪرائي ڇڏ.“ جمنا کيس وڌيڪ چيو، ”ٻڌ! مرد ذات ڀوئنري وانگر ٿيندا آهي. سندر تا ڏسي واري ڇوڪري تي ڏورو جهندا آهن. توسان اينرو پيارءِ محبت ڪندو پر سياڻي ٻار ٿيڻ کان پوءِ تنهنجو روپ رنگ ڦڪو ٿي وڃيءِ تنهنجي پتي توکي ڇڏي ٻئي ڪنهن ڇوڪريءَ جي پنيان پوي تہ تنهنجو حال ڪهڙو ٿيندو؟ تنهنجي شادي ڪونہ ٿي آهي. انهيءَ ڪري تنهنجوءِ تنهنجي اولاد جو هن تي اڌڪار ڪونہ رهندو. سماج ءِ قانون تنهنجي ڪابہ سهايتا ڪونہ ڪندي. توکي اها صلاح ٿي ڏيان تہ منگل سُوتر پاءِ.“ جمنا اڳتي ڳالهہ وڌائيندي چيو تہ ”منهنجو پتي مونکان وڌيڪ سندر آهي، جيئن تہ هو مون سان ٻنڌن ۾ ٻڌجي ويو آهي. هاڻي هو مونکي ڇڏي ڪيڏانهن ويندو. هن کي مون سان گڏ ئي رهڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ هن اگني جي سامهون قسم کنيو آهي.“

راڌا سڀ ڪجهہ چپ چاپ ٻڌندي رهي. جمنا ڇانهہ پي هلڻ لاءِ تيار ٿي. هلندي-هلندي جمنا چوڻ لڳي، ”پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙي نہ هڻ.“ راڌا کي ساوتريءِ جمنا تي ڏاڍو غصو ايندو هو. ڇاڪاڻ تہ هوُ ٻئي ڄڻيون

نسوني هلي. ڪشن کي وري پيئڻ جي عادت اچي پيئي. ڪشن جي پيءُ ڪشن کي پنهنجي دڪان تي وهاريو. هو دڪان تي ڌيان سان ڪم ڪونہ ڪندو هو ۽ وري گراهڪن سان پئسي لاءِ تکو ڳالهائيندو هو. سندس اهڙي حالت ڪري پيءُ کي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. ڪشن جي حالت ڏسي ڪري پٽس کي دل جي تڪليف ٿي پيئي. دل جي تڪليف ڪري سندس پيءُ جو موت ٿي ويو. هينئر ڪشن سڄي ملڪيت جو مالڪ ٿي ويو. ڪشن کي ۴ ٻائر ۽ ماءُ هئي. ۲ ٻائر ٻاهر هئس ۽ ٻن ٻائرن جو سنو ڌنڌو هو. سندس ٻائر هن کان جدا هئا. ڪشن کي بہ سنو ڌنڌو هو. پر پيئڻ جي عادت جي ڪري هن جو ڌنڌو ڌيري ڌيري ختم ٿيندو پئي ويو. هينئر گهر ڏانهن بہ گهٽ ڌيان ڏيندو هو. گهٽ ڌنڌي هئڻ جي ڪري هن ٻئي دڪان وڪڻي ڇڏيا. دڪان وڪڻڻ کان پوءِ هن وڃي پنهنجي سؤٽ جي دڪان تي نوڪري ڪئي. هن بہ کيس گهڻو ئي سمجهايو پر ڪشن کي سمجهائڻ معنيٰ اُلٽي ڳ هڙي تي پاڻي هارڻ برابر ٿيو. سندس اها حالت ڏسي ڪري سندس سؤٽ بہ کيس نؤڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. ڪشن هينئر بي روزگار ٿي پيو. دارون پيئڻ ڪري ڏاڍو ڪمزور ٿي پيو. سندس کان ڪو بہ ڪم ڪونہ پئي پڄو. ٻئي طرف سندس گهر ۾ کائڻ لاءِ ڏاڻو بہ ڪونہ هو. گهر جي اهڙي حالت ڏسي ڪري راڌا کي ڏاڍو صدمو پهتو. هوءَ نوڪريءَ جي تلاش ۾ نڪتي. هن کي هڪ ڪمپني طرفان سيلس گرل جي نوڪري ملي ويئي. راڌا جنهن ڪڏهن هڪ ڪلو وزن ڪونہ کنيو هو سا هينئر سامان جا ٿيلها ڀري ڪلهي تي رکي گهر گهر سيل ڪرڻ ويندي هئي. سا گهر گهر وڃڻ ڪري بهادر ۽ بي ڊپي ٿي پيئي. راڌا جنهن جي اڳ ۾ زبان ڪنهن جي اڳيان ڪونہ کلندي هئي سان هينئر منهن تي نهڪائي ڏيندي هئي. ايتري قدر جو مڙس کي بہ جواب ڏيندي دير ڪونہ ڪندي هئي. هر روز سامان سان ڀريل ٿيلها کڻڻ ڪري سندس طبيعت ئي خراب ٿي پيئي. هو پاڻ بہ چوندي هئي تہ گهر گهر وڃڻ عزت جو ڪم ڪونہ آهي. جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ مرد هوندو آهي تہ هن جي شڪل مان ائين پيو محسوس ٿيندو آهي تہ هن جي نظر پاپ سان ڀريل آهي. پر هوءَ

سيلس گرل

راڌا ۽ ڪشن ٻئي ڄڻا غريب پريوار جا هئا ٻئي هڪڙي ئي پاڙي ۾ رهندا هئا. ٻئي هڪ ئي ڪلاس ۾ پڙهندا هئا. راڌا شڪل جي سانوري هئي پر سندس روش ڏاڍا موهيندڙ هئا. جيڪي هر ڪنهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا هئا. هوءَ بدن جي ڀريل هئي. سندس ڊگها وار سانوري شڪل وڌيڪ ۽ وڌيڪ دل ۾ ڪشش پئدا ڪندڙ هئا. راڌا جي مٿان ٻيا به گهڻيئي شاگرد فدا هوندا هئا.

راڌا مئٽرڪ پاس ڪري گهر کي سنڀالڻ لڳي. ڇاڪاڻ ته هن جون سڀيئي ڀينر شادي ڪيل هيون. سندس ڀينرن کي سٺا گهر ڪونه مليا هئا. اُهي به پنهنجي ساهري گهرپئي هليون. انهن جا ساهرا به غريب هئا. راڌا جي دل ڪشن سان لڳي ويئي. راڌا ڪشن سان شادي ڪرڻ جو خيال ڪيو. ڇاڪاڻ ته ڪشن بدن جو ڀريل، شڪل جو ٺاهوڪو لڳندو هو. هن جي دل به راڌا سان شادي ڪرڻ تي هئي. راڌا جي گهر جي حالت اهڙي هئي جو ماڻس به اڇي وڌوا آشرم ۾ رهي. جتي سندس ماءُ کي مفت ۾ ڪمرو ۽ ٻي مالي مدد الڳ ملندي هئي. ڪشن هڪ سنو ۽ شريف ڇوڪرو هو. خبر نه آهي ته هن کي دارون پيئڻ جي لت ڪيئن پئجي ويئي؟ ڪشن جي پيئڻ جي عادت جي خبر راڌا کي ڪونه هئي. ڪشن مئٽرڪ پاس ڪري ٻئي شهر ۾ وڃي سيلس مئن جي نوڪري ڪئي. سندس پگهار سني هئي. ٻئي شهر ۾ رهڻ ڪري سندس دارون پيئڻ جي خبر راڌا کي ڪونه هئي. شادي کان اڳ ڪنهن راڌا کي ٻڌايو ته ڪشن کي پيئڻ جي عادت آهي. پر راڌا ان ڳالهه تي اعتبار ڪونه ڪيو. ٻئي طرف ڪشن ڪجهه وقت لاءِ پيئڻ جي عادت ڇڏي ڏني.

چوندا آهن، "لکيو ڪو به ٽاري نٿو سگهي." راڌا جي ڪشن سان شادي ٿي ويئي. شادي کان پوءِ ڪشن ڪجهه وقت لاءِ ڏاڍو سنو پي هليو. ڪشن راڌا کي ڊيڪارڻ پي چاهيو ته ماڻهن جيڪي ڪجهه سندس برخلاف ڪيس ٻڌايو آهي سو سراسر غلط آهي. راڌا ۽ ڪشن جي گرهستي ٢-٣ مهينا تمام سٺي

اکين آڳيان راڌا جو چهرو گهمڻ لڳو.

مون کيس چيو، "تون راڌا تہ ڪونہ آهين؟"

هن ڪلي ڪري نِنڊي ٻار وانگر منهنجي ڳلي لڳي ۽ چوڻ لڳي "ها."

مان راڌا کي ڏسي سوچڻ لڳس، راڌا شڪل، ڪپڙن ۽ زيورن مان ائين پئي لڳي ڄڻڪ هن ڪا وري ٻي شادي ڪئي آهي. سبلس گرل هئڻ ڪري سندس شايد ٻي ڪنهن سان دل لڳي ويئي هوندي؟ ٻجي وجي ڪري شادي ڪئي اٿس.

راڌا مون کي سوچ جي ننڊ مان اُٿاريندي چيو، "دادا توهان ائين نہ سمجهو تہ مان ڪا ٻي شادي ڪئي آهي. پر حقيقت اها آهي تہ مان روٽي ڪرڻ واري جي روپ ۾ ٻاهرين ملڪن ۾ ويس. منهنجو پاسپورٽ اڳ ۾ ئي ٺهيل هو. ڪنهن مونکي ويزا موڪلي گهرائي ورتو. مونکي اُتي سڀ ڪجهہ پيو ملندو هو. پگهار ڊپازٽ ڪندا هئا. مان هتي آئي آهيان پاڻ سان ٣ لک روپيا ڪٽي آئي آهيان. هينئر مان ايشور جي ڪرپا سان خوش آهيان."

مون راڌا کان پڇيو، "ٻار ڪٿي رکيئہ؟ وري ٻاهر ويندين ۽ ڇا؟"

هن جواب ڏيندي "ها" ڪئي ۽ چيائين تہ "ٻارن کي پنهنجي پيڻ وٽ رکي ويئي هئس. هن وقت بہ مونکي ٻارن جو آئينده سوچڻو آهي. مان هڪ دفعو وري ويندس. مان پوءِ اچي آرام سان ڏنڌو شروع ڪندس. مونکي هينئر سبلس گرل جو ڪافي گيان آهي."

مان سندس همت کي دل ئي دل ۾ داد ڏيڻ لڳس تہ هڪ پڙهيل لکيل ڇوڪري تي ڪري جو ٻاهر روٽي واري تي، ٿئي ڪم ڪيائين.

راڌا مونکي موڪلائڻ وقت چيو، "پنهنجي پيٽ پرڻ ۽ ٻارن کي پالڻ لاءِ ڪنهن بہ ڪم ۾ عار ڪونہ آهي. انسان کي صرف همت، وشواس پاڻ ۾ هئڻ گهرجي." ائين چئي ڪري هوءَ هلي ويئي.

ڪري به ڇاتي سگهي؟ هوءَ سوچيندي هئي ته جيڪڏهن هوءَ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندي ته گهر جي گاڏي ڪيئن هلندي. ٻئي طرف ڪشن گهر جو سامان وڪڻي پيو دارون پيئندو هو. دارون پي اچي ڪري راڌا سان وڙهندو هو. هن تي مارڪٽ به ڪندو هو. هن کي گنديون گاريون ڏيندو هو. راڌا کي چوندو هو ته تون اها نوڪري ڇڏ. اها نوڪري شرافت جي ڪونه آهي. هي نوڪري سڌريل ڇوڪريون ڪونه ڪنديون آهن. مڙس جي اها هلت ڏسي ڪري راڌا ٢-٣ دفعا آتم هتيا ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي پر ٻارن جو چهرو اکين اڳيان هو آپگهات ڪرڻ جو خيال ڇڏي ڏيندي هئي. مڙس جي حالت کي ۽ گهر جي غربت کي ڏسي ڪري به هوءَ هميشه پيئي مشڪندي هئي.

راڌا هميشه ائين چوندي هئي ته هي سنساري ماڻهو مدد ڪرڻ ته پري، پر ڪوڙو الزام لڳائڻ ۾ به دير ڪونه ٿا ڪن. سس ۽ ماڻهن جي طعنن هن کي پريشان ڪري ڇڏيو. هڪڙي ڏينهن هوءَ ٻارن سوڌي گم ٿي ويئي. ڪنهن کي به خبر ڪونه پيئي ته ڪيڏانهن ويئي؟

هوءَ ساهرن کان الڳ رهندي هئي. ڪشن کي ماءُ جي پيار سر تي چاڙهي ڇڏيو هو. راڌا جي سس پٽ پاڻ وٽ رکندي هئي. پر راڌا ۽ سندس ٻارن کي پاڻ وٽ رکڻ لاءِ نه تيار ٿيندي هئي ۽ نه ئي وري راڌا کي ڪا مالي مدد ڪندي هئي. هن جي گم ٿي وڃڻ ڪري سندس ساهرن کي ڪو به خيال ڪونه ٿيو. ڪنهن کي خبر ڪونه پيئي ته هوءَ ڪيڏانهن گم ٿي ويئي؟ هن کي ڪن سنستائن کان هر مهيني مدد ملندي هئي. هو گهر ڇڏي ڪيڏانهن گم ٿي ويئي! هن جي گم ٿيڻ جو سوال ڪيترا ڏينهن ستائيندو رهندو هو، مون به ڪيس وساري ڇڏيو.

هڪ ڏينهن منهنجي گهر تي گهنٽي وڳي. گهنٽي وڄڻ کان پوءِ هڪڙي ڇوڪري ٻي ڏڙڪ منهنجي گهر ۾ گهڙي آئي. اندر گهڙندي مونکي چوڻ لڳي، "دادا نمستي، مونکي سڃاڻو ٿا!" اهڙي طرح منهنجي مڙس کي به چوڻ لڳي، "پاپي نمستي، مونکي سڃاڻو ٿا؟" مان ۽ منهنجي ڏرمپتني گهڻو وقت سوچ ۾ پئجي وياسين. اسان کي سندس چهرو سڃاڻل پئي لڳو. منهنجي

سونيا ڏهن هزارن جو نالو ٻڌي ڇوڻ لڳي، "ڏه هزار! سندس اکيون ڦاٽي ويون. هوءَ جٽڪ سپني ۾ ڳالهائي رهي هئي ۽ ڇوڻ لڳي ته مان اهڙو هار ڪيئن وٺي سگهندس؟ بابي جي پگهار ته هزار روپيا مهينو آهي."

سونيا جي ساهيڙيءَ ڪلي ڏنو ۽ هوءَ ڪلي ڪري چپ ٿي ويئي. ڳالهين ڳالهين ۾ هار جي ڳالهه رستي ۾ پوري ٿي ويئي.

سونيا گهر اچي ڪري آئيني ۾ پنهنجي شڪل ڏٺي ته هوءَ تعجب ۾ پئجي ويئي ۽ سندس منهن مان هي اکر نڪتا، باپ ڙي!... ڇا سچ پچ مان ايتري حسين آهيان! وري سندس نظر ۾ اُهو هار گهمي رهيو هو، جيڪو هن رستي تي هڪ بدصورت زال جي ڳچيءَ ۾ ڏٺو هو. سچ پچ سونيا هن هار جي لائق هئي.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ سونيا جي شادي ٿي. شاديءَ جي پهرين رات هئي، جڏهن سندس گهوٽ ڪشور کيس دل وَ جان سان ايمان، تن، من ۽ ڌن ۾ سڀ ڪجهه ارپڻ ڪرڻ جو واعدو ڪيو. سندس ساراه ڪندي چيو، "تون آسمان جو پورنماسيءَ جو چنڊ آهين. مان تنهنجي يوگيه ڪونه آهيان، پر ايشور جي مرضي ڏس جو تو جهڙو چنڊ منهنجي جهوليءَ ۾ وڌو اٿس. تون ته اهڙي آهين، جو ڪنهن صراف جي گهروِڇڻ لائق آهين. جيڪو توکي هيرن جواهرن سان جهنجي ڇڏي ها. تون مون جهڙي هزار روپيا پگهار کٽڻ واري مان ڇا خوشيون ماڻي سگهندينءَ؟" سونيا جو گهوٽ وڏي پريم ۽ لڱن سان چوندي پئي ويو ۽ سونيا ٻڌندي پئي رهي. پوءِ سونيا جو گهوٽ سونيا جو چهرو پنهنجي هٿن سان ڇهيو ۽ ڇوڻ لڳو ته تون ايتري قدر سهڻي آهين جٽڪ... ايتري ۾ سندس گهوٽ جو گلو ڀرجي آيو ۽ هو وڌيڪ ڪجهه به نه چئي سگهيو. هن پنهنجي گلي کي صاف ڪندي چيو، "ڀڳوان جو قسم، هيءُ تنهنجا پير ڌرتيءَ تي رکڻ جهڙا ڪونه آهن. هيءَ گردن ايتري خوبصورت آهي، جو اهڙي گردن ۾ نوَ لکو هار هئڻ گهرجي." هار جو نالو ٻڌي سونيا جو ساهه گهٽجڻ لڳو. ڇاڪاڻ ته هن جي نس نس مان هار جي پڪار اچڻ لڳي. سونيا جو مڙس صراف جي دڪان تي نوڪري ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن صراف ڪشور کي هار ڪنهن گراهڪ کي پهچائڻ لاءِ ڏنو. ڪشور هار کڻي گهر آيو. هن اُهو هار سونيا کي ڏيکاريو

آئينو

سونيا، سونيا، سونيا... سڄي گهر ۾ سونيا ئي سونيا نظر ايندي هئي. هوءَ اهڙي پري هئي، جو سڀني جي زبان تي سونيا جو نالو هو. هوءَ هڪ انسان ئي پرايشور هن کي وڏي ۽ انوکي سونهن سان پيدا ڪيو هو. هن کي ڏسڻ سان ڪنهن الوڪڪ شڪتيءَ جو ڀرم پيدا ٿيندو هو. جڏهن سندس عمر سورهن سالن جي ٿي ته ڄڻڪ قيامت ٽٽي پيئي هئي. پر سونيا جي ڳالهه نرالي هئي ۽ سڀ ڪان وڌيڪ تعجب جي ڳالهه اها هئي ته سونيا خود اڻڄاڻ هئي ته هوءَ ڇا آهي؟ هن کي پنهنجي سونهن جي خبر اُنهيءَ وقت پيئي، جڏهن هڪ ڏينهن هوءَ پنهنجي سهيليءَ سان گڏ اسڪول مان واپس اچي رهي هئي ته سندن پرسان هڪ زال بيني هئي. اُها زال بدصورت هئي پر سندس ڳچيءَ ۾ هڪ قيمتي هار پيو هو. هن زال کي ڏسي سونيا جي سهيليءَ کي زور سان کل اچي ويئي ۽ چوڻ لڳي، "سونيا، تو هن زال کي ڏٺو؟"

سونيا جواب ڏيندي چيو، "ها ڏٺو." پوءِ سونيا جي سهيليءَ چيو، "ڇا اُهو هار هن زال جي ڳلي ۾ سونهين پيو؟ ايشور جو قسم، اهو هار ته تو جهڙي سهڻي ڇوڪريءَ جي ڳلي ۾ سوڀيا وڌائي سگهي ٿو. اهو هار پائي ڪري تون ڪنهن راڻيءَ کان ڇا گهٽ لڳنديينءَ؟ منهنجو وس هلي ته اهڙو هار ڪنهن بد صورت ۾ اُن زال کي ڳچيءَ ۾ پائڻ نه ڏيان. بس اهو هار ته خوبصورت ۽ حسين ڇوڪرين کي پائڻ گهرجي. جهڙي طرح تون آهين."

سونيا ڏاڍي سوچ ۽ ويچار سان سهيليءَ جي ڳالهه ٻڌي. سندس دماغ چڪر کائڻ لڳو. هن سهيليءَ کان پڇيو، "هن هار جي ڪيتري قيمت هوندي؟"

سونيا جي ساهيڙيءَ ڏاڍي ڏيرج سان چيو، "منهنجو پيءُ هڪ صراف جي دڪان تي ڪم ڪندو آهي. هن مان معلوم ٿي سگهي ٿو. هار جو وزن ۽ ڊزائين ٿيندي آهي. ڪو هار ڏهن هزارن جو ته ڪو وري اُن کان وڌيڪ قيمت جو ٿيندو آهي. ڪير ۾ جيتري ڪنڊ وجهبي، اوترو کير مٺو ٿيندو آهي."

سمجهيو تہ اهي پنجويهہ روپيا ڪيس هاروئڻ ۾ هٿي ڏيندا.

ڪشور کي ڏاڍو تعجب لڳندو هو تہ آخر سونيا پئسا ڪيڏانهن ٿي ڪري؟ ڪشور اُدار دل هو. هن جي دل ۾ ٻين مردن وانگر شڪ ڪونہ هوندو هو. هو ڏيرج وان ۽ رضا تي راضي رهڻ وارو هو. ڪشور جنهن وقت ڪم تان ايندو هو تہ هوُ ڏسندو هو تہ سونيا پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي ڪجهہ ڪري رهي آهي. ڪشور جي اچڻ تي هوءَ پنهنجي پيٽي بند ڪري ڇڏيندي هئي.

سونيا جي زندگيءَ جو هڪ ئي مقصد هو تہ ڏهن هزارن جو هاروئان. ڏينهن ۾ چار پنج دفعا گڏ ڪيل پئسا پيئي ڳڻيندي هئي. هوءَ جڏهن پئسا ڳڻيندي هئي تہ ڏاڍي دکي ٿيندي هئي تہ اجان ڏهن هزارن ۾ ڪيترو وقت لڳندو، اها ڪيس خبر ڪونہ هئي.

سونيا تي هاروئڻ جو جنون هو. هوءَ اڪيلائيءَ ۾ ويٺي يوجنائون ٺاهيندي هئي. هن سوچيو تہ اڪيلائيءَ ۾ ويهڻ کان بهتر آهي تہ هڪ مشين خريد ڪريان ۽ ڪپڙن جي سلائي ڪريان. هن چيو تہ مشين وٺڻ تي خرچ ايندو ۽ ڏهن هزار ٺاهڻ مان بہ ڪجهہ پئسا هٿن مان نڪري ويندا. هن وري سوچيو تہ سڀڻ مان آمدني ٿيندي. سونيا مشين خريد ڪئي ۽ ڪپڙا سبڻ لڳي.

هڪڙي ڏينهن مشين هلائيندي، هلائيندي هن کي چڪر اچي ويا ۽ هن کي ٿڪاوٽ محسوس ٿيڻ لڳي. هن جي من آرام ڪرڻ تي چاهيو. هن جي ڪنهي شيءِ کائڻ تي دل ٿيڻ لڳي. هن سمجهو تہ هوءَ ماءُ ٿيڻ واري آهي. هن چيو تہ ٻار ايندو تہ خرچ وڌندو ۽ پوءِ هوءَ هار ڪيئن وٺي سگهندي ۽ ڏہ هزار ڪيئن گڏ ڪري سگهندي؟

ڪشور جنهن وقت گهر آيو تہ هن ڏٺو تہ سونيا اُداس ويٺي آهي. ڪشور کيس پاڻ ڏانهن ڇڪيندي چيو تہ ڪهڙو ڪارڻ آهي جو تون اُداس ويٺي آهين؟ اڄ تہ تون واقعي خوبصورت ٿي لڳين. تون تہ جهڙڪ پري ٿي لڳين. ڪشور جا اکر ٻڌي سونيا پنهنجي شڪل وڃي آئيني ۾ ڏٺي. هن سنسار ۾ آئيني کان سواءِ ٻيو ڪو بہ سچو ڪونہ آهي. هڪ آئينو آهي، جيڪو انسان جي شڪل ڏسي سچ ٻڌائيندو آهي. سونيا واقعي اها سچائي قبول ڪئي تہ هن جهڙي

۾ کيس چوڻ لڳو، "پياري! هيءُ جنهن عورت لاءِ آهي، سا عورت هن هار جي لائق نہ آهي. هيءُ هار تنهنجي ڳلي جي شوڀا وڌائڻ لاءِ آهي." ڪشور هار سونيا جي ڳلي ۾ پاتو. هار ڏسي سونيا ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳي. اُهو هار سندس ڳلي ۾ ڪلاڪ کن پيو هو.

سونيا ڪشور کان پڇيو، "هن هار جي ڪيتري قيمت هوندي؟"

ڪشور جواب ڏيندي چيو، "ڏهہ هزار روپيا."

سونيا ابوجهائيءَ سان چيو، "هار جي ڏهہ هزار روپيا قيمت گهٽي ڪون آهي؟"

ڪشور کلندي پيار سان چيو، "ڇا تون وٺندينءَ؟"

ڪشور جو آواز ٻڌي سونيا چيو، "ها، مان اهو هار وٺندس. ڇا مان هار نہ وٺي سگهندس. انسان تہ هار پائيندا آهن، مان بہ ڇو نہ پائيندس؟"

ڪشور چوڻ لڳو، "منهنجي پياريءَ جا ارادا ۽ جواب ڏاڍا وڏا آهن."

سونيا ۾ اوچتو اهڙي تبديلي اچي ويئي، جو پئسي پئسي ڪي ڏندن جي وچ ۾ قابو ڪرڻ لڳي. هن نوان ڪپڙا سبائڻ ڇڏي ڏنا.

جيڪڏهن ڪشور هن لاءِ سينگار جو سامان آڻيندو هو تہ سونيا ڪيس چوندي هئي تہ اهو اجايو خرچ ڇو ٿو ڪرين؟ پئسا هوندا تہ ڪم ايندا. کائڻ جو نمونو بہ بدلي ڇڏيائين. اڳ گهر ۾ هر روز نيرن تي انڊا نهندا هئا ۽ منجهند ۽ رات جي ماني ۾ گوشت نهندو هو. انهيءَ جي بدلي اڄ دال ۽ سستيون ڀاڄيون نهڻ لڳيون. گهر ۾ ايندڙ ۽ ويندڙ کي چانهہ پيئارڻ بند ڪري ڇڏيائين. ڪشور ڪم تان ايندو هو تہ سونيا هڪدم هن جا کيسا جاچيندي هئي تہ ڪٿي اووَر ٽائيم جا پئسا سيٺ کان ڪونہ وٺي آيو آهي. سندس اهو حال ڏسي ڪشور ڏاڍو پريشان ٿيندو هو. سونيا پهرين تاريخ جو اهڙي طرح انتظار ڪندي هئي، جيئن ڪا ڪنواري ڇوڪري پنهنجي ملڻ واري پتيءَ جو انتظار ڪندي آهي. پهرين تاريخ سونيا ڪشور جي پگهار جو انتظار ڪندي هئي. ڪشور جي ماءُ پنهنجي پٽن وٽ ٻئي شهر رهندي هئي. ڪشور هر مهيني پنهنجي ماءُ کي پنجويهہ روپيا موڪليندو هو. اهو هوُ پنهنجي ڊيوٽي سمجهي ڪندو هو. سونيا جي چوڻ تي هن ماءُ کي پئسا موڪلڻ بند ڪري ڇڏيا. سونيا

پريءَ جي گلي ۾ سونو هارپيو آهي. هوءَ پنهنجي حسن تي پاڻ فدا ٿيڻ لڳي. هن ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پئسا ڳڻيا تہ برابر ڏهه هزار روپيا هئا. هوءَ خوشيءَ ۾ نچڻ لڳي. نچندي نچندي هوءَ آئيني جي سامهون اچي بيٺي. سونيا پاڻ سوچيندي هئي تہ آئيني کان وڌيڪ ڪير سچ ٻالهائيندو؟ هن ڏٺو تہ آئيني جي سامهون هڪ پوڙهي زال بيٺي آهي، جنهن جي جا ڪچٽيءَ جهڙا وار آهن. اکين جي چئني طرف ڪارا داغ آهن. چهري تي گهنج پئجي ويا آهن. سندس مُنهن جو رنگ پيلو ٿي ويو آهي. هٿن ۽ پيرن جي چمڙي خشڪ ٿي ويئي آهي.

سونيا چيو، "سچي پچي سونيا ڪيڏانهن ويئي؟ ڪيڏانهن ويئي؟"

هن پوڙهي يعنيٰ ڪ سونيا جا گلي مان هڪ رڙ نڪتي ۽ زور سان چوڻ لڳي، "اُها سونيا ڪٿي آهي؟ ڪيڏانهن ويئي؟" ائين چئي ڪري هوءَ ڌرتيءَ تي ڪري پيئي ۽ بيهوش ٿي ويئي.

ڪشور جنهن وقت گهر ۾ آيو تہ ڏٺائين تہ سونيا بيهوش ٿي پيئي آهي. هن ڊاڪٽر کي گهرايو. ڊاڪٽر سونيا جي جاچ ڪرڻ کان پوءِ چيو، "ڪشور، سونيا ڪنهن صدمي جي ڪري پاڳل ٿي پيئي آهي."

سونيا جي هارجي تمنا پاڳل پڻي ۾ بدلجي ويئي.

حسين ٻي ڪابہ ڪونہ آهي. هن کي دل ۾ رکي رکي اهو ويچار پئي آيو تہ هوءَ بار ڄڻيندي تہ خرچ وڌندو ۽ هن جا ڏه هزار روپيا ڪيئن گڏ ٿيندا؟ انهيءَ ڪري هوءَ سوچڻ لڳي تہ ابارشن ڪرايان. سونيا وري دل ۾ سوچيو تہ اسپتال ۾ پرتي ٿيندي تہ خرچ ٿيندو ۽ مشين بہ ڪونہ هلائي سگهندي. ڪمائي بہ رهجي ويندي. هن چاهيو ٿي تہ ٻار نہ ڄمي. هوءَ ڪڏهن ڪڏهن ڳرو بار کڻندي هئي. گرم ٿڌيون شيون کائڻ لڳي. ڪيس ٽن مهينن جو ٻار هو. هڪ دفعو لڳاتار چار پنج گرم چانهہ جا ڪوپ پي ويئي. سندس اهڙي حالت ٿي ويئي، جو هوءَ بيهوش ٿي ويئي. ڪشور جنهن وقت گهر آيو تہ سونيا جي اهڙي حالت ڏسي ڪيس اسپتال کڻائي ويو.

سونيا مڙس کان پڇيو، ”هيءَ ڪهڙي اسپتال آهي؟ خيراتي آهي يا خرچ ٿيندو؟“

ڪشور جواب ڏيندي چيو، ”خيراتي اسپتال ۾ سندس سنڀال ڪونہ ٿيندي. هيءَ پرائيويٽ اسپتال آهي.“

سونيا جنهن وقت اهي اکر ٻڌا تہ زور زور سان چلائڻ لڳي ۽ مڙس کي چوڻ لڳي، ”مونکي گهروٺي هل.“ انهيءَ ريڙه پيڙه ۾ سندس ابارشن ٿي پيو. هن جو اينترو تہ خون وهيو، جو هن کي خون جون بوتلون چاڙهائيٽيون پيون. ڪشور جا قريب بہ ٽي هزار روپيا خرچ ٿي ويا. سونيا کي پئسي جي خرچ ڪري ڏاڍو خيال ٿيو. هوءَ انهيءَ سوچ ۾ هئي تہ ڏه هزار روپيا ڪيئن ٿيندا؟ هوءَ هار ڪيئن وٺندي؟

هن مشين تي ڪپڙن سبڻ جو اينترو ڪم ڪيو هو جو هن جي ڪمر جهڪي ويئي هئي. سندس وارن ۾ مشڪل سان ڪو اڇو وار هوندو هو پر هينئر ڏسندي ڏسندي سيئي وار اڇا ٿي ويا هئا. سوني هار جي چڪر ۾ سونيا خبر نہ آهي ڪيترا دفعا پئسا ڳڻيا هوندا.

هڪ دفعي سونيا محسوس ڪيو تہ باقي ڪجهہ مهينن جي ڳالهہ آهي جو ڏه هزار روپيا ٿي ويندا ۽ هوءَ هار وٺندي. هوءَ من ۾ سوچڻ لڳي تہ جنهن وقت ماڻهو منهنجي ڳلي ۾ هار ڏسندا تہ هو سمجهندا تہ ڪهڙي حور

دائي درٻار ۾ پهتي. درٻار جو دروازو بند هو. دائيءَ دروازو کڙڪايو. اندران آواز آيو، "ڪير آهي؟"

ڪاري ماءُ جواب ڏنو، "مان آهيان دائي ڪاري ماءُ."

اندران وري راملعل جي چيلي رام لکن چيو، "ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڇو آئي آهين؟ سک تي آهي؟"

دائيءَ چيو، "ڳالهه وري ڪهڙي آهي؟ توهان کي واڌايون هجن، ڪاڪي ڪلومل کي پوٽو ڄائو آهي. اها سندس پٽ ٽوپڻ جي پهرين سنتان آهي. توهان ڪلومل جي گهر هلوءِ هلي ڪري سندس پوٽي جي ڪن ۾ ڦوڪ ڏيو."

رام لکن دروازو کوليو، دائي ڏٺو ته ٻائو راملعل ڪنهن جي لاءِ تعويذ ٺاهي رهيو هو. اُهو تعويذ هڪڙي اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ٺاهي رهيو هو، جنهن کي اڄ آفيس جي امتحان ۾ ويهڻو هو. هو ماڻهو امتحان ۾ پاس ٿيئي يا نه ٿيئي پر ٻائي کي پنهنجي تعويذ ٺاهڻ ۾ ڪافي وشواس هو. هو ڏاڍي محنت سان تعويذ ٺاهي رهيو هو.

راملعل پنهنجي چيلي رام لکن ڏانهن نهاريو ۽ کيس اشارو ڪري چيائين ته اهو ڪم تون ڪري اچ ۽ ٻار جي ڪن ۾ ڦوڪ ڏيئي اچ. رام لکن دائيءَ سان گڏ ڪلومل جي گهر آيو.

رام لکن پڙهائيءَ جي نالي ۾ الف يا بي به ڪونه ڄاڻندو هو. پر راملعل کيس ڪي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون سمجهائي ڇڏيون هيون، جيڪي هن ياد ڪري رکيون آهن. رام لکن صفا گنوار هو. سندس آواز ڪڙڪ ۽ لائوڊ اسپيڪر وانگر هو.

دائي ٻار کي گود ۾ کڻي رام لکن جي پرسان آئي. رام لکن پنهنجو منهن ٻار جي ڪن تي رکي هڪ زور سان ڦوڪ ڏني. ڦوڪ اهڙي هئي ڄڻڪ گڏه جي هينگ هجي. هن جي ڦوڪ ڪري سيني وٽي ڪنن تي آڱريون رکيون. ڪاڪي ڪلومل رام لکن کي ٻار کي ڦوڪ ڏيڻ جي پيتا ڏني. هوُ پيتا وٺندي هلندو ٿيو.

رام لکن جي وڃڻ ڪان پوءِ ٻار زور زور سان روئڻ لڳو. ٻار ته ايترو زور سان روئڻ لڳو ڄڻڪ کيس ڪا تڪليف ٿي آهي. ٻار کي ماءُ ٿڃ ڏيڻ لڳي. سيني سان لڳائي سمهاري رهي هئي پر نه سمجهي پيو ۽ نه وري ڪو چپ پيو ڪري.

رام لعل ڀائُو

ڪاري ماءُ دائي ٻاهر ڊوڙيندي آئي ۽ هوءَ ڪاڪي ڪلومل کي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳي، پر هو نظر ڪونه آيو. دائي جي نظر ڪاڪي تي وڃي پيئي. هوُ هڪ گهر جي ڪنڊ وٽ بيٺو هو. ڪاري ماءُ دائي چوڻ لڳي، "ڪاڪا مون توهان کي هيڏانهن هوڏانهن گهڻوئي ڳولهيو پر توهان ته نظر ڪونه آيا. توهان کي واڌايون هجن، لک لک واڌايون هجن."

"چو ڪهڙي ڳالهه آهي؟" ڪاڪي ڪلومل دائيءَ کان پڇيو.

دائيءَ وري ڪاڪي کي چيو، "ڪاڪا توهان کي واڌايون هجن. توهان جي پٽ ٽوپڻ کي پٽ ڄايو آهي يعني توهان کي پوٽو ڄائو آهي."

"اڙي تو ته سٺي خبر ٻڌائي آهي ڪاري ماءُ، هان وٽ هينئر توکي هيءُ ڏيئي رهيو آهيان. پوءِ توکي سڀ ڪجهه ڏيندس." ائين چئي ڪري ڪاڪي کيس سؤ سؤ جا پنج نوٽ ڪڍي ڏنا. "هاڻي تون وڃ. چو بيٺي آهين؟ پوءِ توکي سڀ ڪجهه دستور مطابق ڏيندس."

"مان هينئر ٽڪاڻي تي وڃان ٿو ڀائي راملعل کي سڏڻ. هوُ اچي ڪري ٻار کي ڪن ۾ ڦوڪ ڏئي." ائين چئي ڪري ڪاري ماءُ ٽڪاڻي ڏي رُخ رکيو.

ڪاڪي ڪلومل جي ڪُل جي اها رسم هئي ته گهر ۾ پٽ ڄمي ته ڀائي کي گهرائي ڪري، ڪن ۾ ڦوڪ ڏياري. ڦوڪ ڏيارڻ تمام ضروري آهي. ڦوڪ جو مطلب آهي ته ٻار جي ڪن ۾ آهستي ڪُل جي اشٽ ديو جو نالو وٺي ڪري ڪن ۾ ٻڌائڻ. انهيءَ جو مطلب آهي ته ٻار ڦوڪ ٻڌي ڪري اهو سمجهي وڃي ته سندس جنم هڪ سٺي گهراڻي ۾ ٿيو آهي. ٻار ڪلڻ سان ٻار خوش ٿيندو آهي ۽ ايشور جا شڪرانا مڃيندو آهي ۽ چوندو آهي، "اي مالڪ! تو مونکي سنسار ۾ موڪلڻ وارو آهين. تنهنجا لک لک شڪرانا آهن جو تو مون کي هڪ سٺي گهر ۾ پيدا ڪيو آهي. مان هينئر تنهنجو ٻار آهيان. تون منهنجي سنسار ۾ سنڀال لهج ۽ صحيح مارگ تي هلائيندي."

هيمن ماءُ

خبر نہ آهي پڇاڙي ڪيئن گذرندي! وري بہ شڪر آهي جو مالڪ پنهنجي هلندي هلايو رهي آهي. هينئر تہ هڪ-هڪ ڏينهن گذارڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو آهي. اهڙو وقت اڳ ۾ مون ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو هو. ڇئن پٽن جي ماءُ هوندي بہ اڄ ڪو بہ پٽ مون وٽ ڪونہ آهي. ڇهہ پوٽا آهن پر انهن مان ڪو بہ اماں سڏي ڪونہ ٿو ڳالهائي ۽ نہ وري ڪو حال تا وٺن، نہ وري ڪو پڇڻ ٿو اچي تہ اماں تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟ خبر نہ آهي تہ وقت ڪيئن بدلجي ويو آهي ۽ هي ڇا ٿي رهيو آهي؟ تنهن بہ هوندي بہ ڪا بہ نونهن نہ روٺي ٿي ڪارائي ۽ نہ وري ڪا شيوا ٿي ڪري. مون پنهنجي هٿن سان انهن کي گهر ۾ آندو. سندن ڊليوريون ڪرايم پر اُهي بہ منهن ڦيري ويون آهن. اي مالڪ! تون ڪهڙي ڏوهہ جي سزا ڏيئي رهيو آهين جو هن عمر ۾ بہ ماڻهن جي گهرن جو پورهيو ڪري رهي آهيان. پنهنجو گهر هوندي بہ مان ٻي گهر آهيان. ائين چوندي هيمن ماءُ ڪري پيئي ۽ بيهوش ٿي ويئي.

هيمن ماءُ جو اهو حال ڏسي چيتن ماءُ ڊوڙيندي آئي. هن پنهنجي نونهن کي سڏ ڪيو. ٻنهي ڄڻين ملي ڪري هيمن ماءُ کي پلنگ تي سمهاريو. چيتن ماءُ هيمن ماءُ کي هوش ۾ آڻڻ لاءِ، سندس منهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻڻ لڳي؟ نونهن کي چيائين تہ اما لاءِ هڪ کير جو گلاس ڀري کڻي اچ.

چيتن ماءُ جي گهر ۾ چارپاتي هئا. هڪ پاڻ، ٻيو سندس چيتن پٽ، نونهن راڌا ۽ پوٽو سريش هو. راڌا گرم کير جو گلاس ڀري کڻي آئي، کير ۾ ٿوري هيڊ ذري انهيءَ ڪري ملائي ويئي جو چيتن ماءُ کي شڪ پيو تہ ڪٿي هيمن ماءُ کي اندرين چوٽ نہ لڳي هجي. هيمن ماءُ کي کير پيئارڻ کان پوءِ چيتن ماءُ هيمن ماءُ کي زور ڏيڻ لڳي. سندس مٿي تي مالش

هن جو زور سان روئڻ چالو هو. پاڙي وارا اچي گڏ ٿيا. ڪو ڪجهه پيو چوي ته ڪو ڪجهه پيو چوي. سڀيئي ٽوٽڪا ڪيا ويا پر ٻار چپ ٿي ڪونه پيو ڪري. ٻار روئي روئي بيحال ٿي پيو. گهر وارن ملي ڪري چيو ته صبوح جو ٻار کي ڊاڪٽر کي ڏيکاريو وڃي.

صبوح جو ٻار کي ڊاڪٽر وٽ وني آيا. ڊاڪٽر ٻار جي جاچ ڪرڻ لڳو پر ڊاڪٽر کي ٻار ۾ ڪا به بيماري ڏسڻ ۾ نه آئي. ايتري ۾ ڪاري ماءُ دائيءَ ڊاڪٽر کي سچي ڳالهه رام لکن جي ڪري ٻڌائي. ڊاڪٽر کي چوڻ لڳي ته ٻار پهرياڻين ٺيڪ هو. رام لکن جي وڃڻ کان پوءِ ٻار روئڻ شروع ڪيو.

ڊاڪٽر دائيءَ کي شاباس ڏيندي چيو ته تون مونکي سچي ڳالهه ڪري ٻڌائي جيئن ٻار جي بيماريءَ جو پتو لڳايو وڃي. ڊاڪٽر ٻار جي ڪن جي جاچ شروع ڪئي. ڊاڪٽر جاچ ڪندي چيو ته هن ٻار جي ڪن ۾ ڪنهن زور سان آواز ڪيو آهي.

دائي چوڻ لڳي، "رام لکن هن ٻار جي ڪن ۾ اهڙي زور جي ڦوڪ ڏني چڻڪ ريل جي سيٽي وڃڻ لڳي."

ڊاڪٽر چوڻ لڳو، "اسان اڃان پراڻين رسمن کي ڪونه ڇڏيو آهي. خبر نه آهي ته رسمون ڪڏهن ختم ٿينديون؟" ائين چئي ڪري ڊاڪٽر ٻار جو علاج چالو ڪيو.

دائيءَ ڊاڪٽر کان پڇيو، "ٻار کي ڇا ٿيو آهي؟"

ڊاڪٽر چيو، "اهڙي ڪا خاص بيماري ڪونه آهي. گهٻرائڻ جي ضرورت ڪونه آهي. رام لکن ٻار جي ڪن ۾ زور سان ڦوڪ ڏني، جنهن ٻار جي ڪن جي پڙدي تي اثر ڪيو آهي. ٻار ٺيڪ ٿي ويندو. اڳتي لاءِ خيال رکجو، اهڙيون ڪن ۾ ڦوڪون نه ڏيارجو. اهو ته سٺو ٿيو جو توهان مون وٽ وقت تي آيا. ٻار جي تڪليف ڏيري ڏيري لهندي پر آئينده خيال رکجو."

ڪاڪي ڪلومل ڊاڪٽر جي ڳالهه ٻڌي ڪري قسم کنيو ته سندس گهر ۾ ڪو به ٻار ڄمندو ته هن کي وري ڪن ۾ ڦوڪ ڪونه ڏياريندو. اهڙي رواج کي ڪاڪي ڪلومل هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيو.

هئا تہ هوُ ڇو ٿا هن جي شيوا ڪن؟

چيتن ماءُ جي عمر قريب ٦٥ سال هئي. هن کي ٻاڙي وارا "امان" ڪري ڇوندا هئا. چيتن ماءُ هميشهہ اهو سوچيندي هئي تہ ٻاڙي وارن جو شڪ دور ڪيئن ڪريان؟

چيتن کي هڪ وڏو بنگلو هو، جيڪو هن کي ڪمپنيءَ جي طرفان مليل هو. انهيءَ ۾ هڪڙو ڪمرو خالي هو. چيتن اُهو ڪمرو هيمن ماءُ کي ڏيئي ڇڏيو ۽ ڪيس ٽيئي ويلا ماني کارائيندا هئا. هوُ جيڪي پاڻ کائيندا هئا سو ڪيس کارائيدا هئا. هاڻ تہ گهر ۾ سيئي پاتي ڪيس "ماسي" ڪري ڇوندا هئا. هيمن ماءُ کي "ماسي" چوڻ ڪري پاڙي وارن جو شڪ پڪو ٿيندو پئي ويو تہ هيمن ماءُ ۽ چيتن ماءُ پاڻ ۾ سڳيون ڀينر آهن ۽ ڇوندا هئا، "ڪهڙو نہ ڪلجڳ آيو آهي! چيتن ماءُ ڪهڙي نہ مطلبياڻي آهي جو پنهنجي ڀيڻ کان ڪم ڪرائيندي هئي ۽ ڪيس پئسا ڏيندي بہ ڪونہ هئي. هن کي صرف پگهار ڏيندي هئي. هيئنئر خبر نہ آهي تہ ڇو سندس پريم هيمن ماءُ لاءِ جاڳيو آهي؟ شايد اهو تہ ڏسڻ ۾ اچي تہ سندس اڪيون هيمن ماءُ جي ملڪيت ۾ آهن."

هڪڙي ڏينهن چيتن پنهنجي گهر ۾ هولي ملڻ جو ميڙ رکيو. انهيءَ ميڙ ۾ پاڙي وارا مرد ۽ زالون آيون. چيتن پنهنجي دوستن کي ميڙ ۾ دعوت ڏني. ميڙ ۾ سيني لاءِ پوڄڻ جو بندوبست رکيو ويو هو. جيئن تہ چيتن ماءُ ماستري ڪئي هئي، انهيءَ ڪري هن کي ڳالهائڻ جي سني ڏات مليل هئي. جنهن وقت ملن پوري ٿيڻ تي هو، انهيءَ مهل چيتن ماءُ اُٿي ڪري پاڙي وارن کي چيو، "مان توهان پاڻرن ۽ ڀينرن جي سامهون بہ اکر چوڻ ٿي چاهيان. توهان مهرباني ڪري منهنجا بہ اکر ڌيان سان ٻڌندا ۽ انهيءَ تي غور ڪندا."

چيتن ماءُ ڳالهہ جو سلسلو جاري رکندي چيو، "هيمن ماءُ منهنجي ڪابہ رشتيدار ڪونہ آهي. توهان جي دل ۾ اهو شڪ آهي تہ هيءَ منهنجي ڀيڻ آهي، پر حقيقت ۾ هيءَ منهنجي ڀيڻ ڪونہ آهي.

ڪرڻ لڳي جيئن ڪيس آرام اچي. ايتري ۾ پاڙي جون زالون به هيمن ماءُ کي ڏسڻ آيون ڇاڪاڻ ته پاڙي وارين زالن کي هيمن ماءُ جي چنتا ڪونه هئي، پرڪين چنتا هئي ته سندن گهر جو ڪم ڪير ڪندو. هنن جي دل ۾ هيمن ماءُ لاءِ لاءِ هڪ پائي جي همدردي ڪونه هئي. هنن جو باهريون ڏيکاءُ هو.

پاڙي جي زالن جنهن وقت ڏٺو ته چيتن ماءُ، هيمن ماءُ کي زور ڏيئي رهي آهي ۽ سندس شيوا ڪري رهي آهي ته هوُ تعجب ۾ پئجي ويون. زالن کي انهيءَ وقت پاڻ وڏيڪ تعجب لڳو جنهن وقت هنن ڏٺو ته چيتن ماءُ جو پوٽو هيمن ماءُ کي ڏاڍو پيار ڪري رهيو هو ۽ هن کان پنهنجي توتلي زبان ۾ پڇي رهيو هو، "ماسي، تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟ تون ڇو سمهي پيئي آهين." هيمن ماءُ ٻارجو پيار ڏسي ڪري، هن کي پيارءِ آشيرواد جا هٿڙا گهمائي رهي هئي. پاڙي واريون سوچڻ لڳيون ته هيمن ماءُ شايد چيتن ماءُ جي رشتيدار آهي جو هوءَ هن جي ايتري شيوا ڪري رهي آهي. زالن جي دلين ۾ الڳ الڳ ويچار اچڻ لڳا ۽ هو سوچيندي پنهنجن گهرن ڏانهن روانيون ٿيون.

چيتن ماءُ هيمن ماءُ کي چيو، "پيڻ تون به ڏينهن اسان وٽ رهي پئه. اسان وٽ آرام ڪر ۽ روٽي به کائيندي ڪر. ڇاڪاڻ ته تون اڪيلي آهين. تنهنجو به ڪو ڪرڻ وارو ڪونه آهي."

چيتن ماءُ پنهنجي پٽ چيتن کي هيمن ماءُ جي باري ۾ فون تي ٻڌايو. چيتن هڪدم ڊاڪٽرکي وٺي آيو. ڊاڪٽر هيمن ماءُ کي ڏسي چيو، "هن کي ڪجهه ڪونه آهي. هن کي ٿورو ٽينشن ۽ ڪمزوري آهي. هن کي چارپنج ڏينهن آرام ڪرڻ جي ضرورت آهي." ڊاڪٽر دوائن جو پرچو چيتن کي ڏاهي ڏنو.

چيتن بزار مان دوائون وٺي آيو. گهر جا ياتي هيمن ماءُ جي شيوا ڪندا هئا.

پاڙي وارن جي دل ۾ هيمن ماءُ جي شيوا ڪرڻ جا شڪ اُٿي رهيا

مون تي کھڙا، کھڙا الزام هنيا ۽ کھڙا رمارک پاس ڪيا، اُها منهنجي دل تي چاٺي. اهڙي طرح هيمن ماءُ کي چارپٽ آهن پرکيس چارئي پٽ ڪونہ ٿا پڇن. جيتوڻيڪ هنن جي مالي حالت سٺي آهي. اهڙن پٽن کي لعنت آهي جو هن عمر ۾ سندن ماءُ پورهيو ڪري پيٽ ٿي پالي."

ائين چئي ڪري چيتن ماءُ چوڻ بند ڪيو تہ سندس اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ زور-زور سان اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. چاڪاڻ تہ کيس پراڻيون دک پريون ڳالهيون ياد اچي ويون. هن هيمن ماءُ کي ڳلي لڳايو.

ٻئي طرف هيمن ماءُ اُٿي ڪري چوڻ لڳي، "پٽ هجن تہ چيتن جهڙا، جيڪو شروڻ ڪمار جو روپ آهي. منهنجي چئن پٽن جهڙا دئيت نہ هئڻ گھرجن." هيمن ماءُ چيتن کي ڏاڍيون دعائون ڪرڻ لڳي. ۽ الهائيندي ڳالهائيندي هوءَ ڪري پيئي، بيهوش ٿي ويئي. هيمن ماءُ کي دل جو صدمو لڳو جو هوءَ هفتي اندرئي گذاري ويئي. سندس گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس چارئي پٽ ڊڪندا آيا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان پنهنجي پياري ماءُ جو ڪرياڪرم ڪنداسين. سندس پٽن ماءُ جي ارٿي سجائي ڪري ڪنئي. سندس مٿان گلن ۽ روپين جو وسڪارو ڪندا پئي هليا. سندس پٽن جو اهو حال ڏسي اندرديوتا بہ روئڻ لڳو جو انهيءَ وقت ڏيري ڏيري برسات پوڻ لڳي. ماڻهو بہ ڏندين آڱريون ڏيڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا، "واه ڙي ڪلجڳ! پٽن ماءُ کي جيئري نہ پڇيو، هينئر گل ۽ روپيا سندس مٿان ڦٽي ڪندا ٿا هلن!"

هن ڪهاڻيءَ کي راجستان سنڌي اڪادمي طرفان اسٽيٽ ليولَ تي ٻيون نمبرانعام مليل آهي.

هاڻي هيءَ منهنجي پيٽ آهي. مان بہ انهيءَ دؤر مان گذري رهي هئس، جنهن دؤر مان هينئر هيمن ماءُ گذري رهي آهي. مان هڪ وڏي گهراڻي هئس. مان ماستري ڪندي هئس. منهنجي مڙس کي سٺي نوڪري هئي. اسان پاڻ ۾ تي جڻا هئاسين. مان، منهنجو گهوٽ ۽ منهنجو پٽ چيتن. هڪڙي ڏينهن منهنجي گهوٽ جو حادثي ۾ اچانڪ موت ٿي ويو. مان اڪيلي ٿي پيس. مون کي ڏير، ڏيراڻيون، پائٽيا ۽ پائٽيون هيون پر مون کي ڪنهن بہ ڪونہ پڇيو ۽ نہ وري ڪنهن مون کي مدد ڪئي. منهنجو مددگار ايشور هو جنهن تي منهنجو ڀروسو هو. مالڪ ڪنهن کي ڪونہ ڇڏيندو آهي. مون بہ هن تي ڀروسو رکيو. منهنجي پاڙي ۾ هڪ رٽائرڊ آفيسر نارائڻداس ۽ سندس زال رهندا هئا. هنن کي هڪ پٽ هو، جيڪو ٻاهر ولايت ۾ رهندو هو. نارائڻداس ۽ سندس زال مونکي سهارو ڏنو. نارائڻداس جي زال جو نالو رکي هئو. هوءَ ديويءَ جو اوتار هئي. رکي منهنجي پٽ چيتن کي پاليندي هئي ۽ مان نوڪري ڪندي هئس. مان نوڪري تان اچڻ کان پوءِ گهر جي ۽ نارائڻداس ۽ رکيءَ جي ديک ڀال ڪندي هئس. هوُ بہ عمر جا وڏا هئا ۽ مونکي ڌيءُ وانگر سمجهدا هئا. ٿورن ڏينهن کان پوءِ نارائڻداس گذاري ويو. رکي اڪيلي ٿي پيئي. سندس پٽ، نونهن ٻاهران آيا. هن ماءُ ڏانهن ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنو. مونکي پارت ڪري ويا تہ اسان هاڻي ٻاهر وڃون ٿا ۽ اسان جي ماءُ جي سنڀال ڪجِ. سندس گذاري وڃڻ کان پوءِ سڄي ملڪيت تنهنجي آهي. هوُ مونکي لکي ڪري ڏيئي ويا. نارائڻداس جي زال چيتن کي پوٽي وانگر پالڻ لڳي ۽ منهنجو نونهن وانگر ڌيان رکڻ لڳي. سندس پٽ مهني سر مهني ٻاهران ڪافي پئسا موڪليندو هو. هوءَ اهي پئسا چيتن جي پڙهائيءَ تي خرچ ڪندي هئي. چيتن جيڪو اڄ انجنيئر آهي سو منهنجي امان رکيءَ ڪري آهي. هن جي مهربانيءَ سان ئي هن پد تي پهتو آهي. مونکي پتو آهي تہ دک ڇا ٿيندو آهي؟ دک جو احساس انهيءَ کي ٿيندو جيڪو انهيءَ دؤر مان گذريو هوندو. مونکي خبر آهي تہ ماڻهو

۾ سني لڳندي آهي."

"ائين تہ آهي." نرملا چيو.

اينري ۾ هڪ گاڏيءَ وارو پرسان اچي نڪتو. نڪل جي منع ڪرڻ تي هن ٻار کي چاڪليٽ وٺي ڏنو.

ورشا رکي آواز ۾ نڪل کي چيو، "هلو نہ، ڏاڍي دير ٿي ويئي آهي."

نڪل چيو، "چڱو نرملا! اسين هلون ٿا."

"چڱو، توهان سيني کي ڏياريءَ جون شڀ ڪامنائون هجن." نرملا هٿ ملائيندي چيو.

نڪل کي اهو تہ چوڻ بہ ڪونہ آيو ءَ ڪيس چيائين، "اسان جي طرفان بہ توکي گهڻيون گهڻيون...... هجن، اسان هلون ٿا."

"سچ ڪيترو نہ پيارو ءَ سنو ٻار آهي؟" نرملا هٿ جوڙي ڪري موڪلايو ءَ رش ۾ گم ٿي ويئي.

"هيءَ ڪهڙو ڪم تنهنجي آفيس ۾ ڪندي آهي؟" موقعو پائيندي ورشا نڪل کان پڇيو.

نڪل خبر نہ آهي ڇو گهبرائجي ويو؟ چيائين، "هيءَ منهنجي اسسٽنٽ آهي. منهنجي هٿ هيٺ ڪم ڪندي آهي."

"واه!" ورشا گنڀيرتا سان چيو تہ، "پوءِ مون کان ڇو ٿو لڪائين؟"

نڪل ناراض ٿيندي چيو، "تون خوامخواه رائيءَ جو پهاڙ ٿي ڪرين."

ورشا ڪنورتا سان چيو، "مونکي دال ۾ ڪارو ٿو ڏسڻ ۾ اچي. تون سان گڏ گهڻن ڏينهن کان ڪم ڪندي آهي؟"

نڪل جواب ڏيندي چيو تہ، "قريب ١٠، ١٢ ڏينهن ٿيا هوندا."

حالانڪ نرملا ۴ مهينن کان نڪل جي هٿ هيٺ ڪم ڪندي آهي. نڪل جي منهن مان سچ ڪونہ نڪتو.

ورشا نڪل کي چيو، "توکيس پاڻ وٽ رکيو هوندو."

"مان ڇا ڪندس؟" نڪل پنهنجي صفائي پيش ڪندي چيو، "هن کي تہ منهنجي پرنسيپال منهن جي هيٺان زيردست ڪري رکيو آهي."

واسنا

ڏياريءَ جا ڏينهن هئا. نکل پنهنجي زال ورشا ۽ ننڍي پٽ سان گڏ شهرڏانهن ڏياريءَ جي ڪري خريداريءَ لاءِ نڪتو. نکل ۽ ورشا خريداري ڪري شهر ۾ گهمي رهيا هئا. سندن هٿن ۾ سامان جا پئڪيٽ هئا. هو ٻئي ڄڻا ڪافي وقت کان وٺي خريداري ڪري رهيا هئا. منجهند جا ۳ ٿي ويا هئا. پر ڪين وقت جو پتو ڪونه پي لڳو. ٻنهي ڄڻن سوچيو ته ڪافي دير ٿي ويئي آهي؟ هينئر گهر هلجي. ڇاڪاڻ ڏياري جي ڪري ڪين گهر به سينگارڻو هو.

"نمستي!" هڪ مٺو آواز ٻنهي جي ڪنن تي پيو. نکل پٺ ورائي ڏٺي ته نرملا سامهون بيٺي آهي. مشڪي رهي آهي.

نکل نمستي جو جواب نمستي ۾ ڏنو. ورشا چپ ڪري بيٺي هئي. ٻنهي ڄڻن کي گهوري نهاري رهي هئي. نرملا تمام سندر ۽ جوان هئي. سندس عمر قريب ۲۵ سال پي لڳي. سندس ڪليل وار سندس منهن تي پي پيا ۽ سندس سونهن وڌائي رهيا هئا.

نکل نرملا جي واقفيت ڪرائيندي ورشا کي چيو، "هيءَ نرملا آهي. نئين نئين آفيس ۾ آئي آهي." هن زال جي دپ کان زال کي ڪونه ٻڌايو ته هيءَ پي.اي. آهي.

نرملا ڳالهين جو سلسلو جاري رکندي چيو، "توهان ته ڏاڍو سامان خريد ڪيو آهي. اڙي! ڇا هي توهان جو پٽ آهي؟ ڪهڙو نه پيارو آهي؟" نرملا ٻار کي گود ۾ کنيو. ورشا نرملا جو ڪليل نموني ڏسي ڪري، هوءَ چپ چاپ تماشو ڏسندي رهي.

نرملا نکل کي چوڻ لڳي، "ڇا توهان هينئر گهر تا وڃو؟ ڇا توهان رات جي روشني ڪونه ڏسندا؟"

نکل گهبرائيندي چيو، "نه ڏاڍي دير ٿي ويئي آهي. ڏياري ته گهر

ٽيون پون. مونکي پيءُ ڪونہ آهي. ماءُ اپاهج آهي، هن جي شبوا ڪرڻي
ٽي پوي. ماءُ لاءِ روٽي ڪري ايندي آهيان. ننڍي ڀيڻ آهي. هن کي تيار
ڪري اسڪول موڪليندي آهيان. سيئي ڳالهيون ٻڌي ڪري آفيس وارن
کي هن لاءِ ڏاڍي همدردي هئي. ٻئي طرف ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪاليج
۾ ڪم ڪندڙن کي تعجب لڳو تہ نرملا پاڻ کي سينگاري ٽي اچي. ڪپڙا بہ
ڍنگ جا ٽي پائي اچي. سندس هار سينگاري ڪري هوءَ ڏاڍي سهڻي
لڳندي هئي ۽ وڏيڪ وڏيڪ جوان پي لڳي.

نڪل ڪاليج ۾ وائيس پرنسيپال هو. ڪيس آفيس جي ڪم سان گڏو
گڏ ٢، ٣ پيريڊ ونڊا پوندا هئا. انهيءَ ڪري ڪيس ڪافي ڪم هوندو هو.
ڪاليج جو سڄو ائڊمنسٽريشن جو ڪم سندس مٿان هوندو هو. نرملا نڪل
جو ڪم ڏاڍو محنت سان ڪندي هئي. هوءَ آفيس جي ٽپال ڏسڻ ۽ لکپڙه
۾ نڪل جي ڪافي مدد ڪندي هئي. هوءَ نڪل کي ڪم ڪرڻ جو موقعو ڪونہ
ڏيندي هئي. هوءَ نڪل جي مٿان گهورون پيئي گهوريندي هئي. نڪل ملنسار
ڪلمک ۽ مزاقي سُڀاءُ جو هو. انڪري نڪل وٽ ڪونہ ڪو وينو هوندو هو.
اهڙي حالت ۾ نرملا بہ چپ ڪونہ ويهندي هئي. هوءَ بہ ڪڏهن ڪڏهن
نڪل سان ڪل چرچو ڪندي هئي.

هڪڙي ڏينهن صبوح جي وقت ورشا نڪل جو من خراب ڪري ڇڏيو.
بنان ڪنهن ڪارڻ جي هوءَ نڪل سان اُبتو سبتو ڳالهائڻ لڳي. جڏهن کان
ورشا نرملا کي ڏٺو هو، تنهن ڏينهن کان وٺي ڪري هوءَ شڪ جو شڪار ٿي
ويئي هئي. ڪابہ ڳالهہ هوندي هئي تہ هوءَ گهمائي ڦرائي نڪل کي تعنو
هڻي ڏيندي هئي.

ورشا جون ڳالهيون ٻڌي نڪل ڪڏهن ڪڏهن غصي ۾ اچي ويندو
هو.

هڪ ڏينهن هڪ ننڍي ڳالهہ جي ڪري هن طوفان پيدا ڪري ڇڏيو.
نڪل ڪروڌ ۾ اچي ڪري ورشا کي گهٽ وڌ ڳالهايو. ايتري قدر ڪيس چيائين،
"تون پيڪي ڪونہ ويئي آهين. منهنجو خيال آهي تہ تون پيڪي وڃ.

"پر تو تہ مونکي اڳ ڪونہ ٻڌايو." ورشا منهن ڦيريندي چيو.

نکل غصي ۾ چيو، "ڇا دفتر جي هرهڪ ڳالهہ توکي ٻڌايان؟ منهنجي اهڙي عادت ڪونہ آهي."

ورشا وري آواز ۾ طعنو هڻندي چيو، "راڌا کي تہ رام آفيس جي هرهڪ ڳالهہ اچي ٻڌائيندو آهي. ڪڏهن مينا ۽ انيل ايندا آهن تہ انهن مان پتو لڳندو آهي تہ انهن جي ڪاليج ۾ ڇا ڇا تو وهي واپري؟"

نکل ڪروڌ ۾ چيو، "ڇا مان انهن جو نقل ڪريان؟ تنهنجي بہ اها مرضي آهي ڇا؟ تون اچ تہ توکي ٻڌايان تہ نرملا منهنجي اسسٽنٽ ٿي آهي. تون اها ڳالهہ راڌا کي ٻڌائج. سڀاڻي اها ڳالهہ راڌا مينا کي ٻڌائيندي. انهيءَ کان پوءِ سڄي محلي ۾ ڳالهہ ڦهلجي ويندي. پوءِ اٿين معلوم ٿيندو تہ جڻڪ مون نرملا سان عشق ڪرڻ شروع ڪيو آهي."

ورشا ترڇي اک سان ڏسي ڪري چيو، "چور جي ڏاڙهيءَ ۾ تنڪو. هاڻي ڳالهہ ايستائين پهتي آهي."

نکل کي ڏاڍو جوش اچي ويو. هن کي ايترو جوش اچي ويو جو هن جو من پيو چاهي تہ ورشا جو گلو گهٽي ڇڏيان. نکل ائين نہ ڪري، زال کي چيو، "تون هڪ گنوار ۽ جاهل آهين." ٻنهي ڄڻن رستي تي جهڳڙو ڪيو. پر پوءِ ٻئي ڄڻا چپ ڪري اسڪوٽر تي گهر ڏانهن واپس وريا ۽ نہ وري ڪا نرملا جي ڳالهہ ڪيائون. گهر اچي ٻئي ڄڻا گهر جي سجاوٽ ۾ لڳي ويا.

ڏياري جي موقعي تي ورشا پاڻ کي سينگارڻ لڳي. نئين ساڙهي پاتائين ۽ زيور پائڻ سان سندر سونهن نکري آئي. نکل کيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

هونئن تہ نرملا ڪڏهن بہ ڊنگ جا ڪپڙا ڪونہ پائيندي هئي. کيس پاڻ کي سينگارڻ ۾ ڪابہ دلچسپي ڪونہ هئي. پر ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هن جي رنگ-ڊنگ ۾ بدلاءُ اچي ويو. پهريائين سندس ڪاليج وارا هن جي حالت ڏسي طعنا هڻندا هئا، جنهن وقت پنهنجا دکرا ٻڌائيندي هئي ۽ هميشهہ چوندي هئي گهر ڏاڍو پري آهي. مونکي بہ بہ بسيون بدلائڻيون

هينئر نکل روئي ڪائڻ جي آناڪاني ڪرڻ ڇڏي ڏني. ٻئي ڄڻا روئي هڪ ٻئي سان متائي ڪائيندا هئا. نکل ڏٺو تہ نرملا ڪڏهن ڪڏهن آفيس جي ڪم ڏانهن لاپرواه ٿيڻ لڳي آهي. نرملا جي لاپرواهيءَ جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن غلط ليٽر ٽائيپ ڪندي هئي. اها ڳالهہ ڏسي ڪري نکل نرملا کي ڊپون چاڙهيندو هو.هڪڙي ڏينهن نرملا چپ ڪري پئي رنو. نکل نرملا کي روئيندو ڏسي کيس سمجهائڻ لڳو ۽ کيس حدايت ڪيائين تہ اڳتي اهڙيون غلطيون نہ ڪندي ڪر.

نرملا روئيند چيو، "غلطين جو ڪارڻ تون آهين. ڇاڪاڻ تہ مان هر وقت تنهنجي لاءِ سوچيندي آهيان."

نکل چيو، "سوچڻ جو ڪارڻ ڇا آهي؟"

نرملا جواب ڏيندي چيو، "مونکي تو سان پيار ٿي ويو آهي."

نکل سندس اکر ٻڌي تعجب ۾ پئجي ويو ۽ کيس چوڻ لڳو تہ، "تون ڇا چئي رهي آهين؟"

نرملا چيو، "مان سچ چئي رهي آهيان؟"

نکل نرملا جا اکر ٻڌا تہ نکل جي دماغ ۾ طوفان پيدا ٿي ويو. نرملا سندس پرسان هڪ بيوس ۽ بي سهاري بيٺي هئي.

نکل نرملا جا ڳوڙها اُگهندي چيو، "روئڻ ڪم بزدل ۽ ڪمزور جو آهي. مان تنهنجي لاءِ گهڻيئي دفعا سوچيندو آهيان ۽ منهنجي دل ۾ بہ تنهنجي لاءِ پيار آهي. پر ڇا ڪريان؟ مان شادي شده آهيان ۽ هڪ ٻار جو پيءُ بہ آهيان"

نرملا جواب ڏيندي چيو تہ، "مونکي ڪجهہ بہ نہ کپي. بس مونکي تو سان پيار جو اظهار گهرجي."

نکل گهر نہ وڃي ڪري نرملا سان گڏ هوٽل ۾ ويو. ٻنهي چانهہ پيتي. پنهنجي پنهنجي دل جو ٻوجهہ هلڪو ڪيو. دير ٿي وڃڻ تہ نکل نرملا کي اسڪوٽر تي ويهاري گهر پهچايو ۽ پوءِ پاڻ گهر ويو. جنهن وقت هو گهر ۾ گهريو تہ هن محسوس ڪيو تہ گهر ۾ نکل نہ پر ڪو چور آيو آهي. هو ڏڪي رهيو

جيئن ٻنهي ڄڻن کي آرام ملي."

ورشا رڙ ڪندي چيو، "تون هينئر ائين چوندي ته پيڪي وڃ، جيئن توکي نرملا سان رهڻ جو موقعو ملي. هاڻي توکي منهنجي ڪهڙي ضرورت آهي."

نڪل ڪروڌ ۾ چيو، "خبردار جو نرملا جو نالو ورتو آهي. منهنجو هن سان ڪوبه واسطو ڪونه آهي. تون هڪ بيڪار ۽ بيوقوف زال آهين. ڀڳوان منهنجو تو جهڙي زال سان ڪيئن پلاند اٽڪايو؟" نڪل جا اهي اکر ٻڌي ورشا زور زور سان روئڻ لڳي، "هينئر مان گنوار ۽ بيوقوف ٿيس." انهيءَ جهڳڙي جي ڪري نڪل نيرڻ ڪونه ڪئي ۽ نه وري ڏينهن جي روٽي کٽي ويو. نڪل جنهن وقت ويو ته موڊ ڏاڍي خراب هئي. ڪاليج ۾ جنهن وقت نرملا ساڻس ڳالهايو ته هن سان به وڙهڻ لڳو. پوءِ هن کي هڪ ٽڪ ڏسڻ لڳو ۽ ائين پئي معلوم ٿيو ته هو نرملا ۾ ڪجهه ڳولهي رهيو آهي.

نڪل نرملا کان پڇيو، "تنهنجي ماءُ ڪيئن آهي؟"

نرملا جواب ڏيندي چيو، "گهر ۾ سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي. ماں پنهنجي ماءُ سان توهان جي ساراهه ڪندي آهيان. ڀيڻ پڙهائي ڪندي آهي. چڱي طرح هلي پيئي. پر حسابن ۾ ڪچي آهي."

نڪل ڪيس چيو، "تون ڪيس ٽيوشن رکي ڏني آهي؟"

نرملا جواب ڏيندي چيو، "اڄڪالهه ٽيوشن رکي ڏيڻ ڏاڍو مشڪل آهي." ان کان پوءِ ٻئي ڄڻا چپ ٿي ويا.

منجهند جي وقت نڪل چپراسيءَ کي چئي چانهه گهرائي. نرملا ڏٺو ته نڪل اڄ روٽي ڪونه کٽي آيو آهي. نرملا پنهنجي روٽي کٽي نڪل جي اڳيان کائڻ لاءِ رکي ۽ چيو، "ڇا توهان روٽي ڪونه کائيندا؟"

نڪل جواب ڏنو ته، "منهنجي طبيعت ٺيڪ ڪونه آهي، انهيڪري مون روٽي ڪونه آندي آهي." نرملا پنهنجي روٽيءَ جو ڪجهه حصو سندس ٽيبل تي رکيو ۽ کيس روٽي کائڻ لاءِ زور پرڻ لڳي. نڪل سندس زور پرڻ تي روٽي کاڌي. هاڻ ته روز جو نيم ٿي پيو جو ٻئي ڄڻا گڏ روٽي کائيندا هئا.

سوچڻ ڏي."

نرملا نڪل کي چارپ قاتل هڪ بيوس هرڻي وانگر ڏسڻ لڳي.

نڪل سوچڻ لڳو تہ ڪيس اهو معلوم ڪونہ هو تہ نوبت ڪا ايستائين پهچندي، چاڪاڻ تي انهيءَ ڳالهہ جو ڪارڻ نڪل پاڻ هو. جيڪو رستو پلجي ويو هو. هن پنهنجي گرهستي خراب ڪرڻ تي چاهي ۽ نہ وري نرملا سان شادي ڪرڻ تي چاهي. هينئر نڪل ڏنو تہ نرملا کي آفيس جي ڪم ۾ ڪوبہ چاه ڪونہ آهي. هوءَ روز غلطين مٿان غلطيون آفيس جي ڪم ۾ ڪندي هئي. نڪل رات جو سمهڻ وقت پيو پاسا بدلائيندو هو تہ ڪيئن هن مصيبت مان پاڻ ڇڏائي. نرملا جي غلطين جي شڪايت پنهنجي پرنسيپال سان ڪرڻ لڳو ۽ ڪيس ٻڌائين تہ، "ڪتي منهنجي مٿان مصيبت اچي، انهيءَ ڪري مهرباني ڪري هن کي منهنجي سيڪشن مان بدلي ڪيو."

پرنسيپال بہ سندس پريم جا افواه ٻڌا هئا. هن بہ کلي ڪري ۽ نقطچيني ڪندي مسڪرايو ۽ ڪيس چوڻ لڳو، "مون تہ ڪجهہ ٻيو سوچيو هو." نڪل چپ تي ويو.

پرنسيپال ڪيس چيو تہ، "تون لکي ڏي تہ مان قدم کڻان."

نڪل چيو، "مان شڪايت لکي ڏيڻ نٿو چاهيان." آفيس جي اهڙي حالت هئي جو نڪل هڪ مهينو موڪلي وٺي ويو. موڪل وٺي هو ٻارن سوڌو ٻاهر هليو ويو. ٻاهر وڃڻ کان اڳ نرملا نڪل کي چيو تہ، "مونکي ساڻ وٺي هل. تنهنجي وڃڻ ڪري منهنجي لاءِ اڪيلو رهڻ ڏاڍو مشڪل آهي." نڪل ڪيس جواب ڪونہ ڏنو ۽ چپ چاپ هليو ويو.

نرملا ڪيس چيو، "وڃڻ کان اڳ اچ هوٽل ۾ هلي چانهہ پيون." پر نڪل جواب ڪونہ ڏنو.

نڪل جو موڪل تي وڃڻ کان پوءِ اهي افواه ڦهلجڻ لڳا تہ نڪل نرملا کي ٻئي سيڪشن ۾ موڪلڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ايتري قدر جو اهي بہ افواه هئا تہ نرملا کي نوڪريءَ مان ڪڍائڻ لاءِ نڪل ڪوشش ڪئي. پهرياڻين تہ نرملا کي اعتبار انهن ڳالهين تي ڪونہ پئي آيو پر هڪڙي ڏينهن نرملا جو

هو. هو سوچي رهيو هو تہ ڪٿي ورشا سندس دل جي ڌڙڪن نہ بڻجي وڃي. هو پاڻ کي سنڀالڻ لاءِ ورشا جي اکيان پٺيان گهمي رهيو هو. هاڻي نڪل لاءِ اهو روز جو ڪم ٿي پيو.

ٻنهي جي مجبوري اها هئي تہ نہ نڪل نرملا جي گهروچي سگهيو نہ وري نرملا نڪل جي گهرپي اچي سگهي. ڊيوٽي پوري ڪرڻ کان پوءِ ٻئي ڄڻا هوٽل ۾ ويندا هئا. پنهنجي زندگيءَ جو آنند پيا وٺندا هئا.

نرملا چوندي هئي، "نڪل! مون جنهن ڏينهن کان وٺي توکي ڏٺو آهي تہ مونکي تنهنجي لاءِ پيار پيدا ٿي ويو آهي." روئيندي چوڻ لڳي تہ، "مان هينئر اڪيلي رهي نٿي سگهان. اهڙي طرح لڪي، لڪي ڪيترا ڏينهن پيار ڪندا رهنداسين. مان توکي هٿ جوڙي عرض ٿي ڪريان تہ تون مونکي پنهنجي چرنن ۾ جڳهہ ڏي. مان توکي صرف توکي ڏسندي رهان. مان تو کان ڪجهہ نہ گهرندس. مان تنهنجي زال جو اڌڪار ڪونہ کسيندس. مونکي تون صرف ساٿس رهڻ جي آگيا ڏي. گهرجي ڪنهن ڪنڊ ۾ پيئي هوندس." نرملا ٻالهائڻ ۾ ڏڪي رهي هئي.

نرملا جا اهي اکر ٻڌي نڪل جو مٿو چڪر کائڻ لڳو. سندس مٿان ڄڻڪ پهاڙ ڪري پيو. ٿوري وقت لاءِ سندس آواز بند ٿي ويو. سندس سامهون ورشا جو ڀيانڪ روپ گهمڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو، "نرملا! اهڙو غضب نہ ڪر! ائين نہ ٿئي ڪٿي منهنجو سڀ ڪجهہ ناس ٿي وڃي. مان ڪٿان جو نہ رهندس." ائين چوندي نڪل ڄڻ بيهوش ٿي رهيو هو.

نرملا کيس سنڀاليندي چيو، "تون مونکي هڪ دفعو ورشا سان ملڻ ڏي. چاڪاڻ تہ زال، زال جي دک کي سمجهندي آهي. منهنجي پرارٿنا منظور ڪر."

نڪل کي ڏينهن جا تارا ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا. هنکي خبر هئي تہ سندس گ رهستي ختم ٿي ويندي. سندس ٻار در، در پيا ڀٽڪندا. هيءَ سمجهي رهيو هو تہ ورشا سندس خراب حالت ڪندي.

نڪل ٿڌو ساهہ کڻي نرملا کي چيو، "تون ڪجهہ ڏينهن ترس، مونکي

جوابدار ڪير؟

راڌا هڪ وڏ گهراڻي ۽ پڙهل لکيل خاندان جي هئي. هن کي ٣ ٻار هئا. ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءُ هئس. سندس گهوٽ کي هڪ ڪمپنيءَ ۾ سٺي نوڪري هئي. گهر ۾ پئسي جي ڪا به ڪمي ڪانه هئي. سندس گهوٽ جو نالو شيام هو. شيام زميندار جو پٽ هو. هن کي پنهنجي ڳوٺ ۾ زمينون هيون، زمينن مان ڪيس سٺي آمدني هئي.

ايشور جي مايا به عجيب آهي! انسان کي سڀ سک ڏيندي، هڪ نه هڪ اهڙو دک تو ڏي، جيئن انسان ايشور کي ڀلائي نه سگهي. راڌا ۽ شيام کي پڻ هڪ اهڙو دک ايشور ڏنو هو. انهيءَ دک جي ڪري راڌا ۽ شيام ٻئي ڄڻا هميشه پريشان رهندا هئا. سندن دک جو ڪارڻ سندن ننڍو پٽ لعل هو. لعل دماغ جو ڪمزور هو. راڌا جا ٻئي ٻيا ٻار ڌيءُ روما ۽ پٽ رميش خوبصورت، هوشيار ۽ هونهار ٻار هئا.

لعل کي منڍبڌي ٻارن جي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. هو اسڪول ۾ من لڳائي پڙهندو هو. لعل سان گڏ ۱ ۳ ڪن ٻيا ٻار پڙهندا هئا. ڪلاس جو ماستر کين ڏاڍو پيار سان پڙهائيندو هو. هر هڪ ٻار جو منووگيان پروگريس ڏنو ويندو هو ۽ اُنهيءَ مطابق ٻارن جو علاج ڪيو ويندو هو. لعل اسڪول ۾ اسڪول جي بس ۾ ايندو ويندو هو. راڌا لاءِ هينئر سڀ ڪجهه ٺيڪ ٺاڪ نموني هلي رهيو هو. هن پنهنجي اُلجهن سان سمجهوتو ڪيو هو ۽ اُنهيءَ مطابق هلڻ لڳي.

لعل جي اسڪول جي رپورٽ ٺيڪ هئي. پر هڪ خاص ڳالهه جنهن لاءِ راڌا ۽ سندس گهوٽ کي ڌيان رکڻو هو، سا ڳالهه هئي لعل جو ڇوڪرين ڏانهن جهڪاءُ وڌيڪ هو. راڌا رپورٽ پڙهي ڪلڻ لڳي. لعل جو اسڪول وڃڻ ڪري ڪافي بدلاءُ آيو هو. هن جي گهر ۾ روٽي مائي ڪندي هئي. جنهنجو نالو سُنيتا هو. لعل جي سُنيتا سان دوستي ٿي ويئي. لعل هن کي "آنٽي" چوندو هو.

لعل اسڪول مان ايندو هو ته سُنيتا ڪانوس پڇندي هئي ته ڇا

سيڪشن بدليو ويو. سيڪشن بدلجڻ ڪري هوءَ آپي کان ٻاهر نڪري ويئي. هن کي ائين لڳو تہ نڪل ساڻس وشواس گهات ڪيو آهي. هينئر نرملا جي من ۾ نڪل لاءِ نفرت پيدا ٿي. هن بہ نڪل لاءِ شڪايتون ڪرڻ شروع ڪيون. هن کي چريترهين چوڻ لڳي. نڪل جنهن وقت موڪل تان واپس آيو تہ هن آفيس جو واتاورڻ بدليل ۽ تناءُ پريل ڏٺو. ڏيري، ڏيري هن جي سامهون سچائي اچڻ لڳي. ڪمري ۾ نرملاکي نہ ڏسي ڪري هن چئن جو ساهہ کنيو. نڪل کي هڪڙي پنهنجي گهري دوست ٻڌايو تہ هن کي نرملا ڏاڍو بدنام ڪيو ۽ ڪري رهي آهي. ڳالهيون ٻڌي ڪري سندس موڪلن جو مزو خراب ٿي ويو. نڪل جي پرپٺ سڀيئي هن تي کلندا هئا ۽ طعنا هڻندا هئا. نرملا نوڪري ڇڏي ڪري ٻئي هنڌ وڃي نوڪري ڪئي. دوست جون ڳالهيون ٻڌي ڪري هن جي من کي سنتوش آيو ۽ هن چئن جو ساهہ کنيو.

هڪ دفعي نرملا نڪل کي رستي تي ملي. هن نہ ساڻس نمستي ڪئي ۽ وري ٻارکي پيار ڪيو. پاسو وٺي نڪري ويئي.

ورشا نڪل کي چيو، "هيءَ تہ ساڳئي نرملا آهي نہ؟"

نڪل چيو، "ها، هيءَ ڏاڍي خراب چريتر جي آهي. هن جي خلاف شڪايتون هيون. هينئر هن کي نوڪري مان ڪڍيو ويو آهي."

نڪل کي وري نرملا جون پراڻيون ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. هو پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو تہ هن کي ڪيتري ڀاري قيمت ڀرڻي پيئي. "اُها بہ هڪ ڪن جي واسنا جي ڪُنَ ۾ ڦاسڻ لاءِ."

....

۳۰ سال ڪن هئي. هوءَ رنگ جي سانوري ۽ شرير جي پرپل هئي. لعل جي هن سان دوستي ٿي ويئي هئي. لعل مندڀڏي وارو هوندي به هو پريم جي ٻولي ڄاڻيندو هو. آنٽي گهر وچڻ جي ڪندي هئي ته لعل هن کي روڪيندو هو. لعل هميشهه سُنيتا کي چوندو هو، "آنٽي توهان هتي رهي پئه." ائين چئي ڪري هو ڪيس رهڻ لاءِ ضد ڪندو هو. ان ڳالهه لاءِ گهروارن مان ڪنهن کي به شڪ ڪونه هو ته متان ڪجهه ٿي پوي. ڇاڪاڻ ته لعل سُنيتا جي ننڍي ڀاءُ برابر هو. اها گهر جي ڀاتين جي سوچ هئي.

سُنيتا آنٽي ننڍي هوندي جي وڌوا جيون ۾ ڪڏهن به ڪنهن مرد سان اڪيلو ڪونه رهي. مڙس جي گذاري وڃڻ کان پوءِ هوءَ گهرن جو پورهيو ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻڍي ماءُ جي پالنا ڪندي هئي. هوءَ سوچيندي هئي ته مونکي ائين زندگي گذارڻي آهي.

روما هينئر شاستريه سنگيت ۾ ماهر ٿي ويئي هئي. سندس چارون طرف نالو هو. هن جو هڪ ڏينهن پروگرام رکيو ويو هو ۽ سندس هڪ سنسٿا طرفان سنمانت پڻ ٿيڻو هو. گهر جي ڀاتين کي پروگرام تي ضرور وڃڻو هو. پروگرام جي ڪري سيني کي گهر دير سان واپس اچڻو هو. گهروارن طرفان لعل لاءِ ڪنهن کي فڪر ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته هن لاءِ گهر ۾ آنٽي هئي. گهروارا ڏاڍو دير سان رات جو آيا. راڌا پنهنجي سڀاءُ مطابق لعل جي ڪمري ۾ ليٽو پائي ڏٺو ته سندس تاڪ لڳي ويا. هن ڏٺو ته آنٽي پلنگ تي لعل سان گڏ سمهي پيئي آهي. آنٽيءَ جا وار پوري طرح کليل هئا. بلائوز جا بٽڻ کليل هئا. ساڙهي گوڏن کان مٿي هئي. راڌا اها واردات ڏٺي ته سندس گلو سڪجي ويو. هن کي محسوس ٿيو ته هن جي ٻاهر نڪرڻ ڪري گهر ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟

راڌا بنان آواز ڪرڻ جي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. سندس دماغ چڪرائڻ لڳو. هوءَ بستري تي ليٽي پيئي. ڪيس اکين ۾ ننڊ ڪونه هئي. هن جي سڄي رات سوچڻ ۾ گذري.

صبوح جي وقت سُنيتا آنٽي راڌا لاءِ چانهه جو پيالو کڻي آئي. راڌا جو چانهه جو پيالو وٺڻ تي دل ڪونه پي ٿي. هن چانهه جو پيالو وٺي ٽيبل تي رکي ڇڏيو. راڌا آنٽيءَ کي رات جي باري ۾ ڪجهه به ڪونه چيو. آنٽيءَ جو به

ڪائيندين ۽؟ هوءَ هن کي من پسند شيءِ ناهي ڏيندي هئي ۽ ڏاڍي پريم سان هن کي کارائيندي هئي.

هيئنر ٽيئي ٻار ٻارن جي اوسٿا مان جوانيءَ ڏانهن قدم وڌائي رهيا هئا. سندس ڌيءُ روما شاستريه سنگيت سکندي هئي ۽ هن جو رياض ڪندي هئي.

رميش جي پڙهائي به چڱي طرح هلي رهي هئي. لعل جي سٺي پرگهور هئڻ ڪري هو هڪ پهلوان وانگر ٿي پيو. عمر ڪان اڳ ۾ هن جي جواني ٻڪڻ لڳي.

چوندا آهن اپاهج، انڌي، گونگي جي شادي ٿيندي آهي پر منڌڙي واري جي شادي ڏاڍي مشڪل سان ٿيندي آهي. اها حالت لعل سان لڳو پئي لڳي. هن کي سڄي عمر ماءُ پيءُ جي نظرداريءَ هيٺ گذارڻي پوندي.

اسڪول ۾ به لعل ڇوڪرين ۾ دلچسپي رکندو هو. لعل ڪڏهن ڪڏهن ماءُ کي چوندو هو، "امان مون سان ڪير شادي ڪندو؟ مون کي ته دماغ ڪونه آهي." هن کي سيڪس جون ڳالهيون ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو.

هڪڙي ڏينهن گهر جي ڀاتين کي ڪنهن سنگيت سماروه ۾ وڃڻو هو. لعل کي گڏ وٺي وڃڻ جو سوال هو. اهي ساڻ گڏو گڏ لعل کي سنگيت لاءِ چڙ هوندي هئي. هن کي گهر ۾ ڇڏي وڃڻ به مشڪل هو. آخر ۾ آنٽي هنن جي گهر واپس اچڻ تائين گهر ۾ رکڻ لاءِ تيار ٿي ويئي. لعل گهر وارن جو سڄهاءُ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳو. رات جو گهر جي ڀاتيءَ دير سان موٽيا. راڌا ڏٺو ته لعل پنهنجي ڪمري ۾ آرام سان سمهيو پيو آهي. آنٽي ڌرتي تي هن جي پلنگ جي پرسان فراسيءَ تي سمهي پيئي آهي. اهو ڏسي ڪري راڌا ڪين ننڊ مان ڪونه اٿاريو. هوءَ ڪمري جو دروازو بند ڪري هلي ويئي. راڌا سوچيو ته آنٽي صبوح جو هلي ويندي. هوءَ به وڃي آرامي ٿي.

انهيءَ ڪان پوءِ گهر وارن کي ڪڏهن به لعل کي اڪيلو گهر ۾ ڇڏي وڃڻو پوندو هو ته هو آنٽيءَ کي رکڻ لاءِ چوندا هئا. هيئنر لعل به ساڻن گڏ وڃڻ لاءِ ضد ڪونه ڪندو هو.

سُنيتا آنٽي ننڍي عمر ۾ وڌوا ٿي ويئي هئي. هن جي عمر قريبن

ٿيندو آهي تہ آنٽي پريشان ٿي ويندي آهي. لعل کي هڪدم ڊاڪٽر وٽ وٺي ويندي هئي.

راڌا محسوس ڪيو تہ لعل لاءِ سچي دنيا آنٽي آهي. هو ماءُ، پيءُ، ڀاءُ ۽ ڀيڻ کي ڇڏي سگهندو پر آنٽيءَ کي ڪونہ ڇڏي سگهندو. لعل جي آنٽيءَ سان دوستيءَ ڪرڻ سان هو ڏاڍو شانتي ۾ رهندو هو. هن کي گهر جي ڪنهن بہ ڀاتيءَ سان ڪوبہ لڳاءُ ڪونہ هو. لعل کي هنن لاءِ ڪابہ پرواهہ ڪونہ هئي. لعل ائين ڀاءُ ۽ ڀيڻ جي پٺيان گهمندو هو. پر هينئر هن کي هنن جي پرواهہ ڪونہ هئي. راڌا لاءِ هڪ نئون مسئلو پيدا ٿيو تہ لعل کي آنٽيءَ کان پري رکڻ معنيٰ گهر ۾ وري نئين مصيبت پيدا ڪرڻ. راڌا سوچڻ لڳي تہ سياڻي آنٽي ٻئي ڪنهن سان شادي ڪري وڃي تہ لعل جو ڇا ٿيندو. اهو سک چئن گهرجي. آنٽي تہ ننڍي هوندي کان وڏوا آهي. انهيءَ ۾ هن جو ڪوبہ ڏوهہ ڪونہ آهي. هن کي بہ سهاري جي ضرورت آهي. راڌا سوچي ڪري دل ۾ ڪجهہ طئہ ڪري ڇڏيو.

سُنيتا عرف آنٽي چانهہ کڻي آئي. راڌا کيس چيو، "سُنيتا! اسان جو ڇت وارو ڪمرو خالي آهي. تون سياڻي کان وٺي اُنهيءَ ڪمري ۾ رهہ. ٻين گهرن جو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏي. مان تنهنجي پگهار وڌائيندس."

آنٽيءَ ٽوڪيندي چيو، "توهان کي ڪنهن چيو تہ منهنجي پگهار وڌايو."

راڌا چيو، "منهنجو اهو مطلب ڪونہ آهي. تون جو ٻيا گهر ڇڏيندينءَ تہ توکي پئسي جي ضرورت پوندي. انهيءَ ڪري مون توکي چيو تہ تون هاڻ اسان سان گڏ رهہ. تون لعل سان گڏ رهہ. تون صرف لعل سان گڏ رهہ."

آنٽيءَ جو چهرو ڪري ويو ۽ چوڻ لڳي تہ، "ڇا مان اتي هميشهہ لاءِ اچي رهندس."

"امان! تون ڪيتري نہ سٺي آهين جو تو آنٽيءَ کي هميشهہ لاءِ هتي رکي رهي آهين." لعل ڏاڍي پيار سان پنهنجي ماءُ جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي ڪري چيو.

"ها پٽ، آنٽي هتي رهندي." راڌا چيو.

ٻن اپاهجن کي جيون ۾ هڪ ٻئي لاءِ سهارو مليو، انهيءَ سان گڏو گڏ کين راڌا جو بہ سهارو مليو.

ساڳيو رخ هو. هن جي منهن تي به ڪوبه اپراڌ جو نشان ڪونه هو. آنٽي پيالو رکي
ڪري رسوئي گهر ۾ هلي ويئي. راڌا چانهه ڪونه پيتي. هن جي دماغ ۾ ويچارن جون
ڇوليون اٿي رهيون هيون. سندس دماغ ۾ ويچارن جو طوفان هو. لعل جي باري ۾
سوچيندي پاڻ کي ڏوهارڻ سمجهڻ لڳي. لعل کي آنٽيءَ وٽ اڪيلو ڇڏي وڃڻ
راڌا کي ڪڏهن به اهو احساس ڪونه ٿيو هو ته هڪ ڪمزور دماغ واري انسان کي
شاريرڪ چاهنائون ٿينديون آهن. لعل هڪ ڪمزور دماغ وارو ١٨ سالن جو ڪشور هو.
راڌا پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳي ته اهو هوءَ ڪيئن پلجي ويئي ته لعل جي آنٽيءَ
سان ايتري گهري دوستي ٿي ويندي. راڌا جو آنٽيءَ ڏانهن ڌيان گهٽجڻ لڳو. لعل
جي شادي ٿيڻ به ناممڪن آهي. پر راڌا کي اهو ڌيان ۾ ڪونه آيو ته لعل کي سيڪس
جي ضرورت ٿيندي، ڇاڪاڻ ته هو بي دماغي هوندي به انسان هو.

سُنيتا يعنيٰ ... آنٽي، جنهن جو ننڍي هوندي گهوٽ گذاري ويو هو
تنهن کي به ڪي تمنائون دل ۾ هونديون. هن کي به ڪنهن مرد جي ضرورت
هوندي. هن کي لعل ڪمزور دماغ هوندي به جوان هو، سو به هن کي ملي ويو. اها
ڳالهه ٿيڻي هئي. راڌا گهري سوچ ۾ ٻڏي ويئي. جيئن ڪو ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾
ٻڏندو ويندو آهي. هن کي بچائڻ وارو ڪونه ملندو آهي، اهڙو حال راڌا جو هو.

آنٽي راڌا کي چيو، "چانهه ٿڌي ٿي ويئي آهي. ٻي ڪٽي اچان؟" راڌا
آنٽيءَ کي ڏسڻ لڳي. هوءَ ڪجهه چوي ئي چوي هن کان اڳ لعل ڪمري ۾
اچي ويو. آنٽيءَ جي پٺيءَ تي هٿ رکندي چيائين، "چاچي توسٽر ناهي
ڏي، مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي."

ناهي ٿي ڏيان. "تون پهريائين سنان ته ڪري اچ." آنٽيءَ لعل جو
پنهنجي پٺيءَ تان هٿ هٽائيندي چيو.

لعل کي ايتري قدر سنڀالڻ راڌا لاءِ ڏاڍو مشڪل هو. راڌا محسوس
ڪيو ته آنٽي يعنيٰ ڪ سُنيتا کي لعل لاءِ ممتا، پيارءِ همدردي آهي. ائين
چوڻ منهنجي لاءِ غلط ٿيندو ته آنٽي لعل کي پنهنجي مطلب لاءِ پاڻ ڏانهن
ڇڪيو آهي. ڏنو وڃي ته هوءَ ڪيترو نه لعل لاءِ پاڻ پتوڙي رهي آهي. هوءَ
لعل جي پسند ۽ ناپسند جو ڪيترو نه خيال ٿي رکي! لعل کي ڪجهه به

ڪري چپ ٿي ويندي آهي. پر ٻئي طرف پريمڪا جي ڳالهه الڳ ٿيندي آهي. هوءَ هر ڪنهن ڳالهه تي ناراضگي ڏيکاريندي آهي. هن جي من جي ڪابه تمنا پوري نه ٿيندي آهي ته هوءَ آپي کان ٻاهر نڪري ويندي آهي. موهن ڪرشڻا تي ڪافي خرچ ڪرڻ لڳو.

موهن کي جلدي خبر پئجي ويئي ته پريمڪا رکڻ ڪا مزاق ڪونه آهي. خرچيلو، خطرناڪ ۽ بدناميءَ جو ڪم آهي. پر موج ۽ مستي سان ڪجهه پل ڪرشڻا سان گذارڻ سان اهي سڀئي ڳالهيون وساري ڇڏيندو هو.

اهي سڀئي ڳالهيون موهن پنهنجي يارد دوستن سان ڪري ڪونه سگهندو هو پر سندس يار دوست انهيءَ باري ۾ مسخريون ۽ چرچا ڪندا هئا.

هڪڙي دفعي موهن ڪرشڻا سان گڏ هوٽل مان روٽي کائي ٻاهر نڪتو ته سندس نظر سندس زال ممتا تي وڃي پيئي، جيڪا پنهنجي ڪار جي پرسان بيٺي هئي. زال کي ڏسي موهن گهبرائجي ڪري واپس اچي هوٽل ۾ وينو.

”اسان واپس اندر ڇو ٿا هلون؟“ ڪرشڻا سوال ڪيو.

موهن جواب ڏيڻ جي بجاءِ هن کي زوري واپس هوٽل ۾ اندروني آيو.

”ٻاهر جيڪا ڳاڙهي ڪار بيٺي آهي اُها تنهنجي آهي نه؟“ ڪرشڻا سوال ڪيو.

موهن پريشان ٿي ڪري جواب ڏنو، ”ها.“

”ڪار جي پرسان تنهنجي پتني بيٺي هئي نه؟“ ڪرشڻا پڇيو.

موهن جواب ڏيندي چيو، ”شايد.“

ڪرشڻا چيو، ”جيڪڏهن هن اسان کي ڏٺو هوندو ته پوءِ هوءَ اڄ رات جو تو سان ضرور وڙهندي.“

”وڙهڻ هن جو سڀاءُ ڪونه آهي.“ موهن چيو.

”هوءَ جيڪڏهن ايتري ابوجهه آهي ته پوءِ تون اجايو ڇو ٿو ڊڄين؟ مون کي هن سان ملائين ها. نيٺ به ڪيترا ڏينهن اهو لڪ چڀ جو پيار ڪندا سين؟“ ڪرشڻا چيو.

”خوامخواه جو جهنجهٽ پيدا ڪرڻ ۾ ڪهڙو فائدو؟“ موهن ٿورو

ڪرشنا

ڪرشنا پنهنجي ڪار جي پرسان بيهي ڪري تلاءُ ۾ ڪليل ڪمل جي ڳلن جي خوبصورتيءَ جو آنند وٺي رهي هئي. موهن جي ڪار اُتان نڪري رهي هئي. موهن کي ائين محسوس ٿيو ته هن جي دوست جي زال مينا بيٺي آهي. موهن ڪار گهمائي واپس آيو. موهن ڏٺو ته هوءَ مينا ڪونه آهي پر ٻي ڪا عورت آهي. ڪرشنا جي سونهن ۽ خوبصورتي ڏسي ڪري موهن هن سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ڳالهين، ڳالهين ۾ موهن کي ائين معلوم ٿيو ته هوءَ ۳۵ سالن جي وڏوا آهي. اڄ هن جو جنم ڏينهن آهي. موهن مالهيءَ کي سڏي ڪري ڪرشنا کي سندس جنم ڏينهن جو هڪ گلدستو پيش ڪيو.

موهن ۽ ڪرشنا جي هڪ ڪلاڪ جي ملاقات ۾ ائين لڳو ته چڻڪ هو هڪ ٻئي کي سالن کان سڃاڻيندا آهن. موهن ڪرشنا کي هڪ هوٽل ۾ سندس جنم ڏينهن ملهائڻ ڪري وٺي آيو. ٻنهي هوٽل ۾ روٽي کاڌي. موهن پنهنجي زال ممتا سان گڏ گرهستي زندگي ڏاڍي پريم ۽ شانتي سان گذاريندو هو پر اڄ موهن جي زندگيءَ ۾ هڪ ٻي عورت اچڻ سان هن جي من ۾ به نوان، نوان اُمنگ پيدا ٿيا. ايتري قدر جو هڪ مهيني جي دوستي جي اندر ڪرشنا پنهنجي تن، من موهن کي ارپڻ ڪري ڇڏيو.

موهن هينئر ڪرشنا جي پريم ۾ ايتري قدر انڌو ٿي پيو جو هو اڳ ۾ ممتا کي هر هڪ ڳالهه ٻڌائيندو هو، سو هينئر ڪوڙ ڳالهائڻ لڳو. گهر مان ۲، ۲ راتيون گم رهندو هو. موهن کي ڪرشنا جي پريم مان راحت اچڻ لڳي. موهن ائين سمجهندو هو ته ممتا کي ڪا به خبر ڪونه آهي ته سندس گهوٽ جي زندگيءَ ۾ ڪا ٻي عورت آئي آهي.

موهن کي هينئر سمجهڻ ۾ اچڻ لڳو ته پنهنجي زال ۽ ٻي رکيل پريمڪا ۾ ڪهڙو تفاوت آهي. پنهنجي زال سان ڪو به پروگرام ناهي يا رد ڪري سگهجي ٿو. ڪڏهن به ڪا اهڙي ڳالهه ٿيندي آهي ته پنهنجي زال حالتن کي سمجهي

ڏيڻ لاءِ زور پريندي هئي. انهيءَ ڪري موهن هميشهه تناءُ ۾ رهندو هو. موهن ۽ ممتا جي وچ ۾ ڪا اهڙي ڳالهه ڪونه هئي ته پوءِ هو ڇو ممتا کي طلاق ڏي ۽ زال ذات جو سياءُ شڪي ٿيندو آهي پر ممتا ڪڏهن به موهن کي شڪ جي نگاهه سان ڪونه ڏٺو.

هڪڙي دفعي موهن ۽ ڪرشنا هوٽل ۾ چانهه پي رهيا هئا. انهيءَ وقت اوچتو موهن جو چاچو به اُنهيءَ هوٽل ۾ چانهه پيئڻ آيو. هن مون کي ڌارئي عورت سان گڏ ڏسي ڪري تعجب لڳو. موهن جو چاچو موهن جي اڳيان اچي بيٺو. موهن چاچي کي ڏسي گهبرائجي ويو. موهن جي چاچي موهن کان ڪرشنا جي باري ۾ پڇيو، "هيءَ ڌارئي عورت ڪير آهي؟"

موهن جواب ڏيندي چيو، "هن جو نالو ڪرشنا آهي. مون سان گڏ نوڪري ڪندي آهي."

موهن جي چاچي چيو، "مون هن لاءِ گهڻو ڪجهه ٻڌو آهي."

موهن جي چاچي جا اهي اکر ٻڌي ڪرشنا ڪائونس پڇيو، "توهان ڪير آهيو؟ توهان منهنجي باري ۾ ڇا ٻڌو آهي؟"

موهن جي چاچي جواب ڏيندي چيو، "وقت تي توکي سڀ ڪجهه معلوم ٿيندو."

موهن جي چاچي جي وڃڻ کان پوءِ ڪرشنا ڏاڍي غصي ۾ اچي ويئي. موهن هن کي ڪافي وقت تائين سمجهائڻ لڳو ۽ کيس شانت رهڻ لاءِ چوڻ لڳو.

گهر پهچڻ تي موهن بڪ بڪ ڪرڻ لڳو. ممتا کي ڪرشنا جي ڳالهه ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته، "چاچي کي ڪهڙو اڌڪار آهي منهنجي خانگي ڳالهه ۾ پوڻ جو. هن ڪرشنا کي گهٽ وڌ ڇو ڳالهايو؟ هو ڪير ٿيندو آهي؟" موهن ڏاڍي غصي ۾ اچي ويو. غصي ۾ موهن ممتا کي سچي ڳالهه ڪري ٻڌائي.

سچي ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ ممتا مشڪڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي ته، "اسان کي چاچي جي ڳالهين تي ڌيان نه ڏيڻ گهرجي. نيٺ به ته هو اسان کان وڏا آهن. تون به سندس ڳالهين تي ڌيان نه ڏي ۽ سڀيئي ڳالهيون وساري ڇڏ."

موهن چوڻ لڳو، "ڪرشنا سان منهنجو ڪو به واسطو ڪونه آهي. وري

غصو ڏيکاريندي چيو.

ٿوري شانتيءَ کان پوءِ ڪرشنا چيو، "مونکي ممتا سان ملڻ گهرجي."

"ڇو؟" موهن ڇوڻ لڳو.

ڪرشنا چيو، "هن کي اهو ٻڌائڻ لاءِ ته مان شايد پرهينئر سندس پهاڄ ٿي ايندس."

اهو ٻڌي ڪري موهن جي منهن جو پنو لهي ويو ۽ ڇوڻ لڳو، "اهڙين ڳالهين مان ڪهڙو فائدو...؟"

"منهنجي ائين ڪرڻ سان هوءَ مونکي تنهنجي پريمڪا قبول ڪري چپ رهندي. ڇا تو کان مون کي پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي؟ تون مون کان پري ٿيندي يا ممتا کي طلاق ڏيندي؟ ڇا تون هميشه لاءِ منهنجو ٿي ويندي؟ انهن ڳالهين سمجهڻ لاءِ مان ممتا سان ملڻ ٿي چاهيان ۽ ڏسڻ ٿي چاهيان ته تون مون سان ڪيترو ٿو پيار ڪرين؟" ڪرشنا جي اکين ۾ عجيب چمڪ پيدا ٿي.

"بيڪار جون ڳالهيون سوچي دماغ خراب نه ڪر." ائين چئي موهن اُٿي هليو ويو، ڏسڻ لڳو ته ممتا ويئي يا نه؟

انهيءَ رات ممتا هر روز وانگر ممتا سان پريم سان ڳالهائڻ لڳي. موهن سوچڻ لڳو ته ممتا ڪرشنا سان گڏ ڪيس ڏٺو آهي پر ممتا جو پيار پريل سياءُ ڏسي ڪري ڪيس سمجهه ڪجهه به ڪونه پئي آيو ته ڪيئن پريم پريل ورتاءُ ڪري رهي آهي؟

ڪرشنا کي هر وقت ممتا جي باري ۾ سوچ ويچار رهندو هو ته هوءَ ڪيئن ٿي موهن سان هلي. موهن ۽ ممتا جي گرهستي جيون سٺي هلي رهي هئي. پر موهن کي اهو سنو ڪونه لڳندو هو، جنهن وقت ڪرشنا ممتا جي باري ۾ موهن کان پڇندي هئي؟ ڪرشنا موهن ۽ ممتا جي سٺي گرهست زندگي ڏسي ڏاڍو بي چين ٿيندي هئي.

موهن هينئر ائين محسوس ڪيو ته ڪرشنا جي سياءُ ۾ ڪافي بدلاءُ اچي ويو آهي. هوءَ هر وقت موهن کي شاديءَ لاءِ چوندي هئي. ممتا کي طلاق

۾ ڪري پيو، سندس ڪپڙا خراب ٿي ويا. سندس ڪپڙن ۾ بانس اچڻ لڳي. موهن پنهنجي هيءُ حالت ڏسي ڪري سندس من ۾ نفرت پيدا ٿي ۽ چوڻ لڳو، "اهو سچ آهي تہ ڪرشنا ڪمل جي گل وانگر سندر آهي پر ڪمل جي گل وانگر هن ۾ ڪابہ خوشبو ڪونہ آهي. ڪرشنا منهنجي زندگيءَ ۾ ڪجھ بہ ڪونہ ڪيو آهي. هن صرف پنهنجي لاءِ سوچيو آهي. هن جو پريم مطلب سان پريل آهي. مان ڪرشنا کي پائڻ لاءِ خيالن ۾ ٻڏي ويس ۽ گندي نالي ۾ ڪري پيس. مان سمجهان ٿو تہ ڪرشنا سان پريم ڪرڻ جو سودو مهانگو پوندو. ممتا سچ چيو تہ تون ڪيڏانهن بہ وڃ نيٺ موٽي مون وٽ ايندي. پنهنجي زال پنهنجي آهي. رکيل يا ڌارئي زال مان کهڙو فائدو، نقصان ئي نقصان آهي. عزت ۽ پئسي جي بہ حاجي آهي. دک سک ۾ بہ پنهنجي زال ڪم ايندي. ٻزاري زال صرف ڪيسو جاچيندي." ائين چئي موهن اُپاساه کٽي رهيو هو. گندن ڪپڙن سان اچي ممتا کي پاڪر ۾ ڪنيائين. ممتا کي ائين محسوس ٿيو تہ موهن کي بدبودار ڪپڙا نہ، پر سهاڳ رات جو وڳو پيو آهي، جنهن سان مون موهن سان سهاڳ رات گذاري هئي.

....

نہ ڪو منهنجا هن سان ڪي اجوڳ ناتا آهن."

ممتا جواب ڏيندي چيو، "چاچي جي ڳالهہ نہ ڇڏ. پر مون کي گهٽڻ ئي ماڻهن تنهنجي ۽ ڪرشنا جي باري ۾ ٻڌايو آهي. هو ايتري قدر چوندا آهن تہ ڪرشنا تنهنجي رکيل آهي. هاڻي تون ٻڌائي تہ تون ڪنهنجو، ڪنهنجو منهن بند ڪندينءَ؟"

موهن چيو، "ڇا تون ماڻهن جي ڳالهہ سچ ٿي سمجهين؟"

ممتا سهج انداز ۾ جواب ڏنو، "انهيءَ باري ۾ مان توکي پنهنجي اها راءِ ٿي ٻڌايان تہ مان تون سان پريم ڪريان ٿي ۽ ڪندي ايندس. مان تون سان ڏاڍو سکي آهيان. مان تنهنجي رشتو ٻين زالن سان آهي يا نہ آهي جي باري ۾ سوچي ڪري مان پنهنجو دماغ خراب ڪرڻ نٿي چاهيان. ڪابہ زال تنهنجي دوست آهي يا رکيل آهي. تنهنجو انهن سان ناتو دلي هجي يا شرير جو، مان انهن ڳالهين لاءِ ڪونہ سوچيندي آهيان. مان هڪ ڳالهہ سمجهان ٿي تہ تون ٻاهر هارائي اچين يا کٽي اچين. آخر تہ تون واپس مون وٽ واپس گهر ۾ ايندي. پوءِ مان پاڻ کي تناءُ ۾ ڇو وجهان؟"

ممتا جا آتمڪ وشواس سان ڀريل اکر ٻڌي ڪري موهن گنڀير آواز ۾ چيو، "مان جيڪڏهن هن گهر ۾ ڪڏهن بہ واپس نہ اچڻ جو فيصلو ڪيو هجي تہ پوءِ ڇا ڪندينءَ؟"

"مان توکي بيوقوف انسان نٿي سمجهان جو مون جهڙي سمجهدار ۽ وفادار زال ٻي ڪابہ ڳولهي سگهندي؟ نہ وري مونکي ڇڏي سگهدي." ائين چئي ممتا کلندي رنڌڻي ڏانهن ويئي هلي.

موهن سوچڻ لڳو تہ هيءَ ڪهڙي زال آهي؟ ڪهڙي مٽيءَ جي ٺهيل آهي؟ کيس سڀ خبر هوندي بہ مونکي هڪ اکر بہ ڪونہ ٿي چوي ۽ نہ وري ڪو بحث ٿي ڪري. شاباس هن عورت کي آهي، جيڪا سڀ ڪجهہ سهڻ ڪري رهي آهي ۽ ڏسي رهي آهي. هيءَ زال نہ، پر هڪ ديوي آهي. جنهنجي دل ۾ منهنجي لاءِ ڪابہ شڪايت ڪونہ آهي. پر خوش ٿي ڪري نباهي رهي آهي. موهن غصي ۾ گهر کان ٻاهر نڪري ويو. خيالن ۾ ويندي هڪ گندي نالي

آليندي چيو، "موهن هن جو نالو پڌي تنهنجو چهرو ڇو مرجهائي ويو."

موهن پنهنجي جذبات کي روڪيندي چيو، "اهڙي ڪا به ڳالهه ڪونه آهي. دراصل مان تنهنجي ڇريتر جي باري ۾ سوچي رهيو هئس."

ڪئلاش چيو، "موهن توکي منهنجي چريتر جي ڇو اچي چنتا لڳي آهي؟ حقيقت ۾ ڪا بي ڳالهه آهي جو تون مون کان لڪائي رهيو آهين."

موهن سر هلائيندي چيو، "ها اصل ۾ ڳالهه بي ڪا آهي. مان مينا سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان."

"ڇا چئيه؟ تون مينا سان شادي ڪرڻ ٿو چاهين...؟" ڪئلاش تعجب ۽ مزاڪ جي لهجي ۾ چيو، "تون... موهن تو ڪڏهن آرسي ۾ پنهنجي شڪل ڏٺي آهي؟"

ڪئلاش موهن جا اکر پڌي اندر ۾ جلڻ لڳو. هن موهن کي چيو، "مان ڏسان ٿو ته هو ۽ ڪنهن سان ٿي شادي ڪري؟"

موهن سالن کان مينا جي پنهنجي من ۾ پوڄا ڪري رهيو هو. موهن ڪڏهن به پنهنجي پيار جو اظهار مينا سان ڪونه ڪيو هو. مينا کي موهن جي ڳالهين مان ڪڏهن به اهو محسوس ڪونه پي ٿيو ته موهن ڪو هن سان پيار ٿو ڪري. مينا جي دوستي موهن لاءِ ملڪيت هئي، جيڪا موهن وڃائڻ نه پي چاهي.

موهن هميشه دل ۾ ائين پيو سوچيندو هو ته ڇو نه همت رکي ميناکي پنهنجي پيار جي باري ۾ ٻڌايان پر موهن ائين ڪرڻ کان ڊڄندو هو. ڇاڪاڻ ته ڪٿي مينا جي من ۾ غلط فهمي نه پيدا ٿئي. انهيءَ ڏينهن موهن جي دل ۾ چٽڪ تير چُڀي ويو، جنهن وقت هن بزار ۾ ميناکي ڪئلاش سان گڏ شاپنگ ڪندو ڏٺو. مينا هميشه ڪئلاش سان دوست وانگر هلندي هئي. موهن کي ڪڏهن به اهو محسوس ڪونه ٿيو ته مينا کو ڪئلاش سان پيار ڪرڻ لڳي آهي. حالانڪ موهن پنهنجو پاڻ کي انسان کي سڃاڻڻ ۾ ڪافي ماهر سمجهندو هو پر اڄ پهريون دفعو موهن محسوس ڪيو ته هو ميناکي ڪونه سمجهي سگهيو. مينا نوڪري ضرورت ڪري ڪونه ڪئي هئي پر وقت گذارڻ لاءِ ڪئي هئي. شاپنگ کان پوءِ ڪئلاش سوچيو ته اڄ مان پنهنجي قسمت آزمائي ڏسان، ڇاڪاڻ ته ڪبس موهن جا اکر ياد هئا ته تون پنهنجي قسمت آزمائي ڏس.

ڪئلاش ميناکي چيو، "اڄ مونکي ڪو به ڪم ڪونه آهي. منهنجي گاڏي ٻاهر بيٺي آهي. منهنجو خيال آهي ته اڄ سئر ڪجي ۽ ڪنهن سٺي هوٽل ۾ روٽي کائجي. پوءِ سمنڊ جي ڪناري تي هلي چڪر ڏجي. اڄ پورڻماسي به آهي." مينا سندس سڄهاءُ

مينا

مينا پڙهائڻ ۾ ڏاڍي هوشيار ماستريائي هئي. هن جو نالو پڙهائڻ ۾ ڏاڍو مشهور هو. جنهن ڏينهن مينا اسڪول ۾ پير رکيو هو، انهيءَ ڏينهن کان وٺي موهن مينا تي اکين ڇڪن تي پيو هو.

موهن پنهنجي پاڻ کي چوڻ لڳو، "هيءَ ڪهڙو پاڳلپڻ آهي؟ هيءَ وري ڪهڙي ديوانگي آهي؟ ڇو؟ ڪهڙي ڪارڻ هن جي مٿان مرين تو؟ ڇا تو پنهنجي شڪل ڪڏهن آئيني ۾ ڏٺي آهي؟" اهو سوال بار، بار موهن پاڻ کان پڇندو هو. موهن ۽ مينا ۾ هڪ ڳالهه جو فرق ڪونه هو. موهن ۽ مينا ۾ ڏينهن رات جو فرق هو.

پهريون فرق هو سندس قد جو. هو پنهنجو پاڻ کي مينا جي سامهون قد ۾ گهٽ محسوس ڪندو هو. قد جي ڪارڻ موهن پاڻ کي گهٽ سمجهند هو.

ٻيو فرق هو ته موهن ڪو اهڙو خوبصورت ڪونه هو ۽ نه وري ڪو اهڙو جوان مرد هو، جنهن تي ڪا عورت ذات سندس ڏانهن ڇڪجي اچي. هو هڪ رواجي مرد پي لڳو.

هڪ ڏينهن ڪئلاش موهن سان گڏ ڪم ڪندڙ ماستر، اڪيلائيءَ ۾ موهن کي چيو، "يار موهن! موهن فيصلو ڪيو آهي ته هاڻ مونکي شادي ڪرڻ گهرجي."

"ها، اها ته تمام خوشيءَ جي ڳالهه آهي." موهن چيو.

ڪئلاش چيو، "منهنجي ساراه ڪندڙ ڇوڪريون هڪ رانديڪي وانگر آهن. اڄ ڪنهن ماستر ۾ دلچسپي ڏيون وٺن ته سڀاڻي وري ڪنهن ۾ چاه وٺنديون. اهڙيون ڇوڪريون سٺيون گهرواريون ثابت ڪونه ٿي سگهنديون. منهنجي نظر ۾ هڪ اهڙي ڇوڪري آهي، جيڪا منهنجي زندگي حسين ٿاهي سگهي ٿي."

"ڪير آهي اُها ڇوڪري؟" موهن دلچسپي وٺندي چيو.

"اُها آهي جيڪا گذريل ۴ سالن کان منهنجي دل ۾ وسي رهي آهي، جنهن کي تون چڱي طرح سڃاڻين ٿو. اُها اسانجي سچي دوست به آهي. اُها آهي مينا، اُها سهي زال ثابت ٿي سگهي ٿي." ڪئلاش ٿڌو ساه کڻندي چيو.

ڪئلاش جي ڳالهه ٻڌي موهن جو سر چڪرائڻ لڳو. موهن جو چهرو پيلو ٿيندو پي ويو ۽ چوڻ لڳو، "ڇا؟"

"ها، اها ئي مينا جيڪا پاڻ سان ماستريائي آهي." ڪئلاش موهن تي هڪ

خوبصورت ڪونہ آهيان.؟"

مينا مشڪندي چيو، "ان ڳالھہ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونہ آهي تہ تون ڏاڍو خوبصورت آهين. ٿوري دير پهريائين مان تنهنجو خواب ڏسي رهي هئس. تنهنجي باري ۾ سوچي رهي هئس. تون اٿين سمجهہ تي گذريل ۴ سالن کان تنهنجا خواب ڏسي رهي هئس. مان انهيءَ انتظار ۾ هئس تہ تون پهريائين پيار جَي پهل ڪر. شادي جي پيش ڪش ڪر تہ مان قبول ڪريان. تو مونکي ڪابہ لفٽ ڪونہ ڏني. تنهنجي شرير جي بناوت، خوبصورتي ۽ جواني منهنجي دل ۽ دماغ تي ڏاڍو اثر ڪيو. منهنجو خيال هو تہ مان توسان شادي ڪري خوشيءَ ڀري زندگي گذاريان. هاڻ مونکي تنهنجي ڳالهائڻ مان اٿين ٿو محسوس ٿئي تہ مون سان شادي ڪري گهر ۾ ڊيڪوريشن پيس ڪري رکڻ ٿو چاهين. تون مون سان انهيءَ ڪري شادي ڪرڻ ٿو چاهين، ڇاڪاڻ تہ مان تنهنجي نظر ۾ هڪ رنگين تتلي آهيان. هاڻي مان اهڙي شخص سان شادي ڪرڻ نٿي چاهيان، جنهن جي لاءِ مون سوچي رکيو آهي. جيڪو منهنجي لاءِ بهترين شوهر ثابت ٿي سگهي ٿو."

ڪئلش چيو، "مينا تون صاف، صاف ڇو نٿي ٻڌائين؟ ڇا توکي ٻئي ڪنهن سان محبت آهي. اهو ڪهڙو شخص آهي، جنهن سان تون شادي ڪرڻ ٿي چاهين؟ ڇا هو مون کان وڌيڪ خوبصورت آهي؟"

مينا چيو، "هو عام قسم جو آدمي آهي. هن ۾ اهڙي خوبصورتي يا ڪشش ڪونہ آهي، جو ڪنهن عورت تي پرڀاءُ وجهي سگهي. هو ننڍو معمولي قسم جو انسان آهي. پر بلند خيالن وارو انسان آهي. مون اُنهيءَ سان شاديءَ جو خيال ڪيو آهي."

ڪئلش چيو، "ڇا تون موهن سان شادي ڪرڻ ٿي چاهين؟ جنهن جو قد تمام ننڍو آهي. جيڪو تنهنجي ڪلهي تائين ٿو اچي."

مينا چيو، "ها هن جو قد تمام گهٽ آهي. هو بندرو ضرور آهي پر هن جي دل ڏاڍي وڏي آهي. هن جي من مونکي پنهنجو قيدي بڻائي ڇڏيو آهي. هون مون سان محبت ٿو ڪري. هو مونکي گذريل ۴ سالن کان پوڇيندو ٿو اچي. هن مونکي اهڙي شيءِ جو واعدو ڪيو آهي، جيڪا تون مون کي نٿو ڏيئي سگهين. اُها شيءِ تو وٽ ڪونہ آهي. اُها شيءِ صرف هن وٽ آهي. مونکي فلئٽ، ڪار يا دولت جي بک ڪونہ آهي. مان اُنهيءَ شيءِ جي بکايل آهيان، جنهن سان هو ڀريل آهي."

ڪئلش دڪ ۽ اچرج سان چيو، "اها ڪهڙي شيءِ آهي، جيڪا مون وٽ ڪونہ آهي."

"محبت" مينا جواب ڏيندي چيو.

....

قبول ڪيو. ٻئي ڄڻا سئر تي نڪتا. هوٽل تي روٽي کائڻ کان پوءِ ٻئي ڄڻا سمنڊ جي ڪناري تي آيا. رات جا ا ا ٿيا هئا. آسمان ۾ پورڻماسيءَ جو چنڊ مسڪرائي رهيو هو. مينا سفيد لباس ۾ هئي. هن جو ڊُپٽو بہ سفيد هو. هوءَ ائين لڳي رهي هئي ڄڻڪ هڪ چانديءَ جو درياهہ هو. ٻئي ڄڻا هڪ بينچ تي ويٺا هئا. ٿوري دير تائين سمنڊ جي لهرن جو آنند وٺي رهيا هئا.

مينا چنڊ جي طرف ڏسندي چيو، "ڪيترو نہ پيارو ۽ خوبصورت آهي! چانڊني بہ ڪيتري نہ پياري لڳي رهي آهي."

ڪئلاش ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو، "مينا تنهنجو منهنجي باري ۾ ڪهڙو ويچار آهي؟ هن وقت مان ڪيئن ٿو لڳان؟"

مينا ڪئلاش جي اکين ۾ نهاريندي چيو، "ڪئلاش تون ڏاڍو خوبصورت ٿو لڳين. چندرلوڪ جو شهزادو لڳي رهيو آهين. هن چانڊني ۾ تون ڏاڍو پيارو لڳي رهيون آهين."

"تون چندرلوڪ جي شهزادي ٿي وڃ. اسين ٻئي هڪ ٿي وڃون." ڪئلاش مينا جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙيندي چيو.

"تنهنجو مطلب ڇا آهي؟" مينا پنهنجون اکيون جهڪائيندي ۽ ڪئلاش کان پنهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو.

ڪئلاش چيو، "منهنجو مطلب اهو آهي تہ مان تون سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان." ڪئلاش ڳالهہ کي وڌائيندي کلي ڪري چيو، "مان تنهنجي خوبصورتيءَ تي موهت آهيان. مان تنهنجو چاهيندڙ آهيان. مان هڪ خوشحال انسان آهيان. مون وٽ هڪ سندر فليٽ آهي، ڪار آهي. نوڪري سان گڏوگڏ ڌنڌو آهي. مان توکي شهزاديءَ وانگر رکندس."

"تون مونکي وڌيڪ ڇا ڏيئي ٿو سگهين ڪئلاش؟" مينا پنهنجو اکيون چندرما تان هٽائي ڪئلاش جي چهري کي ڏسڻ لڳي.

ڪئلاش جذباتي لهجي ۾ چيو، "جيڪي ڪجهہ چاهيندينءَ، سو مان توکي ڏيندس. دنيا جي قيمتي کان قيمتي شيءِ آڻي ڪري تنهنجي قدمن ۾ رکي سگهان ٿو."

"ايترين ڳالهين هوندي بہ مان تو سان شادي نٿي ڪري سگهان ڪئلاش." مينا گهرو ساهہ کڻندي چيو.

مينا جو جواب ٻڌندي ڪئلاش جي چهري تي اُداسي ڇانجي ويئي. ميناکي چوڻ لڳو، "اهو ڪهڙو ڪارڻ آهي جو تون مون سان شادي ڇو نٿي ڪرڻ چاهين. ڇا مان

جي گهرائي ايتري وڌي ويئي جو ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي کان پري ڪونه رهي سگهندا هئا.

راڌا کي پئسي لاءِ ڏاڍو موه هو. هن کي اهڙو فن جو هو هوءَ ڄاڻيندي هئي ته ٻئي مان پئسو ڪيئن ڪڍجي. هوءَ پاڻ ڏاڍي ڪنجوس هئي. هن جو گرو پئسو هو. رام راڌا جي سڀاءُ مان چڱي طرح واقف هو. رام اهو سوچيو هو ته راڌا سان شادي ڪري کيس گرهستي زندگي رهڻ سيکاريندس. رام ۽ راڌا جو مٽڻو ٿي ويو پر راڌا جي سڀاءُ ۾ ڪوبه بدلاءُ ڪونه آيو. رام کيس ڏاڍو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر راڌا سندس هڪ به ڪونه ٻڌي ۽ کيس چڙڪ جواب ڏنائين ته، "جيڪڏهن تون چاهين ته پلي مٽڻو ٽوڙي ڇڏ." رام راڌا جا اهي اکر ٻڌا ته تعجب ۾ پئجي ويو ۽ سندس دل ۾ اکر چٽڪ تيروانگر چڀي ويا. رام مٽڻو ٽوڙي ڇڏيو. هن نوڪري ڇڏي ڪري وڃي ڏنڊو ڪوليو. رام وڃڻ وقت راڌا کي چئي ويو، "مان وڃان ٿو، پر اها تنهنجي جواني هميشه ڪونه رهندي ۽ نه وري تو ۾ ڪا اهڙي خوبصورتي رهندي جو ماڻهو تنهنجا دوست ٿيندا."

وقت گذرندو پي ويو. وقت سان گڏو گڏ راڌا جي جواني به ڍلي پوندي پي ويئي. سندس چهري تي گُنج پوڻ لڳا. عمروڌڻ سان گڏو گڏ سندس نوڪري به اچي پوري ٿي ۽ هوءَ رٽائر ٿي ويئي. راڌا کي ڪوبه پڇڻ وارو ڪونه هو. سندس ماءُ پيءُ ۽ ڀيا سڀ سنبنڌي به گذاري ويا. باقي سندس وڏوا ڀيڻ وديا وڃي بچي هئي. وديا کي به ڪو ٻار ڪونه هو. راڌا جا به پراڻا سنگي ساٿي ۽ دوست ڏيري، ڏيري ڪائونس پري ٿيندا ويا. هوءَ اڪيلي ٿي پيئي.

هڪڙي ڏينهن پاڻ کي آئيني ۾ ڏٺو ته سندس چهرو مرجهايل هو. اُها رونق سندس چهري تي ڪونه هئي. هن ٻاهر نڪرڻ گهٽ ڪري ڇڏيو. هوءَ نه جي برابر ٻاهر نڪرندي هئي نه ته سڄو ڏينهن ڪمري ۾ ليٽي پيئي هوندي هئي. سوچيندي، سوچيندي کيس ٽي بي جي بيماري ٿي پيئي. هينئر کيس احساس ٿيو ته هن جي زندگيءَ ۾ هڪ واري غلطي ڪئي جو هن شادي ڪونه ڪئي ۽ نه وري هن گرهستي ناهي. هن کي وڌي ۾ وڏو دک اهو هو جو هن رام سان پنهنجو مٽڻو ٽوڙيو. هنن ڳالهين جي ڪري سندس

زندگيءَ جا ٻه پل

هن جو نالو راڌا هو. هوءَ شڪل جي سانوري هئي پر سندس روش ڏاڍا موهيندڙ هئا. هن جي خاص خاصيت اها هئي جو هوءَ پريوار کي پنهنجو ڪرڻ واري هئي. پر هوءَ اول نمبر جي مطلبي هئي. هن جي اها عادت ننڍي هوندي کان وٺي هئي. هوءَ سست به ڏاڍي هئي. هوءَ چاهيندي هئي ته کيس روٽي به ڪٽ تي ملي. انهيءَ ڪري سندس ڀاڄايون ۽ ڀينر ناراض هونديون هيون. سندس ماءُ پيءُ پئسي وارا هئا. هوءَ لاڏلي هئي. انهيڪريءَ کيس ڪجهه به ڪونه چوندو هو. لاڏلي پلجڻ ڪري هن کي چڙواڱي ملي ويئي هئي. کيس ڪو به ڪو اکر ڪونه چوندو هو. غلطيءَ کان ڪنهن کيس ڪجهه چيو ته جهٽ هن جي شامت اچي ويئي. راڌا بي اي پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن ڪمپني ۾ کيس سٺي نوڪري ملي ويئي ۽ پگهار سٺي هئس. هن جي دل شادي ڪرڻ تي ڪونه هئي. هن کي پنهنجو پاڻ تي ڏاڍو ايمان هو. انهي ايمان جي ڪري شادي جا سٺا، سٺا رشتا موٽائي ڇڏيا. هوءَ نه چاهيندي هئي ته شاديءَ جي جهنجهٽ ۾ پئجي. انهيءَ ڪري هن پنهنجي دوستي صرف ڇوڪرن سان رکي. کيس گهڻيئي ڇوڪرا دوست هئا. هنن سان گڏ گهمڻ، هوٽلن ۾ وڃڻ جهٽڪ سندس هڪ قسم جو شونق هو. هوءَ ڪيترين ڳالهين هوندي به پاڻ کي ڇوڪرن دوستن کان هڪ گز پري رهندي هئي.

راڌا دوستن کي چوندي هئي، ”کائو، پيئو، گهمو، ڦرو ۽ عيش ڪريو، پر مون کان هڪ گز پري رهو.“ هيءَ ڪنهن کي به پنهنجي طرف اچڻ ڪونه ڏيندي هئي. ايتري قدر جو آفيس ۾ به پنهنجي ٽيبل وٽ ڪنهن کي ويهڻ ڪونه ڏيندي هئي.

سندس سياءُ جي ڪري کيس سندس پراڻا ساٿي ڇڏي ويندا هئا ته وري ٻيا نوان ساٿي پيدا ٿيندا هئا. کيس شاديءَ لاءِ نفرت هوندي به راڌا کي سندس آفيس ۾ ڪم ڪندڙ رام نالي ڇوڪري سان پيار ٿي ويو. سندس پيار

راڌا رام کي چيو، "ڇا تون مون کي اُٿاري ڪري وهاڻي جي سهاري ڪونہ ويهاريندي؟"

رام راڌا کي اُٿاري ويهاڻي جي سهاري ويهاريو.

راڌا رام کان حال وٺندي پڇيو، "توکي گهڻا ٻار آهن؟"

رام چيو، "تو مونکي ڇڏيو، مان سڀ ڪجهہ ڇڏي ڪري ڏنڌي ۾ ڌيان ڏنو." ٿورو وقت حال احوال ڏيڻ وٺڻ کان پوءِ راڌا رام کي چيو، "مون کي اُٿاري ڪري بالڪنيءَ تائين وٺي هل تہ مان انهن گهٽين ۽ رستن کي ڏسڻ ٿي چاهيان جن جي مٿان مان ڪنهن زماني ۾ پنهنجي جواني جي نشي تي هلندي هئس." ڳالهين ڳالهين ۾ راڌا چيو، "رام! تو موکي سچ چيو هو تہ ڪايا ۽ مايا تي ڪو ڀروسو ڪونہ آهي. زندگي، جواني ۽ حسن ٿوري وقت لاءِ آهي. مان ڇا هئس ۽ ڇا ٿي ويئي آهيان؟ هينئر مونکي بستري تي هلي ليٽائي، مان ٿڪي پيئي آهيان."

راڌا رام کي چيو، "تون مونکي پنهنجي گود ۾ ليٽائي. خبر نہ آهي تہ مان باقي ڪيترا پل جيئري رهندس!" ائين چئي ڪري راڌا رام جي گود ۾ ليٽي پيئي. راڌا جي ڀوشبہ واٽي سهي نڪتي. هوءَ جيئن رام جي گود ۾ ليٽي پيئي هئي تہ سندس پران پکيڙو هميشهہ لاءِ اڏامي ويو. رام جي اکين مان لڙڪ، جيڪي راڌا جي ڳلن تي شرڌانجلي جي روپ ۾ ڪريا.

رام راڌا جو ڪرياڪرم ڪري، ٻارهين ڏينهن کان پوءِ پنهنجي دڪان تي آيو. سڄو ڪاروبار پنهنجي ڀائرن کي سنڀالي ڏيڻ کان پوءِ رام خبر نہ آهي تہ ڪيڏانهن هليو ويو؟ جنهن جي خبر ڪنهن کي بہ ڪونہ پيئي تہ رام ڪٿي آهي؟ ڪيڏاينهن ويو؟

....

هن ڪهاڻيءَ کي راجستان سنڌي اڪادمي طرفان نئشنل ليول تي ٻيون نمبر انعام مليو.

من کي ڏڏکو رسيو هو. هينئر سندس حال اهڙو ٿيو جو سندس مٿي جا وار بہ ڇڻندا ويا. کيس ڪوبہ ڪونہ پيو سڃاڻي سگهي تہ هيءَ اُها ئي راڌا آهي، جنهن کي ماڻهو چاهيندا هئا؟ اُها ئي راڌا آهي، جيڪا ساهڙين جي بجاءِ بواءِ فرينڊس چاهيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن سندس من ۾ اهڙيون ڇوليون پيدا ٿيون جو پنو پينسل کڻي ڏڪندڙن هٿ سان رام کي چٺي لکي:

"منهنجا پيارا رام!

"تون منهنجي هيءَ چٺي ڏسي تعجب ۾ پئجي ويندي. پر تعجب ۾ پوڻ جي ڪابہ ڳالهہ ڪونہ آهي. خبر نہ آهي تہ منهنجي زندگي جا باقي ڪيترا ڏينهن آهن! مان چاهيان ٿي تہ منهنجو موت تنهنجي گود ۾ ٿئي. تون اڳين ڳالهين کي وساري ڪري ۽ منهنجي نادانيءَ کي ياد نہ ڪري تون ضرور بہ اچ. مونکي اها خبر ڪونہ آهي تہ توکي چٺي ملڻ کان اڳ ۾ مان جيئري هوندس؟ منهنجي غلطين کي وساري ڪري جلد بہ جلد اچ. جيڪڏهن مان تنهنجي گود ۾ نہ مران تہ تون گهٽ ۾ گهٽ اچي ڪري منهنجي ارٿيءَ کي ڪلهو ڏج. مونکي ٽي بي ٿي پيئي آهي." اجان ٽي بي اکر لکي پورو مس ڪيائين تہ هٿ ڏڪڻ لڳو. هوءَ وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ لکي سگهي. راڌا پيڻ کي چٺي پوسٽ ڪرڻ لاءِ ڏني. رام کي چٺي ملي تہ هو بنان ڪنهن کي ٻڌائڻ جي راڌا وٽ اچي پهتو.

راڌا جي حالت ڏسي ڪري رام جي اکين مان ڳوڙها ڪري پيا. ٻئي طرف راڌا موهن کي ڏٺو تہ سندس چهرو گلاب جي گل وانگر ٽڙڻ لڳو. مشڪندي چهري سان رام کي چيو، "ڇا تون اڃان تائين مونسان ناراض آهين؟"

رام جواب ڏيندي چيو، "ڇاجي ناراضگي؟ تنهنجي هيءَ حالت ڪيئن ٿي آهي؟"

راڌا پريل آواز ۾ چيو، "هيءَ سڀ ڪرم يوڳ آهي. ڇا تون منهنجي پرسان نہ وهندي؟"

رام راڌا جي پرسان پلنگ تي اچي ويٺو.

تہ سندس اڳڪٽيون سچيون نڪرنديون هيون. رميش هڪ سچو ۽ ايماندار انسان هو. هو ڪوڙ ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جي برخلاف هو. پر رميش هٿ جون ريکائون ڏسڻ وقت ڪنهن کي بہ زندگيءَ جي ايندڙ مصيبت يا نقصان جي باري ۾ بہ ڪونہ ٻڌائيندو هو.

هڪ دفعي ڪنهن سيٺ جي پٽ کي چيائين تہ، "تنهنجو جنهن سان پريم آهي، انهيءَ سان شادي ٿيندي." رميش جي اڳڪٿي سچي نڪتي. اُنهيءَ خوشيءَ ۾ سيٺ جي پٽ کيس هڪ هزار روپيا ڏنا. هينئر سندس ڪم هلي پيو. رميش پئسا وٺڻ شروع ڪيا. هن هڪ سيڪريٽري بہ رکيو. آفيس سٺي نموني ۽ سٺي ڍنگ سان ٺهرايائين. سندس آفيس ۾ بہ ٽيليفون لڳل هئا. هڪ پاڻ وٽ تہ هڪ سندس سيڪريٽريءَ وٽ. گراهڪ ٽيليفون تي وقت وٺڻ لڳا. سيڪريٽريءَ کي چئي رکيو هئائين تہ ڏينهن ۾ ٻن ڇهن کان وڌيڪ ڪنهن کي وقت نہ ڏي. سندس آفيس ۾ هر وقت فون جون گهنٽيون وڄنديون هيون.

هڪ دفعي رميش گهر ۾ اڪيلو ٿي ويٺو هو. آرام سان ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو هو. راڻي اچي رميش جي پرسان ويٺي ۽ کيس چيائين، "اچ منهنجو هٿ ڏس."

رميش سندس هٿ ڏسي چپ ٿي ويو. رميش کي خبر هئي تہ راڻيءَ کي جيڪا بيماري آهي، تنهن مان کيس ڇوٽڪارو ملندو. پر رميش اچ راڻيءَ جي هٿ جي هيءَ ريکا ڏسي گهٻرائجي ويو. اها نئين ريکا راڻي ۽ سندس لاءِ خراب هئي. اُنهيءَ ريکا جي ڪري راڻيءَ کي نئين بيماري شروع ٿي سگهي ٿي ۽ اُها رميش لاءِ تباهي آڻي سگهي ٿي.

راڻيءَ جي نئين ريکا پنهنجو رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيو. راڻيءَ کي سوچڻ جي بيماري ٿي پيئي. هوءَ هميشہ پنهنجي ڌُن ۾ رهندي هئي ۽ رميش سان گهٽ ڳالهائيندي هئي. راڻيءَ جي نيٺن مان ننڊ موڪلائي ويئي. رميش راڻيءَ کي گهڻو ئي سمجهايو، پر هوءَ ڪونہ سمجهي ۽ ڏينهون ڏينهن راڻيءَ جي حالت خراب ٿيندي ويئي. اُنهيءَ سوچ جي ڪري راڻي ڪٽ پڪڙي. سندس دماغ تي اثر ٿي پيو. هينئر رميش هٿ جي ريکائن بجاءِ راڻيءَ جي

هٿ جون ريکائون

راڻي مڙس کي طعنو هڻندي چيو، "توهان ٻين جي هٿ جون ريکائون پڙهو ٿا، ٻين جو هٿ ڏسو ٿا. پر توهان ڪڏهن به منهنجو هٿ ڪونه ڏٺو آهي. توهان ڪڏهن مونکي ڪونه ٻڌايو آهي ته منهنجي قسمت ۾ ڇا لکيل آهي؟ توهان ڪڏهن اهو ڏٺو آهي ته منهنجي تقدير ڪڏهن بدلبي! توهان کي پنهنجي وديا تي ناز آهي، اهو ناز ڪهڙي ڪم جو مونکي منهنجو آئينده نٿا ٻڌائي سگهو؟" راڻيءَ هڪ ڏينهن وقت پنهنجي مڙس رميش کان انيڪ سوال پڇيا.

رميش پنهنجي زال جا طعنا ٻڌي پريشان ٿيو. انهيءَ ۾ شڪ ڪونه هو ته رميش هٿ جون ريکائون ڏسڻ ۾ ماهر هو. رميش جي اها غلطي هئي جو هٿ ڏسڻ لاءِ پئسا ڪونه وٺندو هو. ڇاڪاڻ ته هٿ ڏسڻ هن جو شونق هو. آفيس ۾ به سندس چو طرف هٿ ڏيکارڻ وارن جو ميڙ ڪو لڳو پيو هوندو هو.

راڻيءَ جا طعنا پريل اڪر ٻڌي رميش راڻيءَ کي چيو، "تون ته مون کان وڌيڪ هٿ جون ريکائون ڏسڻ ۾ هوشيار آهين تو مونکي شادي ڪرڻ کان اڳ ۾ چيو هو ته مون سان شادي ڪرڻ سان توکي زندگيءَ ۾ سک ڪونه ملندو. تنهن ڪري مون سان شادي نه ڪر."

رميش شادي ڪرڻ کان اڳ پنهنجي هٿ جون ريکائون ڏنيون هيون. انهيءَ ۾ شڪ ڪونه آهي ته رميش جو شادي ڪرڻ جو ارادو ڪونه هو. ڪيس اها به خبر هئي ته شادي ڪرڻ کان پوءِ ڪيس گرهست جو سک لکيل ڪونه آهي. ڇاڪاڻ ته سندس زال هميشه بيمار رهندي پر ريکائن ۾ لکئي کي ڪير ٿو بدلائي سگهي؟ رميش راڻيءَ سان شادي ڪئي. راڻيءَ جو سياءُ بيماري جي ڪري چڙ چڙيو رهندو هو. هميشه رميش سان پيئي وڙهندي هئي.

اڄ رميش راڻيءَ کي چيو، "منهنجا ڏينهن ڦرڻ وارا آهن، پئسو اچڻ وارو آهي. پر مان تنهنجو هٿ ٻئي دفعي ڏسندس."

رميش آفيس ۾ ڪلبن ۾ هٿ ڏسڻ ڪري مشهور ٿي ويو هو. ڇاڪاڻ

پريم جي خاطر

"اڙي ڇوڪريون! هيءُ ڇا ٿي رهيو آهي؟ توهين اڃان تائين سڀيئي چپ ڪري ويٺيون آهيو. ڪڏهن هيڊ لڳنديءَ تہ ڪڏهن وري ميهندي لڳندي؟ مون شام جو ڇئين جو وقت ليڊيز سنگيت لاءِ رکيو آهي ۽ سڀني کي چوائي موڪليو آهي. تورو جلدي، جلدي هٿ هلايو." راڌا جي جلدبازي ۽ چهري مان ائين پئي معلوم ٿيو تہ هوءَ ڏاڍي خوش ٿي رهي هئي. مونکي ڏاڍو تعجب لڳي رهيو هو. مينا سوچي رهي هئي تہ جڏهن کان ممي منهنجي شادي جي تاريخ ڪشن سان طئہ ڪئي آهي تڏهن کان وٽي هن جي خوشي جي حد ڪونہ رهي آهي. راڌا کي ڏسي ڪوبہ ائين سوچي نہ سگهندو تہ ڪنهن وقت هوءَ هن شاديءَ جي ڏاڍو برخلاف هئي. راڌا قسم کاڌو هو تہ هن جي زنده رهندي مينا جي شادي ڪشن سان ڪونہ ٿيندي. پر اڄ هن شادي ڪرائڻ جي موڪل بہ ڏني ۽ ايتري قدر جو هو اڄ هن شادي جي خوشي ۾ پاڳل ٿي رهي آهي. هن ڪشن ۾ گهٽتاين کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ ڏٺو هو، پر اڄ هن جي نظر ۾ ڪشن جهڙو ڇوڪرو ٻيو ڪوبہ ڪونہ آهي.

منهنجي ماءُ جي مستي ۽ اُتساه ۾ مان پنهنجي تناءُ ڀريل سالن کي وساري نٿي سگهان. پر اڄ منهنجي ماءُ اُهي ڏينهن طاق تي رکي ڇڏيا. گذريل ڳالهيون اڃان تائين منهنجي دماغ ۾ گهمي رهيون آهن. مان پنهنجي ضد تي بيٺل هئس ۽ منهنجو ماءُ پيءُ پنهنجي ضد تي. ڪشن سان منهنجي شاديءَ جي باري ۾ کين ڪي خاص سبب ڪونہ هئا ۽ نہ ڪجهہ ٻڌائي ٿي سگهيا. انهيڪري مان پنهنجي ضد تان ڪونہ لٿس. اڄ منهنجون ساهڙيون ميهندي لڳائي رهيون آهن. پر منهنجو من هر هر گذريل ڳالهين ڏانهن ڊوڙي رهيو آهي.

منهنجي ۽ ڪشن جي دوستي چار، پنج سال پراڻي آهي، جڏهن هو منهنجي پاڙي ۾ نئون، نئون اچي رهيو هو. هن جي شڪل ڏسي ڪري

شيوا ۾ لڳل هوندو هو. هن راڻيءَ کي وڏي، وڏي ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو. سندس دوائون ڪندو رهيو. رميش راڻيءَ جي ڪري برباد ٿي چڪو هو. رميش جي سامهون ٻين جي ريکائن بدلي صرف راڻيءَ جي هٿ ۾ نڪتل نئين ريکا جي چنتا هئي. رميش جو ڪمايل سڄو نالو ختم ٿي چڪو هو. رميش جنهن کي پئسي جي فلڪ ڪونه هئي، سو اڄ دکي گذاري رهيو هو. رميش پاڻ پڇتوڙي رهيو ته جيئن راڻي نيڪ ٿئي. پر ڪيس نه ته سندس وديا ساٿ ڏنو ۽ نه وري قسمت ساٿ ڏنو. راڻي رميش کي ڇڏي ايشور کي پياري ٿي ويئي.

رميش ڏاڍو پريشان هو. پر هو ڇا ٿي ڪري سگهيو؟ رميش ريکائون پڙهي پي سگهيو پر قدرت کي لکاري نه سگهيو. رميش پاڻ کي سنڀاليو. هن وري ريکائون ڏسڻ شروع ڪيون. هڪ دفعي هڪ عورت ڪيس هٿ ڏيکارڻ آئي. رميش سندس هٿ ڏسي چيو، "مان سچي ڳالهه نه ٻڌائيندي به اڄ توکي ٻڌايان ٿو ته تنهنجو مڙس توکي ڇڏي ويندو ۽ تون ٻئي شخص سان شادي ڪندينءَ."

هن عورت چيو، "منهنجي به اها ئي دلي تمنا آهي. تنهنجي سچ ٻڌائڻ لاءِ مهرباني." عورت جا اهي اکر ٻڌي رميش جو ڇرڪ نڪري ويو! پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو، "اي رميش! تون ٻين جي هٿن جون ريکائون ڏسي ڪري صلاحون ڏين ٿو پر تو ڪڏهن پاڻ کي صلاح ڏني ته راڻي سان شادي نه ڪر. تو پاڻ کي مصيبت ۾ وڌو. انهن ريکائن ڏسڻ مان ڪهڙو فائدو جو ريکائون ڏسي عمل نه ڪجي پوءِ ٿو قسمت کي ڏوه ڏجي." رميش آئينده لاءِ ريکائون ڏسڻ بند ڪري ڇڏيون ۽ سنياس ورتائين. ٻين جون ريکائون ڏسڻ واري پنهنجي لاءِ ڪجهه به ڪونه ڪيو.

....

ڇاڪاڻ تہ رئڻ سان ڪابہ پريشاني ٺيڪ ڪونہ ٿيندي آهي."

مان هن کي پنهنجي پريشاني ڪونہ ٻڌائي سگهيس. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونہ آهي تہ رئڻ سان ڪابہ پريشاني حل ڪونہ ٿي سگهندي آهي. پر من هلڪو ٿيندو آهي. ڌيري، ڌيري هن جي همدردي مونکي سٺي لڳي. مونکي اها خبر ڪونہ آهي تہ ڪڏهن مون هن کي پنهنجي گهرء پنهنجي حالت ٻڌائي. ڪشن مون کان ٥، ٦ سال وڏو هوندي بہ هو مونکي پنهنجو دوست محسوس ٿيڻ لڳو. مان ڪنهن کي بہ ڪجھہ نہ ٻڌائي ڪري، هن کي هرهڪ ڳالھہ ٻڌائيندي هئس ۽ پنهنجي من جو بوجھہ هلڪو ڪندي هئس. ڪشن مونکي چوندو هو تہ هرهڪ ڳالھہ وقت انوسار ٺيڪ ٿي ويندو آهي. هن منهنجي ماءُ پيءُ کي "ڏوھ نہ" ڏيندي چيو تہ وقت ۽ حالتون انهيءَ لاءِ جوابدار آهن. مان همدردي ۽ پيار جي بکايل هئس. ڪشن جي پيار ۽ همدردي جي ڪري مان هن کي پنهنجو سڀ ڪجھہ سمجهي ويٺس.

منهنجي ڀيڻ جي شادي کان پوءِ منهنجي شادي جي چرچا ٿيڻ لڳي. منهنجي لاءِ گهٽيئي مائٽيون اچڻ لڳيون. جڏهن کان ڪشن منهنجو پاڙو ڇڏي ٻئي پاڙي ۾ رهڻ لڳو تہ مونکي هن جي ياد ستائڻ لڳي. مان پنهنجي مائٽن کي ڪجھہ چوڻ کان اڳ ۾ ڪشن کان پڇڻ ٿي چاهيو تہ ڇا مون سان شادي ڪندو؟ ڇاڪاڻ تي هن جي "ها" ڪرڻ بنان مان ڪجھہ نٿي ڪري سگهيس. مان اهو سوچيندي هئس تہ ڪشن منهنجي لاءِ ڇا سوچيندو هوندو؟ ڪشن ائين نہ سمجهي تہ هو مونکي مصيبت جي ماريل سمجهي ڪري مدد ڪري رهيو آهي. اسان ٻنهي جي وچ ۾ عمر جو بہ تفاوت آهي. ڪشن سان ڳالهائڻ مان ائين محسوس ٿيو تہ هو دوستي ۽ همدردي کان ڪجھہ وڌيڪ آهي. هو بہ مون وانگر ويچارن جي دنيا ۾ هو تہ ڪٿي مان "نہ" نہ ڪريان. اسان ٻنهي جٽن شادي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو. مون پنهنجي ارادو شادي ڪشن سان ڪرڻ جو ٻڌايو. منهنجا مائٽ منهنجو ارادو ٻڌي مونکي تڪليفون ڏيڻ لڳا. ايتري قدر جو هو مونکي ماريندا هئا. مان سندن اها حالت ڏسي ڪري غصي ۾ گهر ڇڏي هلي ويس. گهر مان نڪرڻ کان پوءِ

منهنجو من هن ڏانهن ڇڪجي ويو. شروع ۾ اسان ٻنهي جي دوستي رهي. منهنجي ماءُ نوڪري ڪندي هئي. مان گهر ۾ ٻي ڇوڪري پيدا ٿيس، تنهن ڪري منهنجو ماءُ پيءُ پريم سان ڪونہ ڏسندا هئا. ٿوري، ٿوري ڳالهہ تي منهنجي بي عزتي ڪندا هئا. منهنجي ماءُ پيءُ کي پٽ جي اُميد هئي پر پيدا ٿيس مان.

ڏيءُ جمڻ ڪري منهنجي ماءُ نا اُميد ٿي پيئي. صحي روپ سان هوءَ نہ مونکي ڇڏڻ لاءِ تيار هئي ۽ نہ وري هن جي من ٿي چاهيو تہ مونکي ڇڏي ڏي. پرهن مونکي پنهنجي دل ۽ دماغ سان ڪڏهن بہ قبول ڪونہ ڪيو. ايتري قدر پنجن سالن بعد ايشور اسان جي گهر ۾ ڀاءُ ڏنو. پر منهنجي ماءُ مونکي پريم جي نظر سان ڪونہ ڏٺو. سچ ڪري پڇو تہ مونکي پنهنجو پاڻ مان نفرت پيدا ٿيڻ لڳي. منهنجو ماءُ پيءُ منهنجي وڏي ڀيڻ وديا کي وڌيڪ پيار ڪندا هئا. چاڪاڻ تہ هوءَ پهريون ٻار گهر ۾ هو. منهنجي گهر ۾ منهنجي ماءُ پيءُ کي پيار ڪونہ هو، سامان هئس. گهر ۾ ڀاءُ ۽ ڀيڻ مون سان پيار سان ڪونہ ڳالهائيندا هئا. ڏيري، ڏيري ٻئي ڀينر هڪ جيتريون ٿيونسين پر ٻنهين هڪ ٻئي کي ڀيڻ ڪري ڪونہ ڏٺو. پٽ تہ سيني کي وڻندو آهي. منهنجو ڀاءُ سيني جو لاڏلو هو. مائٽن جو مونکي گهٽ نظر سان ڏسڻ ڪري منهنجو سڀاءُ چڙ چڙيو ۽ ضدي ٿيندي ويو. ڏيري، ڏيري، مان انترمکي ٿيندي ويس.

جڏهن ڪو مونکي ڪجهہ چوندو هو يا ڪنهن شيءِ لاءِ منع ڪندو هو يا ٻي ڪا اهڙي ڳالهہ ٿيندي هئي تہ مان اڪيلي ۾ وڃي رئندي هئس! پنهنجي جمڻ کي ڌڪاريندي هئس تہ مون اجايو جنم ورتو. مان سوچيندي هئس تہ مان ايتري گهربل ٻار ڪونہ هئس تہ منهنجي ماءُ مونکي جنم ڇو ڏنو؟ جمڻ کان اڳ ۾ منهنجي ماءُ مونکي پيٽ ۾ ختم ڪري ها؟

اهڙي حالت ۾ ڪشن مونکي ٢، ٣ دفعا ڇت تي رئندو ڏٺو. شروع ۾ هو چپ رهندو هو. هڪ ڏينهن هن مونکان رئڻ جو ڪارڻ پڇيو؟

ڪشن مونکي چيو، "توکي پڙهائي ۾ تہ ڪا تڪليف ڪونہ آهي؟ جيڪڏهن توکي تڪليف هجي تہ مان توکي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

ٻڍاپي جو پيار

منهنجو پاڙيسري ڪاڪو ڪلومل جنهن وقت صبوح ننڊ مان اُٿندو آهي تہ هميشهہ ائين چوندو آهي، "اي ڀڳوان! منهنجي لاءِ صبوح نہ ڪريءِ رات رهڻ ڏي."

صبوح جو ڪاڪو رام، رام چوڻ جي بجاءِ ڪاڪو اهي اکر چوندو آهي. هن جي ڏرمپتني چپ ڪري پيئي ڪاڪي جا اکر ٻڌندي آهي، ڪيس ڪوبہ اکر ڪونہ چوندي آهي. ڪاڪي جي زال شايد مڙس جي انهن اکرن جي ٻڌڻ جي آدي ٿي ويئي آهي.

مان هميشهہ اهو سوچيندي آهيان تہ ڪاڪو صبوح جو اُٿڻ سان اهي اکر ڇو ٿو چوي. ڪاڪو شايد پهتل انسان آهي، جو سڄي رات ايشور جي بندگي ٿو ڪري. صبوح ٿيڻ سان شايد سندس ڀڳتي ۾ رخنو ٿو پوي. منهنجي دل ۾ هميشهہ اها اُٿ تڻ ٿيندي آهي تہ ڪاڪي ڪان صبوح نہ ڪرءِ رات ئي رهڻ ڏي جو ڪارڻ پڇان؟

مون گهڻيئي دفعا همت رکي ڪري ڪاڪي ڪان پڇڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر ڪاڪي کي ڏسي ڪري همت اُڏامي ويندي آهي. ڪاڪو رٽائرڊ آفيسر آهي. سندس شڪل مان ائين لڳندو آهي تہ هو رٽائرڊ ٿيل ڪونہ آهي. سندس بدن ڀريل، چمڪندڙ چهرو ائين ٻڌائيندو آهي تہ هو اڃان جوان آهي. ڪاڪي جي زال ڪاڪيِ بہ رٽائرڊ آفيسر آهي. اُها بہ بدن جي ڀريل آهي. مٿي جا سيئي وار ڪارا اٿس. جنهن وقت هو ٻئي سنيري ٻاهر نڪرندي آهي تہ ائين لڳندو آهي جڻڪ ٻڍاپي ۾ بہ هڪ جوان عورت ٿي وڃي. ڪاڪي ءِ ڪاڪيِ کي پينشن ملندي هئي. ٻنهي ڄڻن کي پئسي جي ڪمي ڪونہ آهي. سندن وقت بہ گذرندو آهي. ڪين پئسي سان گڏو گڏ مان ءِ عزت بہ آهي. سندن پٽ پڙهيل لکيل ءِ آفيسر بہ آهن، جيڪي ٻين شهرن ۾ نوڪري ڪندا آهن. سندس ڌيئر نوڪري ڪنديون آهن. ناٺي بہ آفيسر آهن. سندس ڌيئر بہ

سوچڻ لڳس تہ ڪيڏانهن وڃان؟ مونکي پنهنجي پڦي جي ياد اچي ويئي
مان هن جي گهرويس ۽ مون هن کي سچي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. هيءَ مونکي
مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي. منهنجا مائٽ سوچڻ لڳا تہ غصي ۾ پنهنجي ساهيڙي ۽
جي گهروڃي رهي آهيان. هفتي گذري وڃڻ کان پوءِ هنن کي منهنجي چنتا
ٿيڻ لڳي. هو هرهنڌ منهنجي ڳولها ڪرڻ لڳا. آفيس ۾ پڻ پڇا ڪرڻ ويا. پ
ڪين منهنجي باري ۾ ڪجهہ پتو ڪونہ لڳو. ٻئي طرف ڪشن بيماري جي
ڪري آفيس ڪونہ ويندو هو. منهنجا ماءُ پيءُ اهو سمجهڻ لڳا تہ مان ڪشن
سان گڏ ڀڄي ويئي آهيان. تنهنجي ڪري هو ڪشن جي گهر بہ ڪونہ ٿي
ويا. گهرجي بدنامي کان بچڻ لاءِ هنن پوليس ۾ رپورٽ نہ ٿي ڪرڻ چاهي.

هڪڙي ڏينهن اخبار ۾ آيو تہ کوہ ۾ هڪ جوان جوڙي جو لاش مليو
آهي. هنن جي شناخت ڪونہ ٿي سگهي. منهنجي ماءُ پيءُ جا هٿ پير ٺڏا
ٿي ويا. هن سمجهو تہ اهو جوان جوڙو منهنجو ۽ ڪشن جو آهي. هو سوچ ۾
پئجي ويا ۽ سوچڻ لڳا تہ اسان جي ضد جي ڪري هنن پنهنجي زندگي ختم
ڪئي آهي. هو اسپتال ۾ مايوس چهري سان لاش ڏسڻ آيا. هنن جي منهن تي
مشڪ اچي ويئي. جنهن وقت هنن ڏٺو تہ لاش منهنجو ۽ ڪشن جو نہ آهي
هنن جي من کي شانتي ملي. هنن سوچيو تہ ڪين شانتي تيستائين ڪونہ
ملندي، جيستائين اسان ٻنهي جي شادي ڪونہ ٿي آهي. تنهن منهنجي
مائٽن کي جهڪڻو پيو ۽ اسان ٻنهي جي شادي ٿي.

شيوا ڪرڻ ۾ مونکي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. منهنجي زال جو نالو ڪلاونتي آهي. مان ڪيس پيار مان "ڪلو" ڪري سڏيندو آهيان. مان جنهن وقت اسڪول ويندو هئس ته پاڙيسري ناتي ڪيس سائيڪل تي چاڙهي وٺي ويندو هئس. مان اسڪول جي پڙهائي پوري ڪري ڪاليج ۾ ويس. ڪلاونتي به ٻن سالن ڪان پوءِ اسڪول جي پڙهائي پوري ڪري ساڳئي ڪاليج ۾ آئي، جنهن ۾ مان پڙهندو هئس. مان ايم اي پاس ڪئي ته ڪلاونتيءَ بي اي پاس ڪئي. ڪاليج ۾ پڙهندي اسان جو هڪ ٻئي ڏانهن جهڪاءُ ٿيندو پي ويو. ٻئي جوان هئاسين. ڪلاونتي شڪل جي سهڻي ۽ بدن جي پرپل هئي. منهنجو من سندس لاءِ ڏينهون ڏينهن جهڪندو پي هليو. اهڙي طرح سندس جهڪاءُ به مون ڏانهن هو. ٻنهي جي شادي مائٽن مهورت ڪڍائي ڪري چڏي. اسان ٻنهي کي اڳم نوڪري هئي. شادي ڪان پوءِ اسان جي گرهستي ڏاڍي سٺي پي گذري. گهر ۾ ڪوبه وڏو مائٽ ڪونه هو، انهي ڪري گهر ۾ مايون رکيل هيون. گهر مائن جي حوالي هو. روٽي واري-مائي، ڪپڙن واري ۽ گهر جي صفائي لاءِ الڳ، الڳ مايون رکيل هيون. ڪاڪي نوڪري تائين ايندي هئي ته گهر کي ٿورو گهڻو ڏسندي هئي. ڪڏهن، ڪڏهن چانهه ٺاهيندي هئي. گهر ڏانهن سندس ڌيان نه جي برابر هو. ايتري قدر جو ٻار به مائن پاليا ۽ وڏا ڪيا. ٻار پڙهائي ڪري، شاديون ڪري وڃي ٻين شهرن ۾ رهيا. مان ۽ ڪاڪي اڪيلا رهڻ لڳاسين. وقت پڄاڻ اسان ٻنهي رٽائر ڪيو. ٻنهي کي پينشن ملندي آهي. جيئن ته ڪاڪي گهر جو ڪم نه پيڪي ڪيو هو ۽ نه وري ساهري ۾ ڪيو هو. هن هميشه ٻين تي پاڙيو هو. گهر جو ڪم نه ڪرڻ ڪري هوءَ رٽائر ٿيڻ ڪان پوءِ پريشان ٿيڻ لڳي. چاڪاڻ ته هينئر ڪيس اڳئين جهڙيون ڪم ڪرڻ واريون مايون ڪونه هيون. پراڻيون مايون ڪي مري ويون ته ڪي وري وقت انوسار ٻڍيون ٿي ويون هيون. انهيءَ پريشانيءَ جي ڪري هوءَ تناءُ ۾ ٿي رهي. مان ڪيس گهڻوئي سمجهائيندو آهيان پر منهنجي سمجهائڻ جي معنيٰ اُلٽي گهڙي مٿان پاڻي هارڻو. مان انهي ڪري صبوح جو اُٿڻ سان چوندو آهيان، "اي ڀڳوان! صبوح نه ڪر،

سڪي آهن. ڪاڪو ڪهڙي ڪارڻ صبوح اُٿڻ سان ائين چو چوندو آهي؟
"اي ڀڳوان! صبوح نہ ڪر ۽ رات ئي رهڻ ڏي."

ڪڏهن ڪڏهن مونکي فطور ايندو آهي تہ ڪاڪي کان انهيءَ جو ڪارڻ پڇان.؟ پڇندو بہ آهيان پر ڪاڪو ڪلي ڪري ڳالهہ کي ٽاري ڇڏيندو آهي. مان بہ شانت من سان سوچيندو آهيان ۽ چپ ڪري هلبو ويندو آهيان.

هڪڙي دفعو ڪاڪو باغ ۾ ملي ويو. ڪاڪو بہ ڏاڍو خوش پئي نظر آيو. ڪاڪي جي حقيقت ۾ عمر ۷۵ سال آهي ۽ ڪاڪيِ جي عمر ۷۳ سال آهي. منهنجي ۽ ڪاڪي جي عمر ۾ ۱۸ سالن جو فرق آهي. مان سندس پٽ برابر آهيان. ڪاڪي جو سڀاءُ خوش مزاج ۽ چرچائي آهي. ڳالهين، ڳالهين ۾ سڀني کي پنهنجو ڪرڻ وارو آهي. ڳالهائڻ ۾ چالاڪ ۽ سنو راجنيتڪ آهي. منهن تي سچ چوڻ وارو آهي. هو ڪنهن جي پرواه ڪونہ ڪندو آهي. نوڪري ۾ ايماندار ۽ سچارهو. سچائي جي ڪري سندس ملازم سندس مان خوش ڪونہ هوندا هئا. پر هو پنهنجي من ۾ ڏاڍو خوش رهندو هو.

ڪاڪو چوندو آهي، "سچ ڳالهائيندڙ جا دوست گهٽ ٿيندا آهن ۽ دشمن گهڻا هوندا آهن." ڪاڪي جو سڀاءُ گهٽ دوست رکندو آهي! انهي ڪري ڪاڪو چوندو آهي تہ، "دوست هجن تہ ٿورا هجن، پر هجن سچا ۽ ايماندار." ڪاڪي کي نوڪري کان وٺي اڄ ڏينهن تائين چغلن ۽ خوشامد وارن سان نفرت آهي. هن ۾ ڪابہ عادت ڪونہ آهي. هن کي نہ دارون پيئڻ يا جوئا جي عادت ڪونہ آهي ۽ نہ وري تماڪ جي. ڪاڪو چوندو آهي تہ، "مان دارون واري جي سر تي بہ ڪونہ ويندو آهيان."

ڪاڪي جي زال ڪاڪيِ وري ڪاڪي کان بہ قدم اڳتي آهي. هوءَ تہ منهن تي ٺهڪائي ڏيندي آهي، پوءِ پلي اڳلي جا جيرا بڪيون جلي وڃن.

ڪاڪي جي اڄ خوش هئڻ ڪري مونکي اهو فائدو ٿيو تہ جو ڪاڪي مونکي پنهنجي زندگي جي ڪٿا ٻڌائڻ شروع ڪئي ۽ چيائين، "مان ۽ منهنجي ڌرمپتني هڪ پاڙي ۾ رهندا هئاسين. اسان ٻئي هڪ ئي اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين. مان ننڍي هوندي کان ٻين جي شيوا ڪندو هئس. ٻين جي

نصيحت

شاديءَ کان ٢، ٣ ڏينهن اڳ ۾ راڌا کي ماءُ چيو ۽ نصيحت ڏني، "ڌيءُ تون ٻن، ٽن ڏينهن کان پوءِ پرايو گهر وڃي وسائيندينءَ. توکي سس کونہ آهي پر تنهنجو بزرگ سهرو آهي. هن جي سنڀال ۾ شيوا پيءُ وانگر ڪجہ. ڇاڪاڻ تہ تنهنجي سهري کي غصو اچڻ هڪ معمولي ڳالهہ آهي. توئي سس ڪونہ آهي تہ پوءِ تنهنجو سهرو ڪنهن کي چوندو! هو ٻين کي ڪجهہ بہ ڪونہ چوندو. هو دل جو حال ڪنهن کي ڏيندو؟ توکي شادي کان پوءِ هن جي ڌيءُ بہ آهين تہ نونهن بہ آهين. تون منهنجي نصيحت پنهنجي دل جي پني تي لکي ڇڏج." ائين چئي ڪري راڌا جي ماءُ چپ ٿي ويئي ۽ ڪجهہ سوچڻ لڳي.

راڌا ماءُ کي سوچيندو ڏسي ڪري ڪيس چوڻ لڳي، "امان ڇا سوچي رهي آهين؟"

راڌا ماءُ جواب ڏيندي چيو، "ٻڍاپي ۾ انسان جي اڪيلي زندگي ڪيئن گذرندي آهي؟ مرد زال ٻنان ويڳاڻو آهي تہ وري زال مرد ٻنان ويڳاڻي آهي. ٻنهي مان هڪ سات ڇڏي ٿو وڃي تہ زندگي نيرس ٿي پوي ٿي. مان سوچي رهي آهيان تہ مان يا تنهنجي پيءُ مان هڪ موڪلائي وڃي تہ زندگي ۾ ڇا رهندو؟ ڪير ڪنهن سان حال ونندو؟ اڪيلو پيو پنهنجي من ۾ سوچيندو."

راڌا جواب ڏيندي چيو، "امان اهڙيون اشڀ ڳالهيون نہ ڪر. شڀ شڀ چئو. مالڪ تہ وڏو آهي. هو ڪنهن کي ڇڏڻ وارو ڪونہ آهي." ائين چئي ڪري راڌا ماءُ کي چيو تہ، "اهڙيون ڳالهيون شڀ موقعي تي نہ ڪر. مان پنهنجي سهري جي شيوا تيستائين ڪندس جيستائين هو جيئرو آهي يا مان جيئري آهيان، شيوا ڪندي رهندس. تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر."

ٽن ڏينهن کان پوءِ راڌا جي شادي ٿي ويئي. هوءَ نئين گهر ۾ آئي. هن کي گهر جي حالت سمجهڻ ۾ ڪوبہ وقت ڪونہ لڳو. هوءَ ٿوري وقت ۾ سمجهي ويئي. شام ٿيندي راڌا چانهہ ٺاهي ڪري پنهنجي سهري جي ڪمري ۾ ٽيبل

رات رهڻ ڏي.“ چاڪاڻ تہ صبوح کان وٺي رات تائين سڄي گهر جي ديک ڀال مون کي ڪرڻي ٿي پوي. ڪاڪي جيڪا نوڪري وقت ٿورو ڪم ڪندي هئي، اُهو ڪم ڪرڻ بہ ڇڏي ڏنو اٿس. صبوح جو چانهہ ناهڻ کان وٺي منهنجو ڏينهن شروع ٿيندو آهي. سڄو پار منهنجي ڪلهن تي آهي.“

ڪاڪي وڏيک چيو، ”پٽ مولا! منهنجي هينئر اهڙي حالت آهي جو تنهنجي ڪاڪي مونکي ٻاهر بہ نٿي نڪرڻ ڏي. سڄو ڏينهن چوي ٿي تہ گهر ۾ وينو رهہ. هوءَ ائين ٿي سمجهي تہ گهر ۾ رهڻ سان مان سندس سهارو آهيان“

مان سوچڻ لڳس وڏا سچ چئي ويا آهن. ”مرد ۽ مرون گهر ۾ رهندو تہ بيمار ٿي پوندو.“ ڪاڪو جيڪو پاڻ کي بهادر سمجهندو هو سو بہ تناءُ ۾ پي ڏسڻ آيو ۽ پاڻ کي جڻڪ بيمار پيي محسوس ڪيائين.

ڪاڪي جو گهر جو ڪم نہ ڪرڻ ڪري گهر جون مايون شير ٿينديون پي ويون. گهر جو چرخو اُبتو هلڻ لڳو. ڪاڪي چاهيندي هئي تہ سندس گهر ۾ ڪو بہ مهمان نہ اچي ۽ نہ وري ڪو نڪڻ اچي، چاڪاڻ سندس شيوا ڪير ڪري؟

”ڪاڪي جيڪا اڳ ۾ ايشور جي پاٺ پوڄا ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪجهہ بہ نہ کائيندي هئي. هينئر سندس من نہ پاٺ پوڄا ۾ لڳندو هو نہ وري دان ڪرڻ ۾. سندس من ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ڪونہ ٿو لڳي. گهڻن ئي ڊاڪٽرن کي ڏيکاريون ٿي مانس. سڀئي ڊاڪٽر ائين ٿا چون اولڊ ايج آهي. يعنيٰ ڪ ٻڍاپو آهي. ٻي ڪابہ بيماري ڪونہ آهي. انهيڪري من انسان جي مٿان غالب بڻجي ويندو آهي.“ ائين چئي ڪاڪي ٿڌو ساهہ کنيو ۽ چپ ٿي ويو.

مان سوچڻ لڳس تہ ڪٿي اهڙي حالت منهنجي يا منهنجي زال جي نہ ٿئي.

ڪاڪي هلندي، هلندي چيو تہ ماٺهو ائين ٿا سمجهن تہ مان ٻاهر انهي ڪري ڪونہ ٿو نڪران جو مونکي ڪاڪي لاءِ ٻڍاپي ۾ پيار پيدا ٿيو آهي. پر مون لاءِ هتي تہ ڳالهہ ٻي ڪا آهي!

....

"ائين ڇو ٿو ڪري؟" راڌا ڇيو.

"ها، انهيءَ ۾ شڪ ڪونه آهي ته ننڍي هوندي کان وٺي اسان جي ماءُ اسان سڀني لاءِ سڀ ڪجهه ڪيو." ائين چئي ڪري رام چپ ٿي ويو.

گهر جي حالت ڏسي ڪري راڌا کي ماءُ جا اکر ياد آيا ته جنهن گهر ۾ زال ڪونه آهي، اهو گهر، گهر جهڙو ڪونه آهي. توکي گهر کي ناهڻو پوندو. سڀ ڪنهن کي پيار ڏج. راڌا اهي ڳالهيون ياد ڪري گهر ۾ گهر جهڙو ورتاءُ ڪندي هئي. هن کي پڪو وشواس هو ته ڪهڙو به ڪارڻ هجي، هڪ نه هڪ ڏينهن سهري جو غصو لهي ويندو.

رام ماءُ جي باري ۾ هميشه ائين چوندو هو ته امان کي سڀني سان پيار هوندو هو. هوءَ خوب ڳالهيون ڪندي هئي. هوءَ گهڻن ئي قسم جا طعام ڪري کارائيندي هئي. هن کي طعامن ناهڻ جو ڏاڍو شونق هوندو هو. پر اسان جي پيءُ کي انهن ڳالهين ۾ چاه ڪونه هوندو ۽ نه وري اهي ڳالهيون ڪيس پسند هيون. هميشه منهنجي ماءُ کي ڇڙٻون ڏيندو هو ته ٻارن کي طعام کارائڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪم ڪونه اٿيئي ڇا؟ ٻارن کي پيار ڪري بگاڙي رهي آهين. منهنجو پيءُ هميشه گهٽ ڳالهائيندو هو. راڌا هميشه رام کان پنهنجي پيءُ جي باري ۾ پڇندي رهندي هئي. پر راڌا کي پنهنجي سهري تي وشواس هو ته هو هڪ ڏينهن سندس سهرو پنهنجي دل جو حال راڌا کي ٻڌائيندو.

شام ٿي ويئي هئي. هميشه وانگر راڌا ڪافي ناهي ڪري پنهنجي سهري کي آواز ڏنو. ٻن، ٽن دفعن جي سڏ ڪرڻ کان پوءِ جڏهن سندس سهري جواب ڪونه ڏنو، تڏهن هوءَ سهري جي ڪمري ۾ ويئي. سندس سهرو ڪمري ۾ ليٽيو پيو هو. هن جو منهن اڏ ڪليل هو. مٿي تي پسينو اچي رهيو هو. راڌا ڳهبرائجي ويئي. هن سهري جي مٿي جو پسينو اُگهيو.

"راڌا مونکي هڪ پاڻي جو گلاس..." ائين چئي سندس سهري اکيون کوليون. راڻي هڪ پاڻي جو گلاس کڻي آئي. هو پاڻي پي ليٽي پيو. هن ڪافي ڪونه پيتي. گهبرائجي ڪري راڌا رام کي فون ڪئي. رام اچڻ سان سمجهي ويو ته سندس پيءُ جي طبيعت وڌيڪ خراب آهي. هو پيءُ کي هڪدم اسپتال

تي اچي رکندي هئي پوءِ پنهنجي سهري کي چوندي هئي، ”بابا! اُٿو چانهه پيو.“

”اُٿيس پٽ!“ ائين چئي ڪري سندس سهرو اُٿي ڪري ڪرسي تي ويهي چانهه پيئندو هو. راڌا چانهه رکي ڪري گهر ۾ لڳي ويندي هئي. اهو روز جو سلسلو هو. راڌا جو سهرو ڪنهن سان گهٽو ڪونه ڳالهائيندو هو. پنهنجي ڪمري ۾ چپ چاپ آرام ڪندو هو ۽ اخبار پيو پڙهندو هو. راڌا جو سان هڪ به اکر ڪونه ڳالهائيندو هو.

راڌا اڪثر ڪري اهو سوچيندي هئي ته سندس سهرو ايترو رکو ڇو آهي؟

گهر ۾ ٣ ڀاتي هئا. راڌا، سندس گهوٽ ۽ سندس سهرو سڀڪو اُٿڻ سان پنهنجي، پنهنجي ڪم تي لڳي ويندا هئا. راڌا سڀني کان پهرياڻون اُٿندي هئي. راڌا کان پوءِ سندس سهرو اُٿندو هو. سندس گهوٽ ڪهڙي وقت اُٿندو هو، هن جو پتو ڪونه لڳندو هو.

راڌا کي سس ڪونه هئي. اُنهي ڪري گهر جو سڄو ڪم راڌا کي ڪرڻو پوندو هو. راڌا جي سهري کي ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءُ هئي. راڌا جي نراڻ شادي ڪري آمريڪا وڃي رهي. سندس ڏير ٻئي شهر ۾ نوڪري ڪندا هئا. راڌا جو گهوٽ رام بئنڪ ۾ ڪم ڪندو هو. رام سڀني ۾ ننڍو هو. راڌا جي سهري کي زال جي ڏک کي ڇڏي باقي سڀ سک هئا. هن کي پنهنجو سنو سنسار هو. پريشاني هئي ته راڌا کي هئي. سهري جي سڀاءُ ڪري هوءَ ڏاڍي پريشان هئي. سندس سهرو ڏاڍو خشڪ ۽ رکي سڀاءُ جو هو. تمام گهٽ ڳالهائيندو هو. راڌا کي پيءُ ڪونه هو. هوءَ سهري کي پيءُ جي روپ ۾ ڏسندي هئي. پر راڌا کي پيءُ جهڙو پيار سهري مان ڪونه مليو. هوءَ سهري جي شيوا ڪرڻ ۾ ڪا به ڪثر ڪونه ڇڏيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن راڌا پنهنجي گهوٽ رام کي چيو، ”تون پيءُ سان ڇو نٿو ڳالهائين؟ هن سان ڳالهائي ڪري هن جي دل جي ڏک جي جاڻ ته وٺ ته هو چپ ڇو ٿو رهي؟“

رام جواب ڏيندي چيو، ”راڌا ٻڌ! مان پنهنجي پيءُ کي چڱي طرح سڃاڻان ٿو. هو پنهنجي جيون ۾ ائين رهيو آهي.“

هئي. هوءَ چاهيندي هئي ته هرڪو هن جي ڳالهه ٻڌي. هوءَ ڏاڍي هٺ ڦاڙ هئي. هر قسم جو آرام چاهيندي هئي پر مان ٻچت جي باري ۾ سوچيندو هئس. اسان ٻنهي جو الڳ، الڳ سياءُ هئڻ جي ڪري اسان ٻنهي جو گهڻيئي دفعا جهيڙو ٿيندو هو. پر توهان جي سامهون چپ رهندو هئس. مان توهان جي ماءُ جي ڪري ڊيري، ڊيري چپ رهڻ لڳس ۽ توهان کان مان پري ٿيندو ويس.

توهان سان توهان جي ماءُ جو ڏاڍو پريم هو. هوءَ توهان جي هرهڪ خواهش پوري ڪندي هئي. مان توهان جي ماءُ کي چوندو هئس ته ٻارن کي ضدي نه ٺاهي پر هوءَ مونکي پٿر دل چوندي هئي.

انهيءَ ڪري توهان جو مون کان وڌيڪ ماءُ سان پريم هو. توهان کي هوءَ سٺي لڳندي هئي. مان جاڳي واٽي توهان کان پري ٿيندو ويس ۽ چپ رهڻ لڳس.

مهنجي هن ورتاءُ جي ڪري سيني کان وڌيڪ تڪليف راڌاڪي ٿي، جاڪاڻ ته هوءَ ٻئي گهر مان اسان جي گهر ۾ آئي. مان توهان سيني جو غصو هن مان ڪڍندو هئس. مان هن سان ڏاڍو رکو وهنوار ڪندو هئس. پر هن ڪڏهن به منهنجي بي عزتي ڪونه ڪئي ۽ نه وري ڪو جواب ڏنائين. هوءَ مونکي پيءُ سمان سمجهي شيوا ڪندي هئي.

انهيءَ سيني ڳالهين جي ڪارڻ ڪري راڌا جو مون تي قرض آهي. مان هن جو قرض ڪڏهن به لاهي ڪونه سگهندس. مان احسان پاونا سان پنهنجو گهر راڌا جي نالي ٿو ڪريان. انهيءَ سان گڏو گڏ پنهنجي ٻچت جي پئسي مان اڌ پئسا راڌا جي نالي ٿو ڪريان. باقي ٻچيل پئسن مان ٢ لک روپيا ڌيءُ کي ٿو ڏيان. باقي ٻچيل رقم ٻنهي پٽن کي ٿو ڏيان، جن منهنجي ڪڏهن پرگهور ڪونه لڌي.

منهنجي آشيرواد هميشهه توهان سان رهندي. آشا ٿو ڪريان ته توهان سيني کي منهنجي ڳالهه منظور هوندي.

توهان جو پتا."

چٺي پڙهي ڪري سيئي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ لڳا. دک ۾ ٻڏل هئي ته راڌا هئي، جنهن کي ڪنهن ڳالهه ۾ رُچي ڪونه هئي ۽ نه وري ڪو چاه هو. هن کي دک هو ته سهري جو هو. راڌاڪي سيني سوالن جو جواب ملي ويو.

وڃي ويو. جاچ مان پتو پيو تہ راڌا جي سهري کي دل جو دورو پيو آهي. ڊاڪٽرن ڪافي ڪوشش ڪئي پر سندس سهرو ٻئي ڏينهن جو سورج نہ ڏسي سگهيو.

رام پيءُ جي مرڻ کان پوءِ پنهنجي ڀاءُ ۽ ڀيڻ کي اچڻ لاءِ چيو. رام جو ڀاءُ هڪدم اچي ويو. پر سندس ڀيڻ آمريڪا مان ڪونہ اچي سگهي. راڌا جو روئي، روئي برو حال ٿي ويو. وڏي مشڪل سان هن کي چپ ڪرايو ويو. ٻارهي گذرڻ کان پوءِ رام ۽ سندس ڀاءُ پيءُ جي ملڪيت جو حساب لڳائڻ وينا. راڌا جي سهري راڌا کي مرڻ کان ٻہ، ٽي ڏينهن اڳ ٻڌايو هو تہ ڪپڙن جي وڏي پيتيءَ ۾ هڪ اڇو لفافو پيل اٿيئي. اُهو پڙهج. سڀ ڪجهہ انهيءَ ۾ لکيل آهي. راڌا پنهنجي سهري جي ڳالهہ ٻڌي تہ ڪيس تعجب لڳو تہ اڄ منهنجي سهري مون سان ڪيئن ڳالهايو آهي؟ راڌا کي ڪهڙي خبر تہ سندس سهري جا اهي ٻہ اکر ڳالهائڻ کان پوءِ ڪونہ ڳالهائيندو. راڌا ملڪيت جي باري ۾ ڀا ڀين ڳالهين کان پري هئي. هوءُ سوچڻ لڳي تہ انسان ڪيترو نہ مطلبي آهي، جو سندس وهنوار ڪنهن جي مرڻ کان پوءِ ڪيئن بدلجي ٿو وڃي. هن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪونہ پئي آئي. مڙس ۽ ڏير کي پريشاني ۾ ڏسي ڪري راڌا کين ٻڌايو تہ سندس سهرو مرڻ کان اڳ هن ريت ٻڌائي ويو آهي. راڌا جي چوڻ مطابق هنن پيتي کولي تہ هن مان هڪ سفيد لفافو نڪتو. اُنهيءَ سان گڏوگڏ فڪس ڊپازٽ سرٽيفڪيٽ، شيئر، نقدي، سون ۽ ٻيو گهڻيئي مال نڪتو. ٻنهي ڀائرن کولي ڪري لفافو پڙهيو. چٺيءَ ۾ لکيل هو:

"منهنجا پيارا ٻارو، سدائين خوش هجو.

هيءَ چٺي جنهن وقت توهان جي هٿن ۾ هوندي تہ مان هن جهان ۾ ڪونہ هوندس. ٻارو توهان هميشهہ مونکي خشڪ سڀاءُ جو سمجهو آهي. پر مان اهڙو ڪونہ آهيان ۽ نہ هئس. مان اهڙي طرح چو هلندو هئس. اُنهيءَ جو ڪارڻ توهان سمجهي ويا هوندا. پروري ٻہ مان توهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ توهان جي ماءُ منهنجي سڀاءُ جي وچ ۾ ڏينهن رات جو فرق هو. مان گهٽ ڳالهائيندو هئس تہ توهان جي ماءُ بڪبڪي هوندي هئي. مان شانت سڀاءُ جو هئس پر توهان جي ماءُ غصيدار هئي. هوءَ پنهنجي ڳالهہ مڃائڻ واري

راجستان سنڌي اڪادمي ءَ جا اُديشيہ

١. سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي ڪيتر ۾ اڏيين ۽ انوسنڌان کي پروتساهن ڏيڻ ۽ واڌارو ڪرڻ.

٢. راجيہ ۾ سنڌي سنستائن، سنگٺنن جي ڪمن ۾ سمنويہ ۽ سهيوگ قايم ڪرڻ.

٣. سنڌي ساهتيہ سان جڙيل ساهتيہ ڪارن ۽ ساهتيہ جي ڪيتر سان جڙيل سنستائن ۾ سهڪطارو ڏائڻ ۽ اهڙين سنستائن جي اڏاوت ۽ واڌاري کي پروتساهت ڪرڻ.

٤. راشٽريہ ۽ راجيہ سطح تي سنڌي ساهتيڪ سنستائن جي معرفت گوشٺيون ۽ سميلن ڪوٺائي، ساهتيڪ ويچارن جي ڏي-وٺ کي پروتساهت ڪرڻ.

٥. ساهتيڪ ڪتابن، پتر-پترڪائن ۽ شوڌ پترن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇاپائڻ ۽ واڌارو ڏيڻ.

٦. سنڌي سنگٺنن جي ضرورت موجب لئبريرين ۽ واچناليہ جي اڏاوت ڪرڻ ۽ انهن کي پروتساهت ڪرڻ.

٧. راجستان سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ ١٩٥٨ جي هيٺ سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي ڪيتر ۾ ڪم ڪرڻ وارين سنستائن کي مانيتا ڏيڻ ۽ مانيتا حاصل سنستائن کي مالي مدد ڏيڻ.

٨. ڪتاب، پردرشنين، مشعايرن ۽ ساهتيڪ ڪاريہ ڪرمن جي ذريعي ديش ۾ سانسڪرتڪ ۽ ساهتيڪ سمپرڪ کي واڌارو ڏيڻ.

٩. قابل ليکڪن، ڪوين ۽ ٻڍي جيوين کي اسڪالرشپ، فئلوشپ ۽ انعام ڏيڻ.

١٠. سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪن ۽ ڪوين کي انهن جي خاص حاصلاتن لاءِ مانيتا ڏيڻ ۽ ساهتيڪ ڪرتين جي ڇپڻ لاءِ مالي مدد ميسر ڪرائڻ.

١١. اڏيين، پاٺيڪرمن، وياکيان، سيمينار، سميلن ۽ سرويشڻ ڪاريہ ڪرم ڪوٺائي سنڌي ساهتيہ جي اڏيين ۾ واڌارو ڪرڻ.



واقفيت

نالو: ايم.ٽي. ياٽيہ (مينگھراج ٽيڪمداس ياٽيہ)

جنم تاريخ: ٣١ ڊسمبر ١٩٢٨

تعليم لياقت: ايم.اي. (ارٿ شاستر)

پد: رٽايرڊ ٽيليفون انسپيڪٽر

ائڊريس: 25/508، يانگ ياوڙي، اجمير

فون: 9413950228, 0145-2460766

ساهتيہ بابت: ١٢ ڪتاب لکيل آهن: ڪليڳي رام، ڪنتي، ڪنواري، ڪرفيو (مزاقيہ)، ڳڏي، سوامي، چيتنا، ٻاهريون ڏيکاءُ، ڪير ڪنهنجو، محنتي ٻار، سنگت جو اثر، گھمنڊي پنڊت ۽ هيءُ ڪتاب آئينو.

ٻال ساهتيہ: ١٥٠ ڪان مٿي ٻارن جون ڪهاڻيون، ١٢٥ ڪان مٿي ڪويتائون، ٧٥ ڪتابن تي سمالوچنائون لکيل آهن.

انعام: ٽي دفعا راجستان سنڌي اڪادميءَ ڪان، پهريون، ٻيون ۽ ٽيون دفعو ڪهاڻين تي انعام، راجستان سنڌي اڪادميءَ طرفان سنڌو دوت جو ٢٠٠١ ڪان ٢٠٠٢ تائين سمپادڪ.

ليک: الڳ، الڳ مئگزينن ۽ اخبارن ۾ ليک ڇپيل آهن.

لکيل ڪتاب: گل قل ڏرمي ڪتاب (هالائي دربار جي سنتن جا وچن). هن وقت تائين لکندو ٿو اچان. چار ڪتابن جي پاندوليپي رکيل آهي.

سيمينار: ٢٠٠٨ ۾ هندو سنڌي روزاني طرفان ياٽيہ تي سيمينار ڪيو ويو.